راڳ نامو

فقير صاحب صوفي محمد صديق جو

تحقيق، تصحيح ۽ مقدمو

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڊائريڪٽر پاڪستان نيشنل هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل ريسرچ انسٽيٽيوٽ
۽
وائيس چانسلر اسلامڪ يونيورسٽي
اسلام آباد

شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز
ڀٽ شاهه حيدرآباد سنڌ

۱۴۰۱ه/۱۹۸۱ع

Scanned with CamScanner

راڳنامو

درگاهه شاهه عنايت الله شهيد جهوڪ تي ٿيندڙ راڳ جو يادگار

راڳ جو باني

فقير صاحب محمد صديق رحه صوفي

تصحيح ۽ مقدمو

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
ڊائريڪٽر نيشنل انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل ريسرچ
حڪومت پاڪستان، اسلام آباد

شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز
ڀٽ شاهه حيدرآباد سنڌ

١٤٠١هه / ١٩٨١ع

Scanned with CamScanner

چاپو پهريون] [ڪاپيون هڪ هزار

شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز

ملڻ جو هنڌ

سيڪريٽري ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪميٽي
حيدرآباد سنڌ

هي ڪتاب سردار پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتي حيدرآباد ۾ ڇپيو
۽
عبدالحميد آخوند، اعزازي سيڪريٽري، شاه عبداللطيف ڀٽ شاه
ثقافتي مرڪز ڪميٽي شايع ڪيو.

مهاڳ ـــ ١

هي 'راڳنامو'، فقير صاحب محمد صديق رحه جي شروع ڪرايل راڳ جو يادگار آهي، جنهن جي تحقيق ۽ اشاعت سنڌي ٻولي جي ادب ۽ ثقافت ۾ خاص اهميت رکي ٿي. بنيادي طور ڪلام جو هي ذخيرو 'صدائن' (وائين) ۽ 'بيتن' جي سٽاء سان مختلف سُرن ۾ ورڇي 'راڳنامي' طور مرتب ڪيو ويو، ۽ انهي لحاظ سان سنڌي راڳ جي تاريخ ۾ ان جي هڪ خاص اهميت آهي. ٻيو ته ڪلام جو هي ذخيرو سنڌي آسامي شاعري جي دائري ۾ شامل آهي: اها شاعري جنهن ۾ سنڌ جي روشن ضمير شاعرن خالق ۽ مخلوق جي رشتن، حق ۽ حقيقت جي نُڪتن، انساني اخلاق جي اعليٰ قدرن، ۽ خاص طرح عشق ۽ محبت جي نازڪ ناتن کي پنهنجي پياري ٻولي ۾، پنهنجي ماحول جي مثالن سان، دلپذير نموني ۾ بيان ڪيو آهي.

هن قسم جي ڪلام جا ذخيرا، سنڌي آسامي شاعري جا اهم دستاويز آهن، ۽ ضروري آهي ته اهڙا اهم ذخيرا ڳولي هٿ ڪري شايع ڪيا وڃن ته جيئن سنڌي ٻولي، ۽ سنڌي شاعري جي تاريخ روشن ٿئي. انهي مقصد خاطر، راقم ڪجهه وقت کان وٺي اهڙي تلاش ۽ تحقيق ۾ رڌل رهيو آهي. ڪافي عرصو ٿيو جو مرحوم نواب محمد علي خان لغاري تاجپوري کان هن 'راڳنامي' جي قلمي نسخي جو پتو پيو، ۽ مون کين استدعا ڪئي ته جيڪڏهن اهو نسخو ملي سگهي ته آءٌ ان کي ڪوشش ڪري صحيح نموني ۾ آتاريان ته جيئن اهو ڇپجي سگهي. نواب صاحب مرحوم منهنجو نوق ڏسي اهو قلمي نسخو هٿ ڪري پاڻ آتاريو،

Scanned with CamScanner

۽ پوءِ هڪ ڏينهن اهو آتارو توڙي اصل قلمي نسخو مون کي ڏيکاريائين. مون هڪ ٻه ورق ڀيٽي ڏٺا ۽ معلوم ٿيو ته آتاريندڙ ۾ ايتري لياقت ڪانه هئي جو اصل قلمي نسخي کي صحيح طور سمجهي ۽ صحيح نموني ۾ آتاري. نواب صاحب مرحوم چيو ته: هي قلمي نسخو فوراً ڌڻين کي موٽائي ڏيڻو آهي، پر ان کي ٻيهر صحيح طور آتارڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي. اهو نيڪ مقصد البت پورو ٿي نه سگهيو ۽ نواب صاحب اسان کان جدا ٿي ويو.

ان بعد پنهنجي اُستاد محترم حاجي سومر خان لغاري* کي آماده ڪيم، جنهن کي صوفي شمشاد عباس صاحب جي سفارش سان ۽ جناب عطاءَالله صاحب ستاري (سجاده نشين درگاه جهوڪ) جي مهرباني سان 'راڳنامي' جو اصل قلمي نسخو (جيڪو مون ڪنهن وقت نواب محمد علي خان مرحوم وٽ ڏٺو هو) ملي ويو. حاجي سومر خان اهو نسخو مون کي ڏيکاريو، ۽ پوءِ ڏنل هدايتن موجب اِن کي سهڻي نموني سان نقل ڪيو. انهي نقل کي اصل سان ڀيٽي تصديق ڪئي وئي ته جيئن ڪا به غلطي نه رهي. جيتوڻيڪ ڇاپي ۾ ڏنل متن اصل 'راڳنامي' جي قلمي نسخي مطابق آهي، مگر اصل نسخو ڪن جاين تي صحيح لکيل ناهي، ۽ هن ڇاپي ۾ اهي عبارتون اصل صورتخطي مطابق ئي ڏنيون ويون آهن. البت اسان پنهنجي ڄاڻ موجب آخر ۾ هڪ تفصيلي 'صحت نامو' ڏنو آهي، جنهن ۾ ڇاپي جي غلطين کان سواءِ ڪن اصل لفظن ۽ فقرن جي صحيح صورت ڏانهن پڻ اشارو ڪيو آهي.

'راڳنامي' جي اصلي نسخي کي جانچڻ سان معلوم ٿيو ته جيتوڻيڪ آخر ۾ ڪتاب جو نالو لکيل ڪونهي، مگر ان جي لکجي پوري ٿيڻ جو سنه ڏنل آهي جنهن جو اڌ ڪن ميسارجي

---

* اُستاد حاجي سومر خان ۽ سندس وڏا پُشتان پشت فقير صاحب محمد صديق ۽ سندس سجاده نشينن جا مريد ۽ درگاه شاه عنايت الله شهيد، جهوڪ، جا معتقد آهن.

Scanned with CamScanner

ويو آهي. البت ٻارهن جو انگ ظاهر آهي پر ان کان پوءِ وارا عدد ڊهي چڪا آهن - هن طرح ”......١٢“. ان مان ظاهر آهي ته ’راڳنامي‘ جو هي نسخو ٽيرهين صدي هجري ۾ لکجي پورو ٿيو. گمان غالب آهي ته اهو خود فقير صاحب محمد صديق جي حياتي ۾ (سندس وفات ١٢٦٥هه/١٨٤٨ع) يا ڪجهه پوءِ (پر سنه ٠ ١٣ کان اڳ) لکجي پورو ٿيو.

اميد ته هن قيمتي ڪلام جي ڇپجڻ سان سنڌ ۾ ’روحاني تسڪين واري راڳ‘ جي روايت وڌيڪ روشن ٿيندي، ۽ پڻ سنڌي اساسي شاعري بابت اسان جي موجوده ڄاڻ ۾ اضافو ٿيندو. هي ’راڳنامو‘ توڙي ان ۾ شامل ڪلام، شاه جي راڳ ۽ ’شاه جي رسالي‘ کي پنهنجي نوعِ نموني جي لحاظ سان وڌيڪ ويجهو آهي، بلڪ شاه جي راڳ ۽ رسالي جو آئينو آهي. انهي لحاظ سان شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي ڪميٽي طرفان ان جو ڇپجڻ هڪ نيڪ فال آهي.

ڪميٽي طرفان هن تحقيقي سلسلي جي اشاعت ۾ ثقافتي ڪميٽي جي اعزازي سيڪريٽري محترم عبدالحميد آخوند جيڪا ڪوشش ڪئي آهي سا قابل تعريف آهي.

هن ’راڳنامي‘ جي اصل نسخي هٿ ڪرڻ ۽ ان کي سهڻي نموني سان اتارڻ ۾ استاد حاجي سومر خان لغاري جنهن محبت ۽ محنت سان مدد ڪئي تنهن لاءِ آءٌ سندس بيحد ممنون آهيان. پنهنجي رفيقن مان اُستاد محمد اسماعيل شيخ، محترم ممتاز مرزا ۽ محترم عابد بلوچ جا ٿورا جو هنن ’راڳنامي‘ جي ڇپائي ۽ پروفن پڙهڻ جو بار پنهنجي ذمي ڪيو ۽ ان کي خوش اسلوبي سان پورو ڪيائون.

اسلام آباد
١٣- جمادالثاني ١٤٠١هه
(١٩- اپريل ١٩٨١ع)

خادم العلم
نبي بخش

عنوانن جي فهرست

۰۱ سُر ڏهر ۱
۰۲ سر وهاڳڙو ۱۳
۰۳ سر راڻو ۲۱
۰۴ سر ساموندي ۳۱
۰۵ سر ڪنڀات ۴۱
۰۶ سر ليلان چنيسر ۴۸
۰۷ سر رپ ۵۳
۰۸ سر آسا ۶۰
۰۹ [سر ڪاپائتي] ۶۴
۱۰ سر مارئي ۷۰
۱۱ سر ڪلياڻ ۸۳
۱۲ سر سهڻي ۱۰۴
۱۳ سر گهاتو ۱۱۲
۱۴ سر ڌناسري ۱۱۷
۱۵ سر موکي ۱۲۵
۱۶ سر سسئي ۱۳۲
۱۷ سر سارنگ ۱۶۳
۱۸ سر سورٺ ۱۷۵

Scanned with CamScanner

۱۹۔ سر کیڈارو ۱۸۷
۲۰۔ سر سوزڑو ۱۹۸
۲۱۔ سر شینہ کیڈارو ۱۹۹
۲۲۔ سر کاہوڑي ۲۰۲
۲۳۔ سر بلاول ۲۱۲
۲۴۔ سر پورب ۲۱۹
۲۵۔ سر کاموڈ ۲۲۸
۲۶۔ سر کارایل ۲۳۷
۲۷۔ سر بروو ۲۴۴

Scanned with CamScanner



فقيرِ صاحب صوفي محمد صديق جو مقبرو

آهُر شريف

(ڳوٺ صوفي فقير، تعلقو عمرڪوٽ)

Scanned with CamScanner

باسمه تعاليٰ

مقدمه

هيءُ 'راڳنامو'، فقير صاحب صوفي محمد صديق سومري اڄ کان ڏيڍ سؤ سال اڳ پنهنجن مرشدن جي درگاه 'ميران پور' تي روحاني راڳ جي رسم کي قائم ڪندي يادگار طور ڇڏيو آهي. ميران پور عرف جهوڪ (تعلقو ميرپور بٺورو، ضلعو ٺٽو) جي درگاه جو باني عالم ۽ عارف، صوفي باصفا، قادري طريقي جو علمبردار، صاحب توڪل ۽ خوددار عنايت الله شاه (بن مخدوم فضل الله بن مخدوم محمد يوسف بن مخدوم ابراهيم قتال بن مخدوم شهاب الدين بن مخدوم عجائب الدين بن مخدوم صدرالدين) هو، جيڪو ان وقت ٺٽي ۾ مقرر مغلن جي صوبيدار ۽ مقامي زميندارن جي سازش سان ١٦- صفر سنه ١١٣٠ھ (١٧١٨ع) تي شهيد ٿيو. "شاه شهيد" کان پوءِ سندن فرزند صوفي عزت الله (وفات ١١٨٧ھ) سجاده نشين ٿيو، ۽ شهادت واري سال کان اندازاً هڪ سؤ سال پوءِ سنه ١٢٢٩ھ ۾ صوفي فضل الله شاه هن سلسلي جو سجاده نشين ٿيو، جنهن پنهنجي زهد ۽ عبادت، فيض ۽ هدايت سان 'شاه شهيد جي درگاه' جو نالو روشن ڪيو.

صوفي فضل الله شاه قلندر

صوفي فضل الله شاه (بن صوفي محمد زاهد)، سجاده نشين صوفي ابراهيم شاه جي وفات (٢١- محرم ١٢٢٩ھ) بعد سجاده نشين ٿيو، ۽ ٢٧- جمادالثاني ١٢٤٣ھ تي وفات ڪيائين. فقير قادربخش بيدل هيٺيون تاريخي قطعو منظوم ڪيو:

Scanned with CamScanner

بجستم سال معراجش دلم گفت:
"موحد، عين حق، منصور ثاني"
۱۲۴۳

صوفي فضل الله شاه وڏي حال وارو اهل دل درويش هو. تقويٰ ۽ توڪل جو صاحب هو، ۽ سندس قلندري صفات سببان 'قلندر' جي لقب سان سڏبو ويو. فضل الله شاه قلندر سلوڪ ۽ طريقت، اذڪار ۽ افڪار کان باخبر هو؛ سندس ملفوظات ۽ سالڪانه نُڪات کي سندس ڀاءُ صوفي نورالله فارسيءَ ۾ 'ارشاد نامي' جي نالي سان مرتب ڪيو. 'ارشاد نامو' صوفي فضل الله شاه قلندر جي علم ۽ فضل جو آئينو آهي.

هن صاحب سندس سجاده نشيني جي پندرهن سالن (۱۲۲۹-۱۲۴۳هه) واري عرصي ۾ صوفي قادري طريقي جي روشني ۾ اسلامي اخوت ۽ محبت جي تعليم کي پنهنجن مريدن ۽ معتقدن ۾ عام ڪيو. چئن شخصن تي سندس تربيت جو خاص اثر پيو: محمد صديق سومرو، حافظ قاضي عبدالله (مدفون ميرواه گورچاڻي)، فتح الدين شاه جهانيان پوٽو، ۽ موٽيو حجام. اهي چار ئي فيضياب ٿي شاه قلندر جا خاص خليفا ٿيا. جيڪو اڳ 'محمد صديق سومرو' هو، سو هاڻي نه فقط سيني ۾ وڏو ۽ ڀارو خليفو ٿيو، پر شاه قلندر جي روحاني تربيت سببان پاڻ فيض جو صاحب ٿي پيو، ۽ پنهنجن مريدن ۽ معتقدن ۾ "فقير صاحب" ۽ "صوفي صادق شاه" جي خطابن سان مشهور ٿيو.

فقير صاحب محمد صديق: صوفي صادق شاه

فقير صاحب محمد صديق رحه، شاه عبداللطيف جي وفات (۱۱۶۵هه) کان پنج سال پوءِ ۱۱۷۰ هجري (۱۷۵۶ع) ۾ ڄائو. فقير صاحب جي زندگي جو سربستو احوال، خاص طرح سندس

اوائلي زندگيءَ جو تفصيلي احوال اڃان تحقيق طلب آهي(١). فقير صاحب جو قبيلو سومرن جي مشهور پاڙي ’متڻو‘ مان هو، جيڪي غالباً سنڌ جي سومرن حڪمرانن جي اولاد مان آهن. فقير صاحب جي پنهنجي پُڙي جي روايت هن طرح آهي: فقير صاحب محمد صديق بن ميان دين محمد بن جلال الدين بن سعيد فقير بن محمد بن اسماعيل بن اسحاق بن محمد بن ڀيڻهُ بن معروف بن متڻو بن دودو پهريون بن ڀيڻهُ بن دودو ٻيو بن خفيف بن ڪارو دودو بن يونگر راءِ بن سومر راءِ عرف سومرو.

فقير صاحب سنڌ جي ٽالپور اميرن جي اوائلي حڪومت واري دور ۾ جوانيءَ جي پور ۾ آيو. سندس ڪلام ۽ تصنيف مان اندازو ٿئي ٿو ته وقت جي رواج موجب کيس قرآن شريف ۽ فارسي جي مڪتبي تعليم سٺي ملي. پر هي نوجوان سرڪش ٿي ساماڻو ۽ ڌاڙا هڻيائين ۽ ڏاڍ مڙسي ۾ نالو ڪڍيائين. غالباً چاليهن سالن جي عمر کان پوءِ جوانيءَ جي موٽ بعد سندس طبيعت فقيري ڏانهن مائل ٿي. سندس وڏا اڳ ئي فقيري حال وارا هئا: سندس ڏاڏو فقير جلال الدين، شاه عنايت الله شهيد جو مريد هو، پر سندس والد فقير دين محمد، بلڙي وارن بزرگن جو مريد ٿيو. فقير محمد صديق وري ’ميران پور‘ جي درگاهه ڏانهن موٽ کاڌي، جتي کيس خاص الخاص فيض صوفي فضل الله شاه قلندر کان مليو، جنهن کيس ڏها ڪيايا ۽ مجاهدا ڪاٽايا، جن سندس اندر کي اجاري اڇو ڪيو. هو اڳئي همت ۽ حوصلي وارو هو پر هاڻي سندس ڏاڍ مڙسي ۽ سرڪشي، سلوڪ ۽ طريقت وارن مجاهدن ۽ پنهنجي نفس سان مقابلن ۾ بدلجي وئي. فضل الله شاه قلندر جي سجاده نشيني وارا پندرهن سال فقير صاحب جا غالباً ’ميران پور‘ ۾ مرشد جي حاضري ۾ گذريا

---

(١) فقير صاحب جي سوانح ۽ ڪلام بابت جناب راج محمد ٻلي جو مضمون ”صوفي صادق فقير“ بهترين ڪامياب ڪوشش آهي. ڏسو رسالو ’مهراڻ‘، ڏهه - ساله نمبر (خاص ١٩٥٥-١٩٦٥ع)، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ.

۽ انهي عرصي ۾ فقير صاحب پنهنجي نفس سان ڪا وڏي ڪامياب جنگ جوٽي، جنهن جو عڪس 'سُر ڪيڏاري' ۾ نظر اچي ٿو.

سنه ١٢٤٣ھ (١٨٢٧ع) ۾ سندس مرشد صوفي فضل الله شاه قلندر وفات ڪئي. فقير صاحب جي لاءِ هي هڪ وڏو صدمو هو، جنهن هميشه لاءِ سندس دل ۾ درد جاڳائي ڇڏيو. هن صدمي کان پوءِ، فقير صاحب پنهنجي مرشد واري واٽ ورتي، جيئن کيس وڏائنس فيض مليو هو تيئن ٻين کي انهي فيض مان ٻهرور ڪرڻ جو ارادو ڪيو. انهي مقصد خاطر هاڻي گهڻو وقت 'ميران پور' بدران پنهنجي ڳوٺ 'آهُر' (موجوده ڳوٺ صوفي فقير، تعلقو عمرڪوٽ) ۾ رهڻ لڳو جتي پنهنجي خانقاه قائم ڪيائين. سندس رعبدار شخصيت، ۽ آن سان گڏ توڪل، زهد ۽ عبادت ماڻهن جي دلين تي وڏو اثر ڪيو، ۽ سندس مريدن جو دائرو گهڻو وسيع ٿيو. 'آهُر' ۾ رهڻ بعد به پنهنجي مرشدن جي درگاه 'ميران پور' جي حاضري ۽ خدمت کي دائم قائم رکيائين. فضل الله شاه قلندر جي وڏي خليفي جي حيثيت ۾ 'ميران پور' جي وڏن سجاده نشينن به فقير صاحب جو احترام ڪيو. حقيقت ۾ شاه قلندر جي وفات بعد فقير صاحب محمد صديق ڏي 'ميران پور' جي صوفي قادري طريقي جو اڳواڻ ٿي رهيو، ۽ 'صوفي صادق شاه' جي لقب سان مشهور ٿيو. فقير صاحب 'ميران پور' جي معتقدن توڙي پنهنجن مريدن ۾ عزت ۽ احترام واري انهي اعليٰ مقام تي باقي زندگي جا ويهه - ٻاويهه سال پورا ڪري، سنه ١٢٦٥ھ (١٨٤٩ع) ۾ پنهنجي ڳوٺ 'آهُر' ۾ وفات ڪئي، جتي سندس مقبرو آهي ۽ هر سال سندس مريدن ۽ معتقدن جو اجتماع ٿيندو آهي ۽ ميلو لڳندو آهي. فقير صاحب کي چار فرزند ٿيا جن مان ٽن جو اولاد موجود آهي (١). خود فقير صاحب جي پنهنجي خانقاه جي

---

(١) ڏسو شامل شجرو.

سجاده نشينيءَ جو سلسلو پڻ هلندو اچي ٿو، ۽ هن وقت صوفي خدا دوست سجاده نشين آهي.

فڪر ۽ فيض جون اعليٰ امانتون جيڪي فقير صاحب پنهنجي پويان ڇڏيون، تن مان ٽي موجود آهن: هڪ فقير صاحب جو پنهنجو ڪلام، ٻيو فقير صاحب جو تصنيف ڪيل 'دردنامو' ۽ ٽيون سندس مرتب ڪيل هي 'راڳنامو'. فقير صاحب بيتن ۽ واين جي صورت ۾ گهڻو ئي ڪلام چيو جيڪو سڄو محفوظ نه رهيو آهي(١). صوفي فضل الله شاه قلندر واري دور (١٢٢٩-١٢٤٣هه) کان غالباً اڳ توڙي پوءِ پنهنجي حياتي واري دور ۾ فقير صاحب گهڻو ڪلام چيو. هڪ روايت موجب، شاه قلندر کان ڪنهن پڇيو ته: سائين، اوهان به ڪو ڪلام چيو آهي؟ جواب ڏنائون ته: ابا، اسان جو زنده رسالو صادق فقير اوهان جي اڳيان موجود آهي(٢).

سلوڪ ۽ طريقت ۾ فقير صاحب جو تصنيف ڪيل 'دردنامو' خاص اهميت رکي ٿو. غالباً پنهنجي مرشد صوفي فضل الله شاه قلندر جي ملفوظات 'ارشاد نامي' کان متاثر ٿي 'دردنامو' تصنيف ڪيائين، جنهن ۾ "صوفي صادق شاه" واري سندس رتبي جي جهلڪ نظر اچي ٿي. 'دردنامي' توڙي فقير صاحب جي ڪلام جي تفصيلي جائزي لاءِ وڏي مطالعي جي ضرورت آهي: في الحال اسان جو موضوع 'راڳنامو' آهي، جنهن تي مختصر طور هيٺ روشني وڌي وڃي ٿي.

---

(١) فقير صاحب جي ڪلام جا هڪ کان وڌيڪ قلمي مجموعا اسان جي نظر مان گذريا آهن. تحقيق ۽ تلاش سان سندس ڪلام جو ڪافي ذخيرو سهيڙي سگهجي ٿو. هن ڏس ۾ محترم راڄ محمد ڀلي جي ابتدائي ڪوشش غنيمت آهي.

(٢) محترم راڄ محمد ڀلي جو مضمون "صوفي صادق فقير"، اڳئين حوالي موجب، رسالو مهراڻ، ص ٢٥٩

راڳنامو

سنڌي راڳ جي تاريخ جي هڪ خاص سلسلي، راڳ جي هڪ رسالي، ۽ آڳاٽي سنڌي ڪلام جي هڪ مکيه ذخيري جي لحاظ سان هي ’راڳنامو‘ خاص اهميت رکي ٿو ۽ هيٺ انهن ٽن پهلوئن تي قدري وڌيڪ روشني وڌي ويندي.

(الف) راڳ جي تاريخي روايت: هي ’راڳنامو‘ سنڌ ۾ سماع ۽ قلبي تسڪين واري راڳ جي تاريخي روايت جو هڪ مکيه باب آهي. صوفين بزرگن وٽ ’سماع‘ جو سلسلو حق ۽ حقيقت ڏانهن مائل ڪندڙ پاڪيزه جذبن، ۽ قلبي سرور ۽ سڪون وارن احساسن، پيدا ڪرڻ خاطر شروع ٿيو (١). سنڌ ۾ ستين صدي هجري کان وٺي سماع ۾ راڳ جو سلسلو وڌيو، جيڪو ڏهين کان وٺي تيرهين صدي هجري وارن ڇهن سون سالن جي دور ۾ اوج ۽ عروج کي پهتو. ٻارهين صدي هجري ۾ حضرت شاه عبداللطيف رحه جي دلپذير ڪلام ۽ ان کي باقاعدي ڳائڻ سان ’شاه جي راڳ‘ جو بنياد پيو. ان سان گڏ ڪلام جي انهي ذخيري کي هڪ رسالي يا ڪتاب جي صورت ۾ لکي گڏ ڪيو ويو. پنجاه سال کن پوءِ اندازاً ١٢١٠-١٢٥٠ھ واري عرصي ۾ ’شاه جي رسالي‘ کي خاص طرح راڳ جي لحاظ سان سُرن ۽ داستانن ۾ ورهايو ويو. اهو پهريون ’راڳنامو‘ هو، جيڪو سنڌ ۾ مرتب ٿيو. انهي کان پوءِ ٿوري عرصي بعد فقير محمد صديق رحه جي شروع ڪرايل راڳ ۽ ان راڳ ۾ ڳايل ڪلام بابت ’راڳنامو‘ تاليف ڪيو ويو، ۽ انهي لحاظ سان سنڌي راڳ جي تاريخي روايت ۾ هي

---

(١) سنڌ ۾ سماع ۽ قلبي تسڪين واري راڳ جي تاريخي سلسلي جي تفصيل لاءِ ڏسو ”سنڌي موسيقي جي مختصر تاريخ“ (ڇپايل شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي ڪميٽي، ڀٽ شاه، ١٩٧٨ع): باب پنجون، ڇهون ۽ ٻارهون.

'ٻيو راڳنامو' هو جيڪو شاهه جي رسالي واري 'راڳنامي' کان پوءِ مرتب ٿيو.

جهوڪ جي درگاهه جو باني متباني صوفي شاهه عنايت الله شهيد رحه قادري طريقي جو بزرگ هو، انهيءَ لحاظ سان، سندس حياتي واري عرصي ۾، سندس حاضري ۾ توڙي سندس فقيرن ۾، قادري طريقي جو 'ذڪر' هلندڙ هوندو. سندس شهادت (١١٣٠هه) کان ٨ سال کن پوءِ سندس فرزند صوفي عزت الله شاهه درگاهه تي مولودن جي سماع جو سلسلو (صفر مهيني جي ١٨- تاريخ جي رات) شروع ڪرايو، جيڪو اڄ تائين هلندو اچي (١). صوفي فضل الله شاهه قلندر جي سجاده نشيني واري دور (١٢٣٠-١٢٤٣هه) ۾ سندس پياري خليفي محمد صديق سومري، شاهه شهيد جي درگاهه تي راڳ جو سلسلو شروع ڪرايو.

فقير صاحب ٻن قسمن جي راڳ جو بنياد وڌو: هڪ درگاهه جو راڳ، جنهن کي 'سماع' سڏيو ويو ۽ جيڪو درگاهه تي ڳايو ويو، ۽ ٻيو مرشد جي 'حاضري جو راڳ' جيڪو سجاده نشين مرشد آڏو ڳايو ويو. 'سماع' بنا ساز سرود جي، ۽ 'حاضري جو راڳ' سازن سرودن تي ڳايو ويو. فقير صاحب محمد صديق جي وقت ۾ ڪهڙا ۽ ڪيترا فقير 'سماع' ۾ شامل ٿيندا هئا سو معلوم ناهي. چون ٿا ته فقير صاحب پاڻ به هوندو هو پر سائس نوازو فقير (غالباً ڪورڪائي بلوچ) 'سماع' جو راڳائي اڳواڻ هو. ساڳئي وقت شيرو فقير مڱڻهار سارنگي وارو 'حاضري جي راڳ' جو ڳائڻو هو. هن پوئين دور ۾ جنهن نموني سان 'سماع' پڙهي

---

(١) اندازاً ١٩٦٠ع ڌاري يا ان کان ڪجهه پوءِ فقير محمد وارث مرحوم پنهنجي آخري عمر ۾ ١٨ تاريخ جي رات بدران ١٧ تاريخ جي رات مولودن جو شغل شروع ڪرايو، ۽ هاڻي مولود ١٧ تاريخ جي رات ئي پڙهجن ٿا.

ٿيو آهي، سو هن طرح آهي (۱).

- راڳ جي جاءِ شروع ۾ انهي ٿلهي تي ڪيائون جتي چون ٿا ته شاهه شهيد جو جسد آڻي رکيو هئائون، جيستائين جو مرقد تيار ٿئي. اها ٿلهي هن وقت شاهه شهيد جي مقبري جي آڏو ايوان جي ديوار کان به ٻاهر آهي. ٻهارو سال کن ٿيا، جو جڏهن نئون مقبرو ۽ نئون ايوان تيار ٿيا، تڏهن راڳ جي جاءِ به مٽايائون، يعني ته ٿلهي جي بدران راڳ اندر ايوان ۾ ڪيائون.
- راڳ ’صدا‘ سان شروع ڪندا، يعني ته سُر جي بيتن کان پهريائين ’صدا‘ (وائي) ڳائيندا. انهيءَ پهرين صدا کي ’صدا اول‘ چون ۽ ’سُر‘ جي خاتمي واري آخري صدا کي ’پوئين صدا‘ چون.
- صدا کان پوءِ، اڳواڻ فقير بيت جي سٽ سٽ ڪري پڙهندو، ۽ ساڳئي وقت پاسي وارو ساٿي فقير به اڳواڻ جي پويان هر سٽ اثرائتي آواز ۽ الحان سان پڙهندو. پوءِ ڪجهه اڳواڻ فقير پڙهندو، ۽ ان بعد ٻيو ساٿي ساڳيءَ طرح هر بيت اڳواڻ جي پويان پڙهندو. اهڙيءَ طرح سڀ راڳائي فقير واري واري سان بيت پڙهندا.
- سالياني عرس (ميلي) تي راڳ ڇهه ’ويلا‘ (وقت) ٿيندو ۽ انهن ڇهن ويلن تي هيٺيان جدا جدا سر ڳائبا.

پهريون ڏينهن

پهريون ويلو، ۱۷ صفر جو صبوح: سر ڏهر، سر وهاڳ، سر راڻو.

---

(۱) هي احوال اسان کي استاد حاجي سومر خان لغاري (عمر ۷۲ سال) جي معرفت مليو. حاجي سومر خان وارا پشتاپشت فقير صاحب محمد صديق جا مريد ۽ جهوڪ جي صاحبن جي درگاه جا معتقد آهن.

Scanned with CamScanner

ٻيو ويلو، ١٨ صفر واري رات: سر سامونڊي، سر ڪنڀات، سر سهڻي۔

ٻيو ڏينهن

ٽيو ويلو، ١٨ صفر صبوح: سر رپ، سر آسا، سر مارئي۔

چوٿون ويلو، ١٩ صفر واري رات: سر ڪلياڻ، سر ليلا چنيسر، سر گهاتو، سر ڪاموڏ، سر ڪارنيهر ۽ سر بسنت۔

ٽيو ڏينهن

پنجون ويلو، ١٩ صفر جو صبوح: سر ڌناسري، سر موڪي، سر سارنگ۔

ڇهون ويلو، ٢٠ صفر واري رات: سر سسئي، سر سورٺ، سر ڪيڏارو ۽ سر بلاول۔

شروع کان وٺي اهي ڇهه ويلا راڳ جا قائم هئا، پر پوئين دور ۾ سواري (موٽر ۽ لارين) جي سهولت سببان ١٩- صفر جي صبوح واري ويلي کان پوءِ فقير درگاه تان موڪلائي واپس ورڻ لڳا؛ انهي ڪري ٢٠- صفر واري رات جي ڇهين ويلي جو راڳ ٻين پنجن ويلن ۾ ورهايائون ۽ اهو ڇهون ويلو ختم ڪيائون؛ انهيءَ ڪري هاڻي فقط پنج ويلا راڳ ٿئي ٿو۔ اندازاً ١٩٣٠ع ڌاري پندرهن سورهن فقير راڳ ۾ ڪڏ ويهندا هئا، ۽ ان وقت طيب فقير راڳ جو اڳواڻ هو، جيڪو وچ ۾ ويهندو هو۔

(ب) راڳ جو رسالو يا راڳنامو: اسان مٿي چئي آيا آهيون ته فقير صاحب محمد صديق راڳ جو هي سلسلو پنهنجي مرشد صوفي فضل الله شاه قلندر جي سجاده نشيني واري دور ۾، يعني ١٢٣٠-١٢٤٣ھ وارن تيرهن سالن جي عمر ۾ شروع ڪرايو۔ زباني روايت ائين ٿي آهي۔ ان کان سواءِ هن راڳنامي ۾ فقير صاحب جا شاه قلندر بابت چيل ڪي اهڙا بيت موجود آهن

جيڪي شاه قلندر جي حياتيءَ ۾ چيا ويا هوندا. مثلاً سر راڻي جو هيٺيون (نمبر ٥٤) بيت:

آڀرندان تي آيرهو، ڪري ڳيڙو ڳل
هادي هدايت جو، ڪونهي سندس مل
’صادق‘ ڳالهه ۾ سئل، فضل الله شاه فقير جي.

يا ڌناسريءَ جي بيتن (نمبر ١١٩-١٢٣) مان هيٺيون بيت:

نم نوراني پير جا، نمن وسي نور
قلندر شاه ڪرم سين، ڏٺي پرهو پرپور
تيهان پرايو پور، وڻ ٻه اچن واسيا.

سر ڪنيات جي آخري صدا ۾ جيڪو سوز سمايل آهي، سو غالباً مرشد جي فراق يعني شاه قلندر جي وفات (١٢٤٣هه) جو نتيجو آهي:

”صادق سور پرين جا اندر روح رهيا“.

بهرحال اهو دور، جڏهن فقير صاحب راڳ شروع ڪرايو، پٽ شاه تي ”شاه جي راڳ“ جي اوج ۽ عروج وارو دور هو. فقير صاحب، شاه صاحب جي راڳ جي رسالي توڙي ’شاه جي راڳ‘ جي سلسلي کان باخبر هو. فقير صاحب پنهنجي مرشد جي درگاه تي جيڪو سماع جو سلسلو قائم ڪيو تنهن ۾ دنبوري جي وڄت کي شامل ڪونه ڪيائين، پر ’شاه جي راڳ‘ ۾ استعمال ٿيندڙ دنبوري کان پاڻ پوري طرح واقف هو. ’سر وهاڳڙي‘ جي هيٺين بيت (نمبر ٣٩) ۾ دنبوري جي ٽن تندن (زبان، گهور ۽ ٽيپ) کان سواءِ ’جاڙين‘ جو نالو آندو اٿس جيڪي پهريائين ’شاه جي راڳ‘ واري دنبوري ۾ ٿي رکيون وڃون:

دل دنبورو درد جو، پورو وڄاه پريات
۾ ڏج زور ’زبان‘ تي، اي وڄائون وات
’گهور‘ گهورڻ، ’ٽيپ‘ ٽوڙڻ، ڇن ’جاڙين‘ جي جتمات
سمهي سڄي رات، ڪوه لنگها ڏينهن لڄائين.

فقير صاحب حال جو صاحب هو ۽ ڪيس شاه صاحب جي بيتن ۽ واين ۾ سمايل فڪر ۽ سوز جي پوري پروڙ هئي. انهيءَ ڪري ئي فقير صاحب پنهنجي قائم ڪيل راڳ جي سلسلي ۾ 'شاه جي رسالي' مان گهڻي ۾ گهڻو ڪلام ڳارايو، جيڪو هن 'راڳنامي' ۾ پڻ شامل آهي.

باوجود انهيءَ جي، فقير صاحب محمد صديق پنهنجي قائم ڪرايل راڳ جي سلسلي ۾ 'شاه جي راڳ' کان الڳ ڪي نيون ڳالهيون آنديون، جيئن ته: راڳ ۾ دنبوري کي شامل ڪونه ڪيائين؛ 'وائي' جي بدران 'صدا' جو اصطلاح رائج ڪيائين؛ شاه جي راڳ ۾ 'وائي'، سُر يا داستان ۾ شامل بيتن آلاپڻ بعد آخر ۾ ڳائبي هئي، پر فقير صاحب 'صدائون' بيتن کان اڳ سُر جي شروع ۾ توڙي آخر ۾ ڳارايون. هن 'راڳنامي' جي قلمي نسخي ۾ ڪن سرن جي شروع ۾ ئي گهڻيون ئي ڪي صدائون لکيل آهن؛ انهي ڪري چئي نٿو سگهجي ته فقير صاحب جي وقت ۾ ڪيتريون 'صدائون' پهريائين پڙهي پوءِ سُر جا بيت پڙهندا هئا. هن پوئين ويجهي دور ۾ اڪثر هڪ 'صدا' چوڻ بعد بيت پڙهيا آهن، ۽ اسان هن ڇاپي ۾ پڻ اهو سلسلو قائم رکيو آهي. فقير صاحب پنهنجي راڳ ۾ ڪي نوان سُر شامل ڪيا، جيئن ته 'وهاڳڙو' ۽ 'موڪي'؛ انهن جو مضمون جيتوڻيڪ 'شاه جي رسالي' ۾ موجود هو، مگر 'شاه جي راڳ' ۾ اهي سر انهن نالن سان ڪين ڳايا ويا. فقير صاحب جي وقت ۾ 'شاه جي راڳ' جي شروعات 'سر ڪلياڻ' سان ٿيندڙ هئي، پر فقير صاحب 'سر ڏهر' سان راڳ جي شروعات ڪرائي، ۽ ٻيا سر پڻ 'شاه جي راڳ' وارن سرن جي سلسلي کان الڳ سلسلي موجب ڳارايا.

راڳ جو بنياد فقير صاحب وڌو، ۽ سندس پنهنجي حياتي ۾ توڙي ڪانئس پوءِ راڳ جو اهو سلسلو هلندو آيو. راڳ جڏهن

شروع ٿيو هوندو تڏهن کي ٿوريون صدائون ۽ ٿورا بيت پڙهيا ويا هوندا. جيئن وقت گذرندو ويو تيئن وڌيڪ ڪلام ۽ وڌيڪ سر ڳايا ويا. جيڪڏهن ائين تسليم ڪجي ته صوفي شاه قلندر جي سجادگي واري عرصي جي وچ ڌاري يعني ته اندازاً ١٢٣٦هه ڌاري فقير صاحب راڳ شروع ڪرايو ته ان کان پوءِ وهندي فقير صاحب محمد صديق جي وفات واري سال ١٢٦٥هه تائين اندازاً ٽيهه ساليانه عرس ٿيا هوندا ۽ ٽيهه ڀيرا اهو ‘سماع’ وارو راڳ فقير صاحب محمد صديق جي موجودگي ۾ ڳايو ويو هوندو. ان وقت تائين ڪلام جو ڪيترو ذخيرو ڳايو ويو، ڪيئن درجي بدرجي ان جو انتخاب ڪيو ويو، ۽ ڪهڙي سال هي سڄو ‘راڳنامو’ موجوده ترتيب موجب قلمبند ڪيو ويو، سو معلوم ناهي. موجوده قلمي نسخي جي پويان سنه ٻارهن سؤ (١٢٠٠هه) صاف لکيل آهي؛ البت باقي آڌو ڏهاڪن وارو انگ ميسارجي ويو آهي. ان مان ٻه نتيجا نڪرن ٿا: پهريون ته راڳ شروع ٿيڻ بعد هي ‘راڳنامو’ بالڪل انهيءَ موجوده صورت ۾ خود فقير صاحب محمد صديق جي حياتي واري باقي عرصي (١٢٣٦-١٢٦٥هه) ۾ مرتب ڪيو ويو؛ ٻيو ته موجوده صورت ۾ ‘راڳنامو’ فقير صاحب جي وفات بعد سنه ١٣٠٠هه کان اڳ واري عرصي (١٢٦٦-١٢٩٩هه) ۾ فقيرن مرتب ڪيو. جيڪڏهن ‘راڳنامو’ خود فقير صاحب پاڻ پنهنجي حياتي واري دور ۾ مرتب ڪيو ته پوءِ اهو اصلي نسخو غالباً وڃائجي ويو، ۽ فقيرن پوءِ هي موجوده ‘راڳنامو’ پنهنجي يادگيري يا ڪن ٻين ذخيرن جي آڌار تي دوباره جوڙي راس ڪيو. ٻيءَ صورت ۾، پهرئين توڙي پوئين دور ۾، ‘راڳنامو’ فقير صاحب پاڻ نه، پر فقيرن لکي گڏ ڪيو. ‘راڳنامي’ جي موجوده قلمي نسخي جي مطالعي مان اهو ئي نتيجو نڪري ٿو. فقير صاحب محمد صديق رحه جي پنهنجي ڪلام توڙي سندس تصنيف ڪيل ‘دردنامي’ مان ظاهر آهي ته فقير صاحب پاڻ وڏي

ڄاڻ وارو هو، ۽ انهيءَ ڪري اهي ڪوتاهيون جيڪي هن ‘راڳنامي’ جي ترتيب توڙي متن ۾ موجود آهن، سي يقيني طور ڪاتب ڪين ٿيون هونديون. مثلاً:

(الف) ترتيب جي لحاظ سان ‘ڪاپائتي’ جي مضمون وارا بيت سڀ ‘سر آسا’ هيٺ رکيا ويا آهن، حالانڪ ‘ڪاپائتي’ جو موضوع ۽ مضمون آڳاٽي وقت کان وٺي مشهور رهيو آهي ۽ جيڪڏهن فقير صاحب پاڻ ‘راڳنامي’ جي هن حصي کي مرتب ڪري ها ته ‘سُر آسا’ جدا ۽ ‘سر ڪاپائتي’ جدا ڪري رکي ها. موجوده ڇاپي ۾ صفحي ٦٤ (بيت نمبر ٢٧) کان وٺي ڪاپائتي جو موضوع شروع ٿئي ٿو ۽ سواءِ ڇهن بيتن جي (٤١، ٥٢، ٥٣ ۽ ٦٧) باقي ٻيا سڀ بيت، ويندي نمبر ٦٨ تائين آخري صدا سميت، ڪاپائتي جي مضمون جا آهن. ٻيو ته ‘سر ڪيڏاري’ کان پوءِ پنج بيت ”سر سوزڙو“ جي نئين عنوان هيٺ رکيا ويا آهن، حالانڪ اهي به ‘ڪيڏاري’ جي مضمون جا آهن، ۽ ‘سوزڙو’ (سوز وارو) به ڄڻ ‘ڪيڏاري’ جو ئي ٻيو نالو آهي.

(ب) ترتيب کان وڌيڪ، ‘صدائن’ ۽ بيتن جي پڙهڻين ۾ غلطيون آهن. ڪيترين ئي صدائن ۾ ٽله ۽ مصراعن جا قافيا پاڻ ۾ نٿا ملن (١). ڪاتب جنهن هي ‘راڳنامو’ لکيو سو معنيٰ جو ڄاڻو ڪونه هو؛ صدائون جيئن ئي ڳائيندي ٻڌائين تيئن لکيائين؛ ڳائڻ وقت ٽله ۾ آٿل

---

(١) مثلاً، ٽيون نمبر صدا، صفحو ٣٠؛ پهرين ۽ ٻي صدا، ص ٣٩؛ ٽيو نمبر صدا، صفحو ٤٠؛ پهرين صدا، صفحو ٤٨؛ ٻي صدا صفحو ٥٨؛ آخري صدا، ص ١٥٨؛ آخري صدا، صفحو ١٩٦؛ ۽ صدا، صفحو ٢١٨.

پٽل ٿئي ٿي ۽ الفاظ اڳتي پوئتي ٿين ٿا، انهيءَ ڪري انهن مان ڪو لفظ ڪٿي رهجي ويو ته معنيٰ ميسارجي وئي. ڪي صدائون جيئن لکيون ويون آهن تن سان اهو ئي حال ٿيو آهي (مثلاً ڀيرين صدا، صفحو ٣٩). صفحي ١٠١ واري آخري صدا ۽ صفحي ١٠٢ واري ڀيرين صدا، غالباً اصل ۾ هڪ ساڳي صدا هئي، جنهن کي ڪاتب ٻن حصن ۾ ونڊي ٻه جدا صدائون بڻائي ڇڏيو. صفحي ٢٢٨ تي سُر ڪاموڏ جي صدا جو ڪو مُنهن مٿو ڪونهي؛ غالباً ڪاتب ٻن ٻيا رديڪ صدائن کي گڏي ڇڏيو آهي. صفحي ٢٣٨ تي 'سُر ڪارايل' جي صدا جي تلهه جو آخري لفظ (قافيو) اصل ۾ غالباً 'سات' هو جنهن کي ڪاتب 'سانگ' ڪري لکيو آهي. صفحي ٢٤٣ تي ڀيرين صدا جون ڀيريون ٻه سٽون غالباً هيٺ ڏنل ٽيو نمبر صدا جو حصو آهن، جن کي غلطي مان ڇني ڌار ڪيو ويو آهي. ڪن ٻين شاعرن جون صدائون حاضري جي فقيرن کي جيئن ياد هيون تيئن لکيون ويون، جنهن ڪري پڙهڻي جي غلطي سببان معنيٰ ۾ مونجهارو رهجي ويو. صفحي ٣٨ تي درويش "ڦتو" جي وائي جو اهو حال آهي. ٻيتن ۾ پڻ لفظن، فقرن يا سٽن جي غلط پڙهڻي جا مثال موجود آهن. جيئن اصل لکيل هو ڇاپي ۾ به ائين ئي رکيو ويو آهي. البت ڪتاب جي آخر ۾ اسان 'صحت نامو' شامل ڪيو آهي، جنهن ۾ صحيح پڙهڻين ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي.

مٿين مختصر وچور مان انهي نتيجي تي پهچجي ٿو ته هي 'راڳنامو' فقير صاحب پاڻ ڪونه مرتب ڪيو، پر فقيرن گڏ

ڪري لکيو. مثلاً سر ڌناسري جو هيٺيون بيت ڪنهن فقير ٿي ان وقت چيو هوندو، جيڪو پوءِ ‘راڳنامي’ ۾ آندو ويو.

ونءُ طالب طلب پٺي، پکن ڏيٺي پاه
گوهر غريبن جو، ‘صادق’ آهي شاه -
ڏيکاري سا راه، جا پيغمبر پيدا ڪئي.

شامل ڪلام جو ذخيرو: ‘فقير صاحب جو راڳنامو’ اعليٰ اساسي شاعري توڙي آڳاٽي روايتي شاعري جو هڪ قيمتي ذخيرو آهي ۽ انهي لحاظ سان ‘شاه جي راڳنامي’ (رسالي) کان پوءِ هڪ خاص ادبي اهميت رکي ٿو. ‘شاه جو راڳنامو’ هن جو مکيه ماخذ ۽ مثالي سرچشمو آهي، انهيءَ ڪري هن ۾ شامل ‘ٻاهرئين ڪلام’ جو وڏو حصو ‘شاه جي رسالي’ مان کنيل آهي، ۽ ٻئي نمبر تي ٻين آڳاٽن يا معاصر شاعرن جو ڪلام ان ۾ شامل آهي. ‘راڳنامي’ جو مکيه حصو خود فقير صاحب محمد صديق عرف صادق شاه جي بيتن ۽ صدائن تي شامل آهي. هيٺ اسان پهرين ٻن ماخذن جي مختصر وضاحت ڪنداسون، ۽ آخر ۾ فقير صاحب جي پنهنجي ڪلام تي وڌيڪ تفصيل سان روشني وجهنداسون.

‘شاه جي رسالي’ مان کنيل ڪلام: ‘راڳنامي’ ۾ شامل ڪلام جي ذخيري تي ‘شاه جي راڳنامي ۽ رسالي’ ۾ شامل ڪلام جو رنگ چڙهيل آهي. سر ڪلياڻ توڙي ٻين گهڻن سرن ۾ شاه جي رسالي وارا بيت کنيل آهن، ۽ ڪن ۾ ڪي واڌون پڻ آنديل آهن. ڪن بيتن ۽ صدائن جا ڪي حصا ساڳيا شاه جي بيتن ۽ وائين وار ا آهن، ۽ باقي ڪي سٽون وڌايل آهن. غالباً فقير صاحب پاڻ، شاه جي رسالي جي ڪن بيتن ۽ وائين کي ذهن ۾ رکندي، پنهنجا ڪي بيت چيا ۽ پڻ ڪي صدائون چيون. ‘شاه جي راڳنامي’ ۽ ‘فقير صاحب جي راڳنامي’ جي سرُوار مطالعي ۽

ڀيٽ سان شاهه جي رسالي مان ڪنيل ڪلام جي نوعيت تي وڌيڪ تفصيل سان روشني وجهي سگهجي ٿي. هن 'راڳنامي' ۾ ڪيترا ئي بيت اهڙا آهن جن جي نرالين پڙهڻين سان شاهه جي رسالي جي ڪن بيتن جي پڙهڻي ۽ معنيٰ وڌيڪ چٽي ٿئي ٿي.

باوجود انهيءَ جي، ڪن سرن هيٺ ڪي بيت نون ظاهري اهڃاڻن ۽ نون موضوعن بابت آهن، جيڪي فقير صاحب جي پنهنجي ذاتي ذوق ۽ فڪر جو نتيجو آهن. مثلاً، نئين موضوع جي لحاظ سان، سر سورٺ ۾ صوفين جي سردار عنايت الله شاهه شهيد جي سر ڏيڻ بابت ٻه بيت آندا آهن؛ 'سُر ڪيڏاري' هيٺ 'جهوڪ ڏٺين' جي جنگ جو عنوان آندو آهي؛ ۽ 'سُر بلاول' هيٺ 'مگڻي' ڪي 'ميران پور' (جهوڪ) وڃڻ ۽ مالا مال ٿيڻ جي ترغيب ڏني آهي.

ٻين شاعرن جو ڪلام: راڳنامي ۾ ٻين به گهڻن درويشن جو ڪلام شامل آهي، جن مان شايد ڪي فقير صاحب جي وقت ۾ هئا، پر گهڻا غالباً اڳ ٿي گذريا. ڪن اهڙن شاعرن جا بيت به شامل آهن جن جو ذڪر ئي ڪنهن لکت ۾ ڪونه ٿو ملي، ۽ جن جا ڪي بيت فقط سگهڙن جي زباني روايتن ۾ ملن ٿا. ڪن بيتن ۾ سندن نالا موجود آهن، پر ٻين لاڳيتن بيتن جي سٽاء مان معلوم ٿئي ٿو ته اهي پڻ انهي ساڳئي شاعر جا آهن، جنهن جي نالي سان ڪو هڪ بيت موجود آهي. انهي تڪ تور سان، پائنجي ٿو ته "راڳنامي" ۾ ڪم از ڪم ۵ صدائون ۽ ۶۲ بيت ارڙهن ٻين شاعرن جا آهن.

ٻين شاعرن جي ڪلام جي جدول

شاعر	صفحو: صدا يا [بيت]	جملي ڪلام
فقير يا مسڪين	٥٨: صدا + ٨٣: [١] + ٩٩: صدا	١ بيت ٢ صدائون
عالي	٢٣: [١٩]	١ بيت
محمود	١٢٩: [٢٤]-[٢٩] + ١٦٦: [٢١]- [٢٢] + ٢٢٣: [٢٥]-[٢٧]	١١ بيت
تماچي	١٢٦: [٤]-[٥] + ١٦٦: [٢٣] + ٢١٢: [١]	٤ بيت
شيخ	١٧٥: صدا	١ صدا
شهاب الدين	١٧٧: [١٢]-[١٤]	٣ بيت
آمن	٢١٢: [٢] + ٢١٧: [٢٩]-[٣٢]	٥ بيت
عيسو	٢١٤-٢١٥: [٥]-[١١] جيتوڻيڪ نالو فقط [١٠] ۾	٧ بيت
رنگريز	٤٨: [١]-[٣]	٣ بيت
ٻرو	١٢٦: [٧]-[٨] + ٢١٦: [٢٥]-[٢٧] + ١٢٧: [١٣]	٦ بيت
ڪتي	٢٣: [١٨] + ٤٢: [٦] + ١٢٦: [٦]	٣ بيت
هرو (؟)	٢١٩: صدا	١ صدا
بلاول (ٻلال؟)	٢٢٣-٢٢٤: [٢٧]-[٣٠]	٤ بيت
ڦتو	٣٨: صدا	١ صدا
ميٺن	٢٣: [١٥] + ٧٩: [٤١] + ٨٧: [٢٦]- [٢٨]	٥ بيت
احمد	١١٨: [٧]	١ بيت
اسماعيل	١١٨: [١٢] + ١١٩: [١٣] + ١٢١: [٣٠]-[٣١]	٤ بيت
سليمان	١٢٧: [١١] + ١٤١-١٤٢: [٧٤]-[٧٦]	٤ بيت
		٦٢ بيت ۽ ٥ صدائون

انهن آڳاٽن شاعرن جا نالا ۽ سندن بيت جيڪي هن ’راڳنامي‘ ذريعي محفوظ رهيا آهن، سي ’سنڌي شعر ۽ ادب جي تاريخ‘ لاءِ هڪ قيمتي سرمايو آهن. انهن مان گهڻن شاعرن جا بيت پڻ تحقيق طلب آهن. في الحال ڪن بابت ڪي اشارا هيٺ قلمبند ڪجن ٿا. ’فقير‘ تخلص هو جهوڪ جي سجاده نشين ابراهيم شاه صاحب جو، سندس ڪجهه ٻيو ڪلام پڻ موجود آهي. صفحي ٩٩ تي ڏنل صدا مان ظاهر آهي ته هن صاحب پنهنجو تخلص ’فقير‘ توڙي ’مسڪين‘ ڪيو. تماچي فقير نهڙيو، شاه عبداللطيف رحه جو پيارو فقير هو. هو تمر فقير جو ساٿي هو. سندس ڪي بيت فقيرن جي زباني روايتن ذريعي محفوظ رهيا آهن. شهاب الدين، فقير صاحب محمد صديق جو فرزند هو. سندس ڪي ڪافيون به موجود آهن(١). عيسو، ٿي سگهي ٿو ته ساڳيو درويش ميون عيسو (ميمڻ آخوند) هجي، جنهن جي ٽيهه اڪري ۾ ٻيو ڪجهه ڪلام موجود آهي. رنگريز، شاه عبداللطيف جي وقت ۾ هو يا اڳ ٿي گذريو؛ سندس نالي سان وائي ’شاه جي راڳنامي‘ ۾ موجود آهي. پيرو ڪتي، ميين شاه عنايت رضوي (نصرپوري) جي سلسلي جو فقير هو. هن ’راڳنامي‘ ۾ ڪي بيت ’ڪتي‘ جي نالي سان ڏنل آهن، ۽ في الحال اهڙو گمان اٿي ٿو ته شايد ’پيرو‘ ڪن بيتن ۾ (پنهنجي ذات جي پوبان) ’ڪتي‘ نالو آندو. سر پورب هيٺ صفحي ٢١٩ تي ڏنل ’صدا‘ جي آخري سٽ مان گمان اٿي ٿو ته جيڪڏهن لفظ ’هرو‘ غلط نموني سان لکيل ناهي ته پوءِ ٿي سگهي ٿو ته اهو صدا چوندڙ جو نالو هجي. انهي لحاظ سان ’هرو‘ شايد جهوڪ جي درگاه جي مريدن مان ڪو هندو فقير هجي. چار بيت ’بلاول‘ جا آهن ۽ اهو نالو ائين آندل آهي، پر غالباً صحيح نالو ’بلال‘ آهي ۽ اهي بيت ميين شاه عنات

---

(١) بقول استاد حاجي سومر خان لغاري، اهي ڪافيون فقير ڏاتار بخش جي علمي ذخيري ۾ موجود آهن.

Scanned with CamScanner

رضوي جي اولاد مان بلال شاه جا آهن. چار بيت اسماعيل جا آهن جيڪي ٿي سگهي ٿو ته ٺٽي جي سيد اسماعيل شاه حسيني جا هجن، جيڪو شاه عنايت شهيد جو مريد هو(۱). شاعر سليمان جا ڪي بيت سگهڙن جي زباني روايتن ۾ ملن ٿا، جيتوڻيڪ سندس ماڳ مڪان معلوم نه ٿي سگهيو آهي.

انهن شاعرن کان سواءِ، جن جا نالا موجود آهن، هن 'راڳنامي' ۾ ٻيا به ڪي بيت اهڙا آهن جيڪي ڪافي آڳاٽي دور جي ڪن شاعرن ۽ سگهڙن جا چيل آهن. اهي بيت، فقير صاحب محمد صديق جي حياتي واري دور ۾ سندس مريدن ۽ معتقدن مان ڪن درويشن ۽ مڱڻهار فقيرن کي ياد هئا (جن سندن وڏن کان ٻڌا) جيڪي راڳ ويلي ڳايا ويا ۽ پوءِ 'راڳنامي' ۾ قلمبند ڪيا ويا.

ڪلام جو آيون مکيه ذخيرو 'راڳنامي' ۾ شامل آهي، سو خود فقير صاحب محمد صديق عرف "صوفي صادق شاه" جو آهي، جنهن جي مختصر طور هيٺ وضاحت ڪجي ٿي.

فقير صاحب جو ڪلام ۽ فڪر

'راڳنامي' ۾ فقير صاحب جي پنهنجي ڪلام جو ڪافي ذخيرو موجود آهي. گهڻو ڪري هر سُر جو وڏو حصو سندس صدائن ۽ بيتن تي مشتمل آهي؛ البت سندس نالو نسبتاً ٿورن بيتن ۾ آندل آهي. انهي ڪري اهو آسان ناهي جو پوري پڪ سان چئي سگهجي ته 'بنا نالي' بيتن مان ڪهڙا بيت خود فقير صاحب جا پنهنجا آهن. جيڪڏهن فقير صاحب جي ڪلام جا ٻيا ذخيرا گڏ ڪري ڀيٽجن ته پوءِ اهڙي خبر پئجي سگهندي.

---

(۱) نواب غلام شاه لغاري تاجپوري جي بياض ۾ ائين ڄاڻايل آهي ته "سيد اسماعيل شاه حسيني ٺٽي لنگر جو" صوفي شاه عنايت شهيد جو مريد هو.

فقير صاحب محمد صديق جو سڄو ڪلام 'راڳنامي' ۾ شامل ناهي؛ سندس ڪلام جو ڪافي حصو هن 'راڳنامي' کان ٻاهر آهي. ڪلام جي ان سڄي ذخيري مان، جدا جدا وقتن تي، صدائون ۽ بيت راڳ ۾ ڳايا ويا ۽ پوءِ اهي 'راڳنامي' ۾ قلمبند ٿيا. اهڙي تصديق لاءِ 'راڳنامي' کان ٻاهر فقير صاحب جي ٻين ذخيرن جو مطالعو ضروري آهي. اميد ته ڪو صاحب اهڙي تحقيق ڏانهن توجهه ڪندو. هيٺ مثال طور اسان فقير صاحب جي ڪلام جي هڪ قلمي ذخيري مان 'سر راڻي' جا بيت ڏيون ٿا ته جيئن اندازو لڳائي سگهجي ته ڪهڙو ۽ ڪيترو ڪلام هن 'راڳنامي' ۾ شامل آهي ۽ ڪيترو ٻاهر ٿي سگهي ٿو. هي ذخيرو فقير نواب امام بخش ولد نواب غلام شاه ولد نواب غلام الله خان لغاري پنهنجي بياض ۾ هڪ سؤ سال کن اڳ ١٢٩٦-١٣٠٣ھ وارن سالن ۾ قلمبند ڪيو، جنهن ۾ فقير صاحب جون ٣٣ ڪافيون ۽ مختلف سرن جا ١٢٣ بيت ڏنل آهن. سر راڻي جي عنوان سان هيٺيان بيت لکيا اٿس:

١- سور سوڪڙيون آئيا، تو وٽ 'صادق' سار
ڏنا جي ڏاتار، سي جهولي پائي جهل تون.

٢- آيون آڌيءَ جو، جڏهن رهون تي راڻا
ستڻا تي، صديق چئي، تو مومل جا ماڻا
اهي تڪاڻا، تنهنجا مارين ٿا مينڌرا.

٣- راڻا رتولن ۾ تو اچي ڪوهه ڪيو
گڏجي کي گجريين ڏنئي سور ٻيو
هاڻي مارينڌو ويو، ورڻ وڇوڙو تنهنجو.

٤- راڻا رتولن ۾، ويا رات رهي
آيي ڪاڪ تڙن تي پڇايم پهي

جڳن جا جڳ ٿيا، ويا ورهيه پئي
سوڍا ڳالهه صحي، ڪر تون ڪنل سين.

٥- ٻابو ڳڏيو ٻر ۾، ڪيڙو سان گلزار
تنهن موچاري مومل جا پهي ڏنا پار
گهوڙا گهوٽ سوار، ويا ڪاهيندا ڪاڪ ڏي.

٦- صادق! سڄيون پس تون محلاتون ۽ ماڳ
جن جي ٿي مچ مرڪي، ۽ ڪيائون رهائيون راڳ
سي ورائي واڳ، راڻا ڪنهن رخ ويا.

٧- هوا لٽڪيي جي لڪ پرور، چوڪا چؤنٽري ڍار
سي گهوڙن گهوٽ سوار، ڪوه چاڙان
ڪيڏانهن ويا.

٨- ڌرتي ڌگت سنهري، جوڌا ۽ جوان
ويا وڃائي وارو، صوبا ۽ سلطان
تني جا مڪان، صادق سنهري ڪونه ڪو.

٩- ڪاڪ نه جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪين محلن
ٻاين ۽ ٻانهين جي هو ٻنڌڻ ڪين ٻجهن
لکين لاهوتين، اهڙيون اوري ڇڏيون.

١٠- مومل جنهن ماري، تنهن راڻي کي ريس گهٽي
سوڍي سمجهي ڳالهڙي سڀئي ساري
تيلاهن ٿيا ٻاري، صادق سور ٻرين جا.

١١- ڪڏجي کي گجرين، ڏنو آدن اوراتو
سورن سين، صديق چئي، پيچ جني پاتو
او نهوڙي ناتو، ويو گهائيندو گهٽين کي.

نواب امام بخش جي آتاريل متين بيتن جي ترتيب، ’راڳنامي‘ ۾ ’سر راڻي‘ هيٺ ڏنل بيتن جي ترتيب کان الڳ آهي. ٻيو ت انهن ٻارهن بيتن مان فقط چار بيت (نمبر ٣، ٥، ٦ ۽ ٩) ’راڳنامي‘ جي ’سر راڻي‘ ۾ [نمبر ٥١، ٩، ٥٠ ۽ ٣٣] موجود آهن، باقي ست بيت ٻيا نوان آهن. انهيءَ مان ظاهر آهي ت نواب امام بخش اهي بيت ’راڳنامي‘ مان ڪونه کنيا، پر ڪنهن ٻئي ذخيري تان آتاريا.

فقير صاحب جي ڪلام ۾ اڳوڻي عوامي روايت جا آثار توڙي اعليٰ اساسي شاعري بابت تلميحون ۽ اشارا آهن. ڪن بيتن ۾ اڳين قصن ڪهاڻين جي واقعن ۽ ڪردارن ۽ ڪن مختلف موضوعن بابت انوکا الفاظ ۽ فقرا استعمال ڪيل آهن؛ اهي تلميحون ۽ اشارا عوامي ادبي روايت جو آئينو آهن، ۽ فقرا اڳوڻي سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي لغت جو قيمتي سرمايو آهن. شاه عبداللطيف کان پوءِ واري دور ۾، هي ’راڳنامو‘ سنڌي ٻوليءَ جي انوکن لفظن ۽ فقرن جو هڪ نهايت اهم دستاويز آهي، جنهن کي پڙهڻ ۽ پروڙڻ سان سنڌي لغات جي علم ۾ اضافو ٿيندو.

فقير صاحب جي پنهنجي ڪلام ۾ جتي به سندس طبع جي جلال، سندس درد ۽ حال، ۽ سندس ذاتي فڪر ۽ خيال کي فروغ حاصل آهي، اتي اعليٰ شاعريءَ جون جهلڪون ۽ جلوا نمايان ٿين ٿا. فقير صاحب اعليٰ شاعري جي دائري ۾ خاص طرح شاه عبداللطيف رحه کان ئي متاثر آهي. سندس ڪيترن ئي بيتن ۾ شاه صاحب جي لفظن ۽ اصطلاحن توڙي ڳوڙهن خيالن ۽ نازڪ نُڪتن جو عڪس نظر اچي ٿو. مثلاً:

شاه صاحب: جي هت نه هوت پسين، سي هت هيڻن هوت پسنديون
فقير صاحب: آخر انڌا سي چئبا، جن هت نه ڏٺو هو ڏيهه،

شاه صاحب: هڻندڙ سنڌا هٿڙا، سڀڪو ڇوي ساز
فقير صاحب: جنهن گهڙيو هي گهاٽ، ٿي ٻولي ٻُري ان جي.

شاه صاحب: پِيتائين پنهونءَ کي، هڏ نه، پڳيس هِڪَ
فقير صاحب: سڄڻ نڀاتون ڪري جيڪر نِيت ٻيان.

شاه صاحب جي وائي:

موت منڌ نه آهي، تائب ٿيو تڪڙا
اجل آسارين کي ڪام وٺيو ٿو ڪاهي.

فقير صاحب جي صدا (آخري صدا، مر سمئي):

رب صاحب سدائين آهي، مٿان ڪا سهنو ساهي
حڪم حاڪم هٿ ۾، ڪامَ وٺيو ٿو ڪاهي.

ڀٽائي صاحب جي ڪلام تي فقير صاحب گهڻو ڪو غور ڪيو. سندس ڪيترن ئي بيتن ۾ شاه صاحب جي فڪر جو جلوو نظر اچي ٿو. فقير صاحب پنهنجي هڪ بيت ۾ شاه صاحب کي 'ڪاپڙي' (وڏن رازن جو ڄاڻو ۽ وڏو داناءُ) جي لقب سان ياد ڪيو آهي، ۽ سر راڻي جي هڪ بيت ۾ ڀٽائي صاحب جي اعليٰ فڪري نُڪتي کي مڃيندي، انهيءَ 'عام سطح' ڏانهن پڻ اشارو ڪيو ته جيتوڻيڪ ڏٺي هر جاه وسي ٿو، پر انهي اعليٰ ڄاڻ واري منزل تائين پهچڻ لاءِ پنڌ البت پري آهي.

شاه صاحب جو بيت (ص ٢٥):

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، ڇوڏس ڇٽاڻو
منجهه ئي ڪاڪ ڪڪوري، منجهه ئي لوڊاڻو
راڻو ئي راڻو، ريءَ راڻي ناه ڪي.

فقير صاحب جو بيت (ص ٢٥):

ڪي جو ڇيو ‘ڪاپڙي’، سو ‘صادق’ سڃاڻو
آهه مڙيوئي مينڌرو، پر پنڌ پراهون
سڀ تو منجهه سڃاڻو، تون مڙني ۾ محيط ٿئين۔

تصوف جي فڪر ۽ فلسفي ۾، الله پاڪ جي ‘ذات’ ‘صفات’، ۽ حق جي ‘معنيٰ’ ۽ ‘صورت’ جو موضوع حق ج طالبن جي رهنمائي لاءِ وڏي غور ۽ ويچار هيٺ رهيو آهي ‘صفت’ ۽ ‘صورت’ ڪان سواءِ ‘ذات’ ۽ ‘معنيٰ’ کي سڃاڻڻ سمجهڻ مشڪل آهي، پر انهي هوندي به ‘ذات’ ‘ذات’ آهي ان کي ‘صورت’ ڪري نه سمجهبو؛ ڇو جو ڪابه ‘صورت’ ا جهڙي ناهي (لَيۡسَ كَمِثۡلِهٖ شَيۡءٌ)۔ حضرت شاهه عبداللطيف ا مسئلي جي تصوير جا ٻئي رخ ڏيکاريندي سمجهايو ته:

سڄاپي نه ‘صورت’ ري، ‘صورت’ هڏ مَ سوجهه،
ٿيءَ ٻارائي ٻوجهه، وڃائي وجود کي۔

فقير صاحب ‘صفت’ ۽ ‘صورت’، يا صفاتي اسم (ظاهري نالي بدران ‘ذات’ ۽ ‘حق’ کي ئي پنهنجي فڪر جو مرڪز بنايو انهيءَ ڳوڙهي خيال کي پنهنجي هيٺئين بيت ۾ بلڪل انوک الفاظن ۾ ورجايائين ته:

‘الله’ اوراهون ڇڏي، پري پنڌ پيا
ٻنا نالي سپرين اڃان ڪي ٻيا
واڪيندا ويا، صادق هڏيو سندرا۔

فقير صاحب جو اشارو ”الله يعني ذات حق“ جي بدران، رس نالي ‘الله’ ڏانهن آهي۔ سندس مراد آهي ته حق جي ذات ‘رسمي نالي’ ڪان الڳ ۽ اڃا به اڳتي آهي۔ ‘الله جي ذات

Scanned with CamScanner

ڏانهن متوجهه ٿيڻ واري منزل، تسبيح تي ’الله جي رسمي نالي‘ واري ذڪر کان بلند ۽ بالا آهي. انهي ساڳئي نازڪ نُڪتي کي هن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو ته:

- ’صفت‘ پانهه ۾ سپرين، اي ٿيڏي آهه ٽڪر.
(ص ١٤٩، بيت ١٣٢)
- مُنجهج ۾ ’معنيٰ‘ ۾، ڇڏ ’صورت‘ جا سانگا.

هينئين صدا (سُر ڪلياڻ، ص ١٠٣) ۾ هڪ نازڪ نُڪتي کي پنهنجي حال جي زبان ۾ نهايت موثر ۽ سهڻن لفظن ۾ سمجهايو اٿس ته:

صدا

جو ذڪر ۾ نه آيو، مون تنهن سان چِت لايو
جو فڪر ۾ نه آيو، مون تنهن سان چِت لايو
١- ٻنان نالي سپرين، جو ڳالهئين ڪنهن نه ڳايو
٢- نبيؐ وليؒ ويهون ٿيا، تان پار نه ڪنهن پايو
٣- ”سُبحانَ جَنَدُڪَ مَعرُفتہُڪَ“ اهو ڏي سوز
سڀڪنهن چايو
٤- صادق انهي سيڪَ ۾ روئي رت وهايو.

اهڙن نازڪ ۽ ڳوڙهن خيالن سان گڏوگڏ ڪن نصيحت آميز نڪتن جي نهايت سولن ۽ سهڻن لفظن ۾ سمجهايو اٿس. انهيءَ سلسلي ۾ سندس هيٺيون عام فهم مگر وڏي معنيٰ ۽ حقيقت وارو بيت هڪ مثالي حيثيت رکي ٿو ته:

اٿي اورج اڄ، سڀان ناه صديق ڇٽي
واڇي جيئن وڄ، مٿي ڪي مرلي ڪري.

ن. ب.

متن

راگنامو

Scanned with CamScanner

بسم الله الرحمٰن الرحيم

سُر ڏهر

صدا

هوتَ موٽي اچو، پاروچا پنهور ۾

۱- ساريو سپيريَن کي رت ورنو روءِ
۲- ساريو سپيرين کي، توکي آب اکينئون پوءِ
۳- ڇپر تان مَ وڃو، هوتَ وندر تان مَ وڃو
۴- وڃي ڏورانهون ٿيو، سڄڻ سانگ سندوءِ
۵- مون تان ڪين ڇيو، ڪو پاڙهين پَٽهه پيو.

بيت

[۱]

سُمهه سُک مَ جيندڙا، لاهه مَ پڇاراڻ
ڪر جهوري ڪيٽانِ، ڪالهوٽيان اڄ گهٽي.

[۲]

ننڊ نه ڪجي ايتري، سُتا اُٿي جاڳ
جو تو ساٿيهه پاڻيو، سو مانجهاندي جو ماڳ
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نه ملي.

[۳]

پَٽرَ پيرَ ڊِگها ڪري جڏهين ستيون جي
تڏهين ڏِنيي ڪي، ساتَ سُتي ڏِيي ڇڏيو.

[۴]

راتڙيون جاڳن جي، آءٌ سيڻي ڪندي سيءُ
تنهين سندا نيڻ، اوجاڳي اجاريا.

[۵]

اوڏِ آڳتلي آهيان، لاڪا لڄَ سنديا
پڪا سي پرتاءِ، جي اجهي تنهنجي آڏياءِ

[٦]

اوڏِ آڳتلي آهيان، ڪتو متو جئُون
جن جو ٿرهو ٿئون، لاڪا جيءَ لڄائيين.

[۷]

اوڏِ آڳتلي آهيان، لينگڙياري ليڻن
جهڙي تهڙي حال سين، سُران تو هي سيڻن
ڏڪون ٻڪون ڏينهن، پيئي پاڙي گهاريان

[۸]

ڍِنگهر ڍِلو مَ ٿئي، آڏيو جو اوڏن
جنهن پَرِ ويهي ڪن، ڳالهيون لاکي چام جون.

[۹]

چِنا ڇڄَ هٿن ۾، ڪلهن ڪوڏارا
پورهيي خاطر پيٽ جي، آڻيئن سوارا
اوڏ ٻه ويچارا، لاڪا وڃن لڏيو.

[۱۰]

* تون لاکو لکن جو ڏٺي، آءٌ آڳتلي اوڏ
لاڪا تنهنجي ڪوڏ، پيئي پاڙي گهاريان.

[۱۱]

ڦيلاٽي ڦير پيو، لاڪا لڪ هٿا
آجا اوڏ ٿيا، پائي لڳيءَ آن جي.

[١٢]

هن پُراڻي پَٽَ ۾ لاکو چئي آڏِ!
مَتِجُنِ چُونٽِيي لَٽَڏِ، لِيٽِي ڪِٿِي مَٿَهِين.

[١٣]

لاکا تي لوڙيون ڪري، ڪِيهو جي ڪنگهار
جڏهن تڏهن ڄمار، ويندي وير آٿهي.

[١٤]

لاکي جي ڏار ۾ ڳالهاڻو ڳيرو
ڦُلاڻي ڦيرو، ٻوڙ ٻِڪي نه ڪيو.

[١٥]

ٻچي ٻورا نه ٿين، ڏار تون ڏَرِي
ويو مٿ مَرِي، لاکي جهڙو ٻَهيڙو.

[١٦]

چئي: آءُ پهڻ سندو پٽرو، ڏاڍو تان ڏران
ڳالهيون ڪن گهڻان، مون لاکو مَنَ ۾.

[١٧]

لاکو لوڙائن ۾، ڏينهن جو ڏٺائون
چارِي جو چيو ڪري وَڳ نه واريائون
تڏهن ساريائون، جڏهن هاڃي جو هُلُ ٿيو.

[١٨]

نه راجا رتولن ۾، نڪا ٿئي چڙهي
هِنا ساعت، گهڙِي، لاکا ڪهڙي ڪنديين.

[١٩]

ڪي ڏينهن ڪاچي ڪنديين، هٿي ريلن منجهه رِهاڻ
سي نه ڏسجن هاڻ، پسيو ماڳ مري هِنيون.

[۲۰]
ڏيرا نہ ڏياتيون، نہ لاکو ڪُهڙي ڪوٽ
هينئڙا ايمان موٽ، ڳالهيون ڪندين ڪن سين.

[۲۱]
لُٽيي لڳي، راڄ ڳيا، پيما پڌ پسجن
جتين پيتو وَٽ ۾، ڇمارون ڇامن
آتِ اوتارا ميرُٺنِ، جسيڏڻ جي واهٽي.

[۲۲]
لٽي لڳي، راڄ ڳيا، ڪٺل ڏرتيي ڪُوڪَ
ڪوهہ چاٽان ڪيڏانهن ويا محبتيِ ملُوڪَ
هٿي وَهي ٽيي هُوڪَ، جسيڏڻ جي تڪيي.

[۲۳]
جَتن رهي رهاٽيون ڪيون، 'پٽنيَل' تو ۾ پاڻ
سي نہ ڏسجن هاڻ، ڪٿيي ڪنهن ڪُوٺِ ٿيا.

[۲۴]
اڳي هو ڪو آبُ جو، 'پٽنَل' تو ۾ پُور
سُڪين ڪهڙي سُور، وارِي ڪٽيٽيِ وچَ ۾.

[۲۵]
پٽنيَل چٽي پرينء ڪي، ساري آۀ سُڪو
دوست دلاسو منهنجي ڪڏهن ڪونہ مُڪو
آيم اولاڪو، جسوڏڻ چِتَ پٽهي.

[۲٦
جڏهن جسوڏڻ هليو، مٿان ڍورَ ڍِرِي
تڏهن وِٺين نہ مٿرِي، ڦوڙائيندي سڄٽين.

[۲۷]
گهٽو اچِن چڏيو، جسوڏڻ ٻار
ٻهيو ڪٿي پار، آيل اوراتو ٿيو.

Scanned with CamScanner

[۲۸]

گهڻو اڇڻ ڇڏيو، جسوڏڻ ڀارن
رُنو اکڙين، ڦوڙائيندي پاڻ ۾.

[۲۹]

ڪنڌيءَ ڪُونَڙ ڪڪوريا، سانگن سُڪو ڳاهه
جتسپڏَن مُلاءِ، روئي راڄ هليا.

[۳۰]

جڏهن ڀرهو ڍور وَهي، تڏهن ڪنڌا تون ڪيڏو
جسيڏڻ جيڏو، ڪو ڏُنئي پڇهيڙو.

[۳۱]

ڪنڌا ڍور ڏٺين جون ڪر ڪي ڳالهڙيون
ڪنهن پر ڏينهن گذارئين، ڪنهن پر راتڙيون
تو ۾ مالهڙيون، پڏيون آتڻ وارئين.

[۳۲]

ڪنڌا ڍور ڏٺيءَ جو، جي تو هُنڙو سُور
ته متي لامن ٻُور، هوند نه ڪيئي ايترو.

[۳۳]

آيو آهيين ڀَٽَ ۾، ڪنڌا ڪهڙي ڀُور
لَڏي ويا ڏُور، تو سَتنڪي مون سپرين.

[۳۴]

آيو آهيين ڀَٽَ ۾، ڪنڌا ڪڇاڙياءِ
پاراٺو پاڻي وَهي، مجر ڪيو متاءِ
پرين پڇاڻاءِ، سُڪي ڀانگهر نه ٿئين.

[۳۵]

سُڪي ڀانگهر جنهن لاءِ، تنهن ٻاٻيهه لاءِ مُياس
ڪي تو چورياس، ڪي مون سڄڻ ساريا.

[٣٦]
بدامائي پُونهه ۾، ڇيتاري ڇريج
نيٽين ننڊَ مَ ڏيج، ڇيڙون ڇڇر آئيون.

[٣٧]
ليڊ اصل
ڏنگي ٻڌُ مَ پاگڙي، بدامائين پاڙي
راتر رُئاڙي، آنين پاند آڇليا.

[٣٨]
ڪاڇي ۾ ڪُوڪَ ٿيي، پيريا تان نه ٻدامَ
ڪا پروڙي مامَ، پاتارائيي پٽري ويا.

[٣٩]
ڪاڇي ۾ ڪُوڪ ٿيي، پيرُ مَ ٻدامَ
ادا آنءُ وتا، لاڪو تو لوڙيين ڪري!

[٤٠]
ڏاڍو ڏهکو ماڻئو، ڪاڇو بدامن
راتيان ننڊ نه ڪن، ڏينهان وڙهن ويرئين.

[٤١]
آيتلَ سنگهارن جيي، سُرهي سانجاڻ
ڀرين ڀِٽن پاڻ، پوهه پيارين پٽهيڙا.

[٤٢]
آيل سنگهارن جي، جهڇان پسيو جهوڪَ
جن تي پٽهيتي پيارِيا، منجهان مٿن موڪَ
لڏي منجهان لوڪ، آئي وِيڙا آسِري.

[٤٣]
ڏڻ ڏارڻ، ڏار رهڻ، ايءَ سنگهارن سِٽَ
ڪاهي ايندا ڪڏهين، مٿي واندَ وَهِٽَ
سنگها هونئيي مِٽَ، ته به آڏو لاهه مَ آن جو.

[۴۴]

آيل سنگهارن جي ڪتي جيئن ڇڳيڙي، جهڄن پاندَ
هل جان هل مَ ڪاندَ، ڪاڇي آئا مينهڙا.

[۴۵]

وَڳَ نه پسڄن وٽ ۾، جهوڪون نه جهٽڪن
آيل سنگهارن، ڇيتاٽون ڇيتِ ڪيو.

[۴۶]

جهوڪَنِ سونهن ڀنهيڙا، آئي راڄ رهن
اِيَ پَرَ سنگهارن، جيئن جُوءِ جهارين ان جي.

[۴۷]

سَرَ ساريو سُور چَري، وَڳُر آڪيري
جهُرِي جهڄندي ڏي، سنيها ڪي سڄڻين.

[۴۸]

وڏي وَڳَرَ هيرئين، ڇُٽي نه پين ڳڏ
ڪونجَ ڪرڻندي سڏ، وِڃي وِهاڻي راتڙي.

[۴۹]

ڪالهه تنهنجا ڪونجڙي، وَڳر ويا وَهي
ڪنڌئين ڪوهه رَهي، سَرَ ۾ سيپرين ري.

[۵۰]

ڪونجڙين ڪالهه، سڄڻ پاتم ڇيت
آءٌ انهي رِيءَ هيت، ٿيي گهنگهر گهاريان.

[۵۱]

مَ لنئن ڪونجل، مات ڪر، مَ ڪئي چور مَ سنل
اندرِ تيا آجهل، مون پريان جا ڏڪڙا.

[۵۲]

هلڻ هاريون سنڌ ڪي، روهه راماڻا ڪَنِ
ڪرڪِلُ ڪونجڙين، رائي ۾ راتِ ڪيو.

[٥٣]
راتي ۾ رات ڪيو، ڪرڪل ڪونجڙين
وِرِهه ويچارين، راتو ڏينهان نه لهي.

[٥٤]
ڏَڀُ نه پسين ڏِڪيو، ڪونج نه پسين ڪانهَ
ماري سنڌي دانهَ، ڪِ تو ڪنين نه سُڻيي!

[٥٥]
ڏڀ نه پسين ڏِڪيو، ڪونج نه پسين ڪَڪَ
ماريءَ ماري لک، وڳرَ سڀ وِلها ڪيا.

[٥٦]
ڏڀ پڄنئي ڏِيهون، ماري مرين شال
جيئن تو اڇي ڪال، وڌو ڦٽ فراق جو.

[٥٧]
سچي ڪر ساڃـي، ڪونجَ ٿيو ٿـي ڪوهه
اڳ آڏائين جن سين، چو پئين تن کان پوهه
سڳر مٿان سِنجري، وڳر وَهي ويوءِ
ڪاڏو ڪونه ٿيوهه، ڪِئنُ سِٽن جو سرير ۾.

[٥٨]
رِڻَ چَرج روجهڙِي، وريڙ مَ چرج وَن
تـه تهين جي تن، جيءَ جو ڪوئي نـه ٿئي.

[٥٩]
ويڙِي پيڙي وَسَ، راتيان چَرئين روجهڙي
ڏينهائي تنهنجا ڏيهه ۾، ماري ڏوري ڏَسَ
ڇِنڊ گهمن ۾ گسَ، مٿان پوين پنجوڙن ۾.

[٦٠]
نون جو درياءَ پيٽ ۾، ٻٽلو ٻٽلو پاهن
توتان وَهي واهڙَ، ڪئين ويا ڪيترا.

[٦١]
جڏهن تڏهن سنڌڙي، چارهو ڦيريندا،
ڪابُول ڪاهيندا، ڪُوڪَ وجهندا ڪچڙي.

[٦٢]
جيمَ ورچي چڏيو، جهيڙو جهونجهارا
ساڏُو سَوارا، لوڙيون هٿيي لنگهيا.

[٦٣]
لوڙيون هٿي لنگهيا، لڙي مٿان لڪَ
رَنڌا ڏنم رَڪَ، ڳهڻ تنهنجي ڪَچڙي؟.

[٦٤]
مانجهئين موٽي ڪيو جهيڙي ۾ جهيڙو
مٿان پوءِ ميڙو، ويريين واهروئين پاڻ ۾.

[٦٥]
ويري واهرو پاڻ ۾، وڙهيا وير پٽي
ساريان ڪونه سهي، بداماڻي پِٽ جو.

[٦٦]
گهٽرُ ويرين چانئيو، نيرانئون گهري
وڏج وِڪ پري، پالي ڏيئي هٿڙا.

[٦٧]
وَڳت ۾ چڏجا ويسلا، جاتولا پارا
وِڙهندا بہ پارا، لاڪي لوڙائو ڪڏهين.

[٦٨]
تنگ تائيجا تازئين، مٽ پلاڻيا هُونِ
چارِي آيا چُونِ، لاڪي لوڙائو آتيا.*

[٦٩]
سنگهارا سيم تي، ويسلا مَ ويهو
آتِ ڪني نه ڪيو، پاسي قرار ڪڏهين.

---

* اصل ۾ هن بيت کان پوءِ بيت نمبر ١٨ ٻيو دفعو لکيل آهي.

[۷۰]

لوڪان لڏي هليا، سمورا سنگهار
انهن جي تنوار، هاٺي نه ڪاڇي ڪنڌيين.

[۷۱]

نه واڪو ولهارن ۾، هاري نه ڏاند
ٻجَ پيري پاند، ڪوهه ڄاٿان ڪيڏانهن ويا.

[۷۲]

اندر ڇمڙا لتونَ، ٻاهر ڦُمريءَ هُلَ
لاڪو ناهي ڦُلَ، حال ڳرهيان ڪن سين.

[۷۳]

لڪ سٽي لاکي جي، هو چڪر چوري ڊار
گهوڙا، گهوٽَ، سُوار، ڪوهه ڄاٿان ڪيڏانهن ويا.

[۷۴]

چوري چنجوُرن سان، ڪوتي ڪنياڻون ڪوهه
لاڻي لاکي ڄامَ جي، رهي اندر روح
پيرهَ تي پاپوهه، متنُ مشاهدي ڳڏيو.

[۷۵]

پلي ڪري آئيو، نتارو ٽرا
پکي ڪنڌ سڄي آئي، لتي جاڪ گهرا
عاشقن متا، مچُ سدائين نه لهي.

[۷۶]

** ڪونجڙين ڪٽڪيو، وڳر نيا پوءِ
پاڻ ڪنان پوءِ، سٽڪو انهي سرَ ۾.

[۷۷]

ڪونجڙين ڪا وَهي، ٻچا نيين نه سات
آڏاٿيون عرشَ تي، وائي ڪري وات
جتي ڏينهن نه رات، سوئي سرُ سوجهيندئون.

[٧٨]

ڪُـُنڪَ تنهنجيِ ڪونجڙيِ، مونکي تي ماري
آءُ وڳر واري، نہ تہ ونئُن اَڏامي اوڏهين.

[٧٩]

ڪُـُنڪَ تنهنجي ڪونجڙيِ، پڌر وِجهہ مَ هاڻ
هڪ ڏُکي دل ۾، هيو نہ سڄڻ ساڻ
تون ڏيي پرين آڻ، نہ تہ وانءُ اَڏامي اوڏهين.

[٨٠]

ڪُنڪ تنهنجي ڪونجڙي، هنئين منهنجي هير
سَرَ ميڪنهين وير، ساءَ تنهنجي سوجهيا.

[٨١]

ڪُنڪ تنهنجي ڪونجڙي، مر منجهيئي هوءِ
ٻاهر واڪو ووءِ، ڪوهہ لايو، صديق چئي.

[٨٢]

هينئڙو مون ڪَتونڙ ٿيو، اڄ جهمڪي ماءَ
جهوپڙي ۾ نہ سماءَ، صحيح ڳڏبو سڄڻين.

[٨٣]

هينئڙو مون ڪَتونڙ ٿيو، جيءُ جيئن جهمڪي ماءَ
جهوپڙي نہ مَياءَ، صحيح ملندو سڄڻين.

صـــدا

سڄڻ سارڙيو مون الله! ويندڙي پريان لوءِ
١- ويندي پريان لوءِ، منهنجي وِڪ وڌندي هوءِ
٢- ويندي پريان لوءِ، مونکي آڏڙي آڻ مَ پوءِ
سڄڻ ساريو مون الله! ويندي پريان لوءِ.

صدا

روھہ نہ ويئينءَ رات، ڪونجڙي ڪوھ ڪُٺڪين
١– آيي پُڇي پٿّھيتڙا پريـن جا پريات
٢– وڳرُ سڀ وَھِي ويا، نہ آ تو جھڙي ذات.

صدا

* * ويا وڃائي وِيرَ، لِکين لاڪا ڪيترا
١– ڪيڏانھن ويا ڪوٺن ڏٺي، جي ھٿا بادشاھ ۽ پِيرَ
٢– پٽر تون نہ پٽئين، ڦِرن تان نہ فقير
٣– ويا ويچارا نڪري ڏيئي دَڙو ڏيِر
٤– سي ملاح ٿِيي مري ويا نہ آ سائر سِير
٥– ڪُلُ شيءِ ھالڪٌ اِلاّ وجھہ، باقي آھ بصِير
٦– سھسين ساعتون سنيري ٿو، صادق منجھ سرير.

صدا

* * * ٿيئين ويري وجھين وِيرُ، ھنيو پالا لڪائين پيرُ
١– ڪُھين ٿو قرب سان اِنَ آبتي پير
٢– جو تون اھڙو سپرين تہ تو چونلو ڪير
٣– اندر ڪوٺئين ٻاھر ڏوٺئين، اھڙا ڦرين ڦير
٤– اِن پروڙين پٿھہ ڪي، ڪي دانھہ وڏا دلير
د– صادق سُڪت بہ سنبراي، ڏک بہ ڏيرئون ڏير.

سـر وهاڳڙو

صــدا

مڱڻان وان ڏک لهندا، مڱڻان وان ڏک لهندا
تنهنجي صاحِبُ ڪئي سنڀال، مڱڻان وان ڏک لهندا.

بيت

[۱]

آئي وَر وهاڳ ڏي، آيو تارو
سَبِڙُ ريسارو، ٿو چِتَ پرکي چارڻين.

[۲]

سُتين ٻانهن سر ڏيئي، ٿو چائين مڱڻهار
ڪهڙا تن قرار، جن چوٽائي چِتَ ۾.

[۳]

چارڻ چوٽائي مٿي، وانءُ سُمنگ سيري
ساز تنهنجو سڦرو، مٿان هنڌل نيي هيري
ڪتنجهي پوهه نه ڪيري، ان جاجڪائي ذات جي.

[۴]

چارڻ چوٽائي مٿي، وانءَ سُمنگ سٽي
ساز ڏارج سڦرو، مڱڻهار مٽي
ننگا وجهي نڪري، ويل جا وڱهي
ڪتنجهي ڪيليءَ ڪتيئهي، وانءُ آجاري اوڏهين.

[۵]

سڄيون راتيون سمهين، ڪنجهي ڪٽيئي ڪوهه
وڃائڻ رِيءَ وِهاڳ ۾، سازن سُر وڏوهه
مُورهان وِڏُهه مڱڻان، تنبيريان نه ڪوهه
وڃي سڀڙ لوهه، ته آڇيي ان آجاريو.

[٦]

سڄيون راتيون سُمهين، تو چارڻ ناهه چيندا
رونجهي سندي راڄ ۾، ڪيرت پٽس ڪندا
جيلان آيئي سمهڻ ساءِ، تهي وِڃايئي وهاڳ ڪي.

[٧]

ڪنجهي هٿ رت ڪري، ڪينرَ ڇني ڪنڊ
ڇن نه ڇجي پنڊ، تندون طمع سنديون.

[٨]

جيرَ وڃائين مڱڻا، طمع جون تالئون
سڄڻ تيون سڀڙ ڪي، تنهنجي هنئين جون حوالون
لاڪيٽيون لعلون، ملن ماڻيٽڙن ڪي.

[٩]

دانهن ڪيو دان گهرين، ڳُجهو نه ڳايين
ٻوڙا ٻوڙو پاڻ جيئن، تو ڏاتر کي ٻانيين
سڏَ ڪيو سڻايين، هُت سنتر معلوم سيڪا.

[١٠]

ڪينرَ ڪيريءَ ٽنگيو، اي نه پانن پير
سونهاري صبوح سين، وجهي ويٺين وير
توکي چوندو ڪير، رِيءَ ڪيرت مڱڻو.

[١١]

ڪلهي پائي ڪينرو، پڙدي وِڄُهه مَ پاڻ
سهجان سڀڙ ڄام جي، رِيجهي پٽسُ رهاڻ
تن لٽي هينئياري هاڻ، جي رونجهائي رسيا.

[۱۲]

ڪلهي پائي ڪينرو، ڏور مَ ڏيهاءِ هيو
ڪونه لهندين مڱڻا، سڀڙ چام جهو
خالي ڪونه ٿيو، جو رونجهاڻيءَ رسيو.

[۱۳]

مڱڻا متان ڪرين، ڪا سڀڙ سان ساڃاهه
ماڻڪ ڏنائين مُٺِ ۾، ڪيرت نه ايندي ڪاءِ
اڳي آيو ڳاءِ، ڪلهي پائي ڪينرو.

[۱۴]

ٿُنندا متندا مڱڻا، سڀڙ آهن چيتِ
ڪوني سي قُربَ سين، جنهين پَرُ نه پيتِ
سي وهائي هيتِ، ڏاتر ڪٿي ڏِڪ ڪيا.

[۱۵]

تنندا منندا مڱڻا، آهونتا آڪاج
لنگهن [illegible] لوڏي چڙيا، معذور ۽ محتاج
تن سونهارا ساج، سڀڙ ڏنا سون جا.

[۱۶]

تنندا منندا مڱڻا، لنگها لوڏائي
اِيءَ پر سڀڙ چام جي، پانَ نه پيرائي
اهڙو ئي آهي، سندو رونجهن راڄيو.

[۱۷]

آءٌ منڊو محتاج گهڻو، پاٽ نه نيئم پاڻ
هٿين اُپيرين پانگرو، رِڙهان رُونئين ساڻ
حال منهنجو هاڻ، روشن توکي راڄيا.

[۱۸]

متڱڻ وڃن مڱڻا، ته مان نه ڪوٺين
ڏمريا ڏوٺين، نه تون رُونتا راڳ نه سکيو.

[١٩]

مڱڻ وڃڻ مڱڻا، تہ مان نہ ڪن سڌ
تون ڇهي وڃا ڏڏ، تو تندون ڇنين ڪينري!

[٢٠]

جان مون پيهي پاٽ پروڙيا، تہ پانُ ڀُنگين ۾ ناهہ
وَهيا ڪنهن وينهانءِ، ڪلهي پاٺي ڪينرو.

[٢١]

جان مون پاٽ پروڙيا تہ اڄ نہ ڀُنگين پانَ
تنبا، تارون، تانَ، وڄائي واٽ تيا.

[٢٢]

صدا سوالين جي ٻيلي منجهہ ٻُري
لاٽي چينتا چارٽين، مُلا کهوٽ گهرِي
تازي ۽ ترِي، ڏانَ لهِي ڏڏ آئيا.

[٢٣]

صدا سوالين جي، ٻُرِي منجهہ ٻيلي
لاٽي چنتا چارٽين، رونجهاٽي ريلي
هو جي ولاڙيا ويلي، سي ڏان لهي ڏڏ آئيا.

[٢٤]

صدا سوالين جي، سٽڻِي رونجهاٽيءِ رات
مڱي سو ماڻڪ لهي، جُنگ نہ پڇي ذات
ٻُوريو جن پريات، سي طاماعو تار ٿيا.

[٢٥]

صدا سوالين جي آيو اونائهي
جيڪي متڱن مڱنا، ٻلنڌ سو پائهي
ولها وڄائي، آتان ڏانَ لتهي ڏڏ آئيا.

[٣٣]

ڏانھون ڏنبورن جون، آئي وَرَ ورناءِ
وِرد گھرجي واھا، سُڻين کھڙي ساءِ
جوڙ تنڊون، ڪر جاءِ، مٿان سُرڙ جو سڏ ٿئي.

[٣٤]

اِن در سندي مڱڻين، اڳي اِيءَ نہ هير
جيڻن ڊگھا ڪري پير، سڄيون راتيون سمھين.

[٣٥]

سڄيون راتيون سُمھين، اِيءَ حيوانن ريت
پڪي جن پريت، سي سُک نہ سُتا ڪڏھين.

[٣٦]

پاڻَ پورائي هٿ ڪر، وِڄھہ ڇيري ۾ چاڻ
ھِن در سيٽي اگھيا، جن نہ ڏنو پاڻ
رونجھائي راڇاڻ، آھي اَبوجھن جو.

[٣٧]

ھِن در سيٽي اگھيا، جي ٻُجھي ٿيا اَبوجھہ
سائينءَ در سُبوجھہ، وايون وڃائي ٿيا.

[٣٨]

نڪو ڪَتمُ ڪنجھيءَ جو، نڪا ڪينرَ ڪار
مات ڪري سُڻ منگتا، جا تَنَ ۾ ٻُري تار
تہ سُرڙ سندي سار، منجھان ئي معلوم ٿئي.

[٣٩]

دلِ ڏنبورو درد جو، پورو وَڄاءِ پريات
مَ ڏِجُ زور زبان تي، اي وِڄائون وات
گھور گھورڻ، تيپ توڙڻ، ڇينُ ڇاڙين جي ڇمات
سمھين سڄي رات، ڪوھ لنگھا ڏينہ لڄائيين.

صدا

*** ساري سک نہ ڪا مگٹو تو پاڻ پرڏي
١- رُونتو راڳ نہ سڪيو، سو وَهڻ پيو واجهاء
٢- سندي لِوُنتو آسري ڪٹيو خرينا ڪاء.
اُنتر

صدا

گهايل وڃي گهاري، اي هو، گهايل وڃي گهاري
مون منهنجي جندڙي
* ١- پنهنجي پرينء جهي آهي طلب تاري
* ٢- غافل تونٽي غفلت ڏٺي، آهي ~~ڪاڪر ڪاري~~ [illegible]
* ٣- وڃ وچان ٿي نڪري، ڏيٺي تو واري
* ٤- اسان پرين پاڻ ۾ لتو بر پاري.

صدا

ساريان ڪونہ ثواب، خاوند خطائون سنيران
١- ناهيم وسيلو وس ڪو، نڪو جيء جواب
٢- ٻڇيو مران ڏَپَ ۾، متان اڇي عتاب
٣- نہ مون ليکڻ لکيو، پڙهيم ڪونہ ڪتاب
* ٤- هادي هدايت جو، ساقي ڏيج شراب
٥- ”صادق“ ستگهي تن پٿم، جي خالق ڪيا خراب.

صدا

* جو ڏاتر ڏيندل ڏات، سو نہ وسارج مڱيا
١- انئيي پهر ان جي ڪج طلب اندر ۾ تات
٢- همت همراهي آهي سيڙ جي تو سات
٣- سڄ سمجهج تنهن کي، ٻي واڻيي نہ ڪج وات.

سر راڻو

بيت

[١]

اڳڻ پسڻ ڪاڪ جو، جڏهن ويا جي
تڏهين تنين ڪيا تي، لوڙ لڏوڻي ڪنديئين.

[٢]

آتڻ چڙهي ڪاڪ جو جڏهن ڏٺو جن
تڏهن منجهان تن، موٽي ڪو نه آئيو.

[٣]

سَرها شڪاري ٿيا، پرمل پيتائون
ڪا جا ڪاڪ وڻن جي ٻولي ٻڌائون
تيئن رهين نه رتيءَ جيترو، اسين ۽ آئون
سو تڙ سونائون، جت وايون وڃن وِسرِي.

[٤]

سَرها شڪاري ٿيا، جوڳي ڏٺائون
گهوڙا ڪاهي گهوٽئين، پٽ ۾ پڇيائون
ڇتهلَ ڇاڳتڙَ چوڙِي، پاڌي پيتائون
چڙهندي چپائون، ته موٽڻ ڪو مُس ٿئي.

[٥]

سَرها شڪارِي ٿيا، ڪو جو پين پڙاءَ
تنهين ماڳهين ويئي وسري، جنهن سين جيءَ جڙاءَ
ٽِڪو ڪاڪ تڙاءَ، لوڏِي پيي لال ٿيا.

[٦]

* * لوڏي تنهين لال ڪيا، ڪِـي جو ڪـتَنُ پيون
ويهن وِهُ ٿيون، ڪاهيائون ڪاڪ تي.

[٧]

ڪو جو ڳنڍِڻ ڪاپڙي، بابو بيڪاري
تائي آئيا ڏِتهين، جِت مومل موچاري
آئيا نه مارِي، جيڪس وِرونهه سپ وِهاٽيا.
آيا

[٨]

* * ڪو جو ڳنڍڻ ڪاپڙِي، بابو منجهه ٻَرُ
تنهن سامي ڏنين سيڪا، سندي خاص خبر
گهوڙن چڙهيا گهر، ويچارن وِڃه ٿيا.

[٩]

* ڪو جو ڳنڍين ڪاپڙي، گيڙوُ سان گلزار
تنهن موچاري مومَلَ جا پُٽهيي ڏنا پار
گهوڙا گهوٽَ سوارَ، ڪاهي آيا ڪاڪَ تي.

[١٠]

ڪاهي آيا ڪاڪ تي، جِت سوپِڻِ سندي سونهن
راتو ڏينهان روحَ ۾، وِيٺا ڪتن وِرُونهن
دانتهه لائي دُونهن، سڙيا ڪاڪ ڪنڌين.

[١١]

سڙيا ڪاڪَ ڪنڌين، لوڏي اچي لنگهه
آتِن منجهان آنِ جي، پيڻِن ڪا پرک
ويچارا ورق، وينا واچِين سورَ جا.

[١٢]

نانگي نظر آئيو، گجر سندو گام
ويا ويراڳي وسرِي، تيرٿ سڀ تمام
دونهين پائي [illegible]، وينو وِهه وِماس ۾.
١٥م

[١٣]

ڪتان هلين ڪاپڙي، ڪتي هلين ڪالهه
اکينئون آرتي گاڏئون، تو لڙڪ وهائين لال
ڏٺو جنين جمال، سامي تون نه سُلائيين.

[١۴]

آيرندي آهُس ڪري، جيڏو سجُ شعاع
تيڏو ڪاڪَ ڏٺا بابُوءَ جي بناء
مومَلَ مون متناء، ڪنهن ويل نه وڃي وسري.

[١۵]

* * گوشائتيون گُجريون، پيرون جن پالا
سي مارين "ميٺن" چئي، ڪُهن ڪمالا
وِسهي وصالا، ڪوڙين ويا ڪيترا.

[١٦]

ڪاڪ تڙ جو ڪاپڙي، رهبر آيو روهه
سوڏيون شڪارين ڪي، چٺون آيو چوهه
* جوڳيءَ جاڳيو ڪوهه، ساجهر سُور پرينءَ جو.

[١٧]

هلو پسون ڪاڪ تڙ، چرُو جت چڙهن
سهسين رنگ رَچن، پاٽان وائي پڪ سين.

[١٨]

آڏائي عنبر جيي، ڏينگهر متان ڏيٿَ
خوشبوءِ جي "ڪٿي" چوي آئي ڇڳيرن ڇٽَ
ڪاڪ گهڙندي ڪنٽَ، لٽا لوڏيڙن تان.

[١٩]

موٽڻ هارو ميندرو، ڪاڪَ ڪُوماڻي ٿي
وٽن ورن متائيو، اکيون "عالي" چئي
اکيون ڏين نه شاهدي، جوت جهَرڪن جي
ڪوءَ آسانبا ري، ساريو سڄڻ سچ سڙان.

ڪاڪ ڪڙهي

[٢٠]

ڪڙهي ڪاڪَ وڻ لهسيا، لوڻو لوڏاڻو
سوڍي رِيءَ سرتيون، آتڻ آڇهاڻو
هِنيون مون ڪاٺو، لڳي ڦٽُ فراق جو.

[٢١]

* ڪيئن وِڏُوڻين ولها، راڻا نہ چاڻا
ميندرا ماڻا، ڪرين ڪهڙا ڪميڻي سان.

وڄ م پري

[٢٢]

رُس مَ، رُسڻ گهوريو، پرچي آچ ~~پرين~~
ماريس ڦٽ فراق جي، جهتَ جي ذري
آيس تو گهري، مانَ سوڍا سڪياڻي ٿيان.

[٢٣]

رُس مَ رُسڻ گهوريو، ڏاٽي منجهان ڏول
توکي ساريو سپرين، رئان منجهہ رتول
ٽڪاڻا ۾ ڏولَ، وِسهہ مون وِهہ ٿيا.

[٢٤]

سوڍا سُورَ سُڪائيون، اڪيون آب نہ ڪن
راڻي جي رهاڻ کي، ور وَهيٽيون وتن
سي ڪيئن ميندرا مَڃن، جي تو سوڍا سوريءَ
چاڙهيون.

[٢٥]

ڇا جي باغ بهاريا، مون باغئون بَسُ
سوڍي رِيءَ سرتيون مون کي ڪاڪ نہ اچي ڪَسُ
راڌي پاڻي رَسُ، تن پيڙيءَ جيئن چاڙهيو.

[٢٦]

** راڻو آيو راڄ ۾، تي سهيلين سڌ
پَٽَ پهرياڻون پدمڻيءَ، ويس ڪياڻون وڌ
آڏيون اڏو اڏ، پهرين رات پرينءَ سان.

پهريا پدمڻين

[٢٧]
وَهلِڻَ
مٿان اڱڻ ڪرهو، وَهيڻ جيئن واري
مون کي ٿي ماري، سوڍا ساڻي ڳالهڙي.

[٢٨]
مٿان اڱڻ ڪَرَهو، جَلّهي جيئن جهوڪي
سِڪَ منهنجي سپرين، راڻا ويهين روڪي
سِڪان ٿي توکي، مُنهن ڏيکار ميندرا.

[٢٩]
مٿي ۾ ميندري [illegible]، ڏني ٿٺڙم ڏينهن
ويٺي ڳوڙها ڳاڙيان، هاڻي ڪريان ڪيئن
نيڻ ڀرجي نينهه، پلٽيا پاڻي ڪري.

[٣٠]
مٿي ۾ ميندري، ٻنهين لال وَٽِڪَ
هو نايو نانگليون چري، هو پيٺي پانن پِڪَ
لوڪان ڪري لِڪَ، وڃي ڪؤنر چنائون
ڪاڪ جا.

[٣١]
جڙ گهوڙا، پِڙ گهوٽيا، آيا ڪاڪَ ڪٿهِي
محل جي مومل جا، سي سوڍي ڪيا صحيح
راڻي رات رهِي، لاٿا ڳُوندر ڳُجرِيين.

[٣٢]
جڙ گهوڙا، پِڙ گهوٽيا، ناتر ڪج نرت
ڪين ڏٺاسون ڪٿهين، ههڙا هاتڪ هِت
پڪي ڪري پِرت، پوءِ پڇائيا پٽهيٽڙا.

[٣٣]
ڪاڪ نه جهليا ڪاپڙي، موهيا نه محلن
ٻائين ۾ ٻانهين جي، ٻندڻ ڪين ٻجهن
لکين لاهوتن، اهڙيون اوري ڇڏيون.

[٣٤]

* ڪاڪ ڇڏيائون ڪِنڌِ تي، پيٽڙن پنڌ پري
تن ڪي مومل ڪوه ڪري، جي لوڊاڻو لنگهي ويا.

[٣٥]

ڪا جا ڪر ڪاڪ ڏي، تيئن تاڻيو تنگ تائين
ڪُواتو ڪرهو، ڪي وانگي وهائين
پايو چوُڪڙا ڇيت جا، تا عاشق اڙائين
* مومل سي مائين، جي سِڪَ نه ستا ڪڏهين.

[٣٦]

چڪندي چريا ٿيا، جوڳي زهر ذات
ڪاهيائون ڪاڪ مٿي، رَهتَ ۾ پيين رات
وَهيا تنهن ولات، جتي سور سپجي.

[٣٧]

پاسي وجو پانڌيا، اِن جاڳه ڪنان يار
گجر هٿي گز سمن، نيما ناليدار
پياڻ پسيين پٽ ۾، ڪنڌي ڪاڪ ڪپار
سوڍا ڪج سنيار، مهند راڻان ٿو رت وَهاي.

[٣٨]

روءُ راڻي جي ناهه ڪو، سوڍا سڀ سلطان
لکين ڇڏيائين لوڏائي دفتر ۽ ديوان
نسورو ٿئي نينهن جي ڪشيائون ڪمان
* ڪنهن جي رهيي ڪان، ٿيو مڙيو ٿئي مينڌرو.

[٣٩]

نڪو مٽ مهندري جو، نڪو جهڙس جيس
سڪ سوڍي جيي نه لهي، ڏٺو توڏي ٻيس
سرتيون سونهن سندِيس، ڪريو ڪريان ڪيتري.

[۴۰]

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چوڏس چٽاٽو
منجهئي ڪاڪ ڪڪوري، منجهئي لوڊاٽو
راٽو ئي راٽو، ريءَ راٽي ناهه ڪي.

[۴۱]

راٽو روح منهنجو، سوڍو ساهه سندوم
منجهيئي ڪاڪ ڪڪوري، لوڊاٽو لڏوم
✓ سرتيون پرين سندوم، منجهانئي معلوم ٿيو.

[۴۲]

* راٽو رهيو روح ۾، سوڍو اندر ساهه
ساعت نه ڪٿان هيڪڙي، پرين ري پساهه
اندر روچي راهه، پاهر پجهايان ڪن ڪي.

[۴۳] روحي

ڪنهين پڇين ڪاپڙي، ڪونهي مومتل ماڳ
سوڍي سا سُڃ ڪئي، جنهن ۾ سڙيو سڀ سهاڳ
ڦٽجي پيو فراق، پسي ورق وصال جو.

[۴۴]

نه سو راٽو ميندرو، ۽ ڪيئن ويهي ڪاڪ
پسيو محل ماڙيون، هينئين وَهي هاڪ
اندر مون اوطاق، راٽي جي رهاڻ جي.

[۴۵]

نه ٿيي نڪتن مان نڪري، راٽا تنهنجي روهه
ٿهڙو سج نه سوجهرو، جهڙي تو پاپُوهه
سنجهي ۽ صبوح، *مون مَتن وسين ميندرا.

[۴۶]

✓ ڪي جو ڇڙو ڪاپڙي، سو "صادق" سيباٽون
آهه مڙيوئي ميندرو، پر پند پراهون
سڀ تو منجهه سيباٽون، تون مڙني ۾ محيط ٿيين.

[۴۷]
راڻو رتولن ۾، آيو ڏيئي آس ڪري
پرپر ڪيو پري، مومل وٽ مينڌري.

[۴۸]
ڳمندڙي ڳاڙهي ٿيي، راڻا روئڻ منجهاءِ
سائينءَ ڪارڻ سپرين، تون هيڪر پيرو آءِ
هيءَ ڪو اهڙو گهاءِ، جيئڻ مون وڃي وسري!

[۴۹]
ڦوڙائي ڦاٽڙي هڻيون، سوڍا سچي ڳالھ
جيڪو جيان ڏينهڙو، پرين تنهنجي ڀال
اچي ڪنهن اعمال، مُنهن ڏيکاريو مينڌرا.

[۵۰]
”صادق“ سڄيون پس تون، محلاتون ۽ ماڳ
جن جيي ٿي مُڇَ مُرڪيي، ڪري رهاڻيون راڳ
سي ورائي واڳ، راڻا ڪنهن رُخَ ويا.

[۵۱]
راڻا رتولن ۾ اچي ڪوهه ڪيوءِ
گڏجي ساڻ گُجرئين وڏو وڍُ ڏنوءِ
ماريندو ويوءِ، ورڻ وڇوڙو تنهنجو.

[۵۲]
ڏِڪ چڙهندي ڏنائين، ڪوڙي جو ڏهاڳ
سوڍي سا سُڃَ ڪئي، جنهن ۾ سڙيو سڀ سُهاڳ
هٿيي مُٺيءَ جو ڀاڳ، جو پيهر پيرو ڏيي نه ٿيو.

[۵۳]
مومل مُٺيي مينڌرا، سُٺيي ڪو سلام
پڳس مڪ ”صديق“ چئي، اچيس نه آرام
ڪُٺل- ڪي ڪلام، موٽيي آيو مُنهن ۾.

[٥٤]
آيرندان تـي آيريو، ڪري گيڙو ڳُل
هادِي هدايت جو، ڪونهين سندس مُلهه
"صادق" ڳالهه مَ سُلِ، فضل الله شاه فقير جي.

[٥٥]
ڏِکَ چڙهندي ڪونئين، رتو رُنائين
ائين چيائين، تـه اچا ڪُسبا ڪَرَ ها.

[٥٦]
مَسَ گهڙندي گهونيا، ڪرهو اِئين مَ ڪاهه
جن ۾ ساهه نـه ماهه، مومل سيئي ماريا.

[٥٧]
سونهن سوڍي کي وتري، ڪر ڪکوري جوهه
راڻو تي نـه روهه، تڙَ تنواريو تـي مران.

[٥٨]
راڻو رات نـه آئيو، باکون پرهه ٻتڪن
تي ڪڙهان منجهه، ڪکن، ڍوليا تنهنجي ڏاڻئين.

[٥٩]
صبح ٿيو سوجهرو، پرهه پڌاريو
روئـِي رت هاريو، مومل ڪارڻ ميندري.

[٦٠]
مومل ڪٿين نـه ماڙي، وڃي ڪاڪ تڙن
سوڍا سوين سيڪـِي ويا، پيا راڻا ڪئين رڙن
سي کهڙِي پـَر پرن، جي واٽهين ورِي ويا.

صدا

پـِمَر جيڏيون وو وو، ڪا مَيـّو موٽائي
١- اوٺيڙن جو اڳهين مون کي اوسيڙو آهي
٢- ڏک منهنجي ڏيل ۾ آنيي جو آهي.

صدا

آ تون آ تون ميا، جيءَ ميا پيهر پري
۱- متان مون کي ڇڏيين ڪو وانڍو وچ ڪري.

صدا

موٽي اچن جي هوت منهنجا هيڏهين
۱- پٽر وار وڇائيان، پرينءَ پنهنجيءَ کي
۲- ڪٿوريون ڪيروليون چاريان چانگي کي
۳- تان اي ڳالهيون ڳجهيون سوڍي سين ڪري
۴- متان مومل ويهين ريجهي راڻي کي.

صدا

جوڳي هِتَن جُوءِ ۾، ادا راول رهڻ راڄ
۱- اڇي رهيم راڄ ۾ لڪڙيون ڪوڙي
۲- مون مــن ڪيئرن سين وهڙا آلوڙي
۳- ڀيني رات ڀُڳيون نانگن چوري
۴- ڏينديون ڏکوين کي ڪو وٽ ڪوري.

صدا

ڪبي ڪيچ پچار، اي ڪا ڪبي ڪيچ پچار،
سائيا ڪا ڪبي ڪيچ پچار
۱- ٻاڪاريندي مور جيئن سا ڏني ڏور پنوهار
۲- آئي پڇي پٿرڙا مهندا جي ڪوهيار.

صدا

ساٿي سنبهي ويهڻ، وو ڪاڪ گهڙندو ڪرهو
۱- مومل صحيح ماڻبي، وو دور تمندي هيءَ ديهه
۲- نديا وڏا هلندا، وو سڀ راڻا رَتيءَ ريهه
۳- آخر انڌا سي چنبا، وو جن هٿ نه ڏنو هو ڏيهه
۳- "صادق" ڪنهن جو نه هلي، وو آتي متڪرُ ميهه

سر سامونڊي

صدا

نہ هوند مون کي ماءُ تان نہ پلي، هوند مون کي ماءُ
جي هوند اوري وڙي هوتن سين، ماءُ دوستن سين
١- وِهڻ واڻڙين تي هوند پانڌي سڀ پڇيلہ
٢- پارانيا پانڌين کي هوند رويو رڄ ڏناءِ۔

بيت

[١]

آءٌ تي اوسٿهہ پائيان، تون ڪر موچارو فال
جو وڻجارو ئي لال، سو ڪڏهن ايندو مان گهرين۔

[٢]

ڪڏهن ايندا مون گهرين، آهريا جي اڄ
پريان سندي هن پار ۾ وڃي دنگي ڏڄ
ساموندي ء کو ڏنجهہ، ماءُ مارينڊم ڪڏهين۔

[٣]

سامونڊين سڙهہ چڪيا، ڏٺي ڏيهاري
اوچتي اُتر جي متان مُنڌ آئي
وڃڻ جي وائي، ٿي مُلا معلم مون سُڻي۔

[٤]

*سامونڊين سڙهہ چڪيا، لڳن اتر ٻُوهہ
ننگر ويڙهي ناڪٿا، ساچا تيا صبوح
سڀ سٽائيي جُوهہ، تن ڪاري ڪيڙائن جيي۔

[٥]

ساموندين سڙهه ڇڪيا، لڳن آتر باس
ننگر وڙهيا ناڪئين، هڏ هنيائون هاس
اندر مون آداس، تن ڪاري ڪيڙائن جي.

[٦]

* ساموندين سڙهه ڇڪيا، لڳن اتر هيرَ
ننگر ويڙهي ناڪئا، تيا سٽائي سيرَ
اندر مون آڪيرَ، تن ڪاري ڪيڙائن جي.

[٧]

ميٺي مور نه موٽيا، ڪاري ڪيڙائُو
سوڍو ڪن نه سون جو، وڏا وهائُو
موتي جي مهراڻ جا، تن جا طمعائُو
ساموندي سائو، لنڪا لٿهي آئيا.

[٨]

ساموندين سڙهه ڇڪيا، اڄ پڻ وڃن گهنڊ
ننگر ويڙهي ناڪئا، ڪيڙيا متي ڪنڊ
اندر مون آڪنڊ، تن ڪاري ڪيڙائن جي.

[٩]

* * لٿهي لڪاءَ جي آهريا، سي لڪاء لڪاء ڪن
سٿي سور لڪاء جو سک نه ساموندين
وَهُون وڻجارن جون آيون رَتُ روئن
وڏي ياڳ ملن، جي آهريا ڪارونيار ڏي.

[١٠]

آهريا ڪارنيار ڏي، ڪري غواصي غور
پيهي ويا پاتار ۾، ڇڏيائون شر شور
تاڻي انهي طور، ماڻڪ ميڙي آئيا.

[١١]

جيئن ڪنهن ڪارونڀار ڏي، ايءَ غواصن ڳتِ
پيهي ويا پاتار ۾، پوري رکي پتِ
انهيءَ ڏيي آپت، سمنڊ سوجهي آئيا.

[١٢]

محبت پَري مَڪُرا، جهاز جَڙيا جن
سڄائي سمونڊ جو، پَرو آهي تن
آهريا آو عميق ڏي، پيون ڏيئي ٻَن
ڪارونڀار ڪُنن، سمنڊ سوجهي آئيا.

[١٣]

محبت پري مڪرا، جهاز جوڙيائون
ڪيائون سَيُرُ سمنڊ جو، پُڇي پُوريائون
جنهن ۾ آمُل سپچي، سو معلم ماڻيائون
آڻي ڏنائون، هيرو لعل هٿن سين.

[١٤]

جر جهاز مڪرا، آءٌ ٿي ننگر نهاريان
ساريو سامونڊين کي، تڙ تڙ تنواريان
آءٌ گوندر گذاريان، ويا وڻجارا آهري.

[١٥]

ويا وڻجارا آهري، جَر سَر نه ڪن جڏ
مون کي وجهي گوندرين، پاڻ ٿيا لهريين گڏ
سامونڊيڪا سڏ، ياڳ سنڌيس پيئرون.

[١٦]

ويا وڻجارا آهري، تڙ نه تنوارون
ڏيئي ويا ڏيهل کي، سُورن سنيارون
ڪندي مون ڪارون، رات نه رهيا هيڪڙي.

[١٧]

رات نه رهيا هيڪڙي، ڪارون گهٽيءَ ڪيام
وڻجارا وتام، آيل ويا اُهري.

[١٨]

سڄڻ هليا سنئين، چڙهي جوڀن ڏينهن
رُٺان رهن نه راتڙي، آيل ڪريان ڪيئن
مون کي چاڙهي چيٽن، پيرين پکھ ڇوڙيا.

ڏي

[١٩]

ور وڏائين ونجهه کي، الوڙڻ نه ڏيه
چي: ايڏي سفر سپرين وَڃُ مَ ڦوڙائي
لائي مون لائي، رهه اڄوڪي راتڙي.

[٢٠]

تون ونٽن وهلي نکري، ننگر جان نه ڪٽن
مَتَچُڻ ڏيهه وڃن، ناريون پوري ناڪٽا.

[٢١]

پکهه ڪٽي پنڌ ٽيا، ننگر ۾ ناريون
بندر بازاريون، سڃيون سامونڊين ري.

[٢٢]

گهٽي ڪٽيي ڪان گهوريو، سامونڊيڪو سنگ
جنهين سندو ٻنگ، هنيين هڏهين نه لهي.

[٢٣]

متنُ آهلاءِ نه اُهريو، ننگرنئون نيڻن
سڀاجهي سيٽن، ڪٽڻ سان ڪڙو ڪيو.

[٢٤]

وڻ ٽڻ ٻڌي وانئيون، جتَ تتَڙ ڏيا ڏي
الله ڪاڻ اچي، آءٌ آسن پيري آهيان.

[٢٥]

آيل سنگهارن جي، پڳهه پاسي گهار
وِجهي جيءُ جنجار، مڇڻ وڃڻي اوهري.

[٢٦]

آيل سنگهارن جي، پڳهه پاسي پَچُ
مَنَ ۾ ٻاريو مَچُ، مڇڻ وڃڻي اوهري.

[٢٧]

سامونڊين

پڳهه پاسي ويهه، آيل سنگهارن جي
جيئن تون وِڪ ڪٽين ويسلي، هو پوريندا پرڏيهه
سمنڊ جن سائيهه، تون ڪوهه نه ويين ان سين.

[٢٨]

ٻيڙيءَ ٻڌي هٿڙا، پڳهه پڇيو روهه
سامونڊي سندوهه، مون ڏَنهَ ڏينهائي نه لهي.

[٢٩]

ڪانڌ پنهنجو مڪرو، ’هو‘ ۾ ڪٽي هلاءِ
اولا تنهن ڪي عشق جا، سهڄان ساز سنياءِ
وڃان سڀ وڃاءِ، لاڄُو جي لباس جا.

[٣٠]

ڪانڌ پنهنجو مڪرو ’هُو‘ ۾ چڏ هٽي
اولا تنهن ڪي عشق جا ڪوها پاءِ ڪٽي
تہ منجهان تِڪ ٽٽي، پار پهچين سڄڻين.

[٣١]

ڪانڌ پنهنجو مڪرو، ’هو‘ ۾ ڪاهه ڪَٿهي
اولا تنهن ڪي عشق جا لائج ساز سٿهي
تہ منجهان وَهتہ وَهي، پار پهچين سڄڻين.

[۳۲]

ڪانڌ پنهنجو مڪرو، پڇهه پرڏان جي پُور
ساڃو ڪر سُڳڪان ڪي، منجهان عشق اُور
تہ ماڻو پوءِ نہ مُور، پار پڇين سڄڻين.

[۳۳]

معلم سڪاڻين ڪي، آيو سڏ ڪري
لڳو وَهه واڪا ڪري، ڏِڪو منجهه ڏري
مُنهين آئي مڪري، پسو پيهر پري
وڪر سو مَ وري، جو پاڻ پراڻو چاڙهيو.

[۳۴]

معلم سڪاڻين ڪي، آيو ڪري سڏَ
تان نهاري ناڪئا، ٻيڙي ٻڌو اڏ
تري هيٺ تراز جي، ڪري ڪڙڪا ڪڏ
ڪوهي ڪيڙائن جي، جرس مَ پوءِ جڏ
مال پنهنجي مڏ، پاڻ پراڻو چاڙهيو.

[۳۵]

معلم سڪاڻين ڪي، سڏ ڪريو ٿو چوءِ
ٻيڙي ٻاتاڙي ٿي، متي ڏنگهه مَ ڏوءِ
جانڪيو جن جهاز ڪي، آيي ويا اوءِ
تنهين وَڪرَ وَٽُ مَ پوءِ، جو پاڻ پراڻو چاڙهيو.

[۳۶]

پاڻ پراڻو چاڙهيو، وڪر وڻجارا
سُڄڻ ٿا سمونڊ جا، آڏا اوپارا
اچي ڏنگهه ڏرڪيا، ٻيڙي ٻہ ٻارا
جاڳو جي ڏارا، تہ تڙ توائي نہ ٿئي.

[۳۷]

* سڪاڻيا مَ سمهو، بندر جان پٽي
مهندان ڪپر تو ڪُن ڪري، جيئن ماڻي منجهه متهي
ايڏو سور سهي، ننڊ نه ڪجي ناکئا.

[۳۸]

* ننڊ نه ڪجي ناکئا، مُعلمين چيو مُٺا
اتر جي آرا، ته ڏني جهلڻ ڏاڪڙو.

[۳۹]

* جان پورئين تو پرار، تان ڪج سڙهه جي سنڀال
مٿي متي مهراڻ ۾، لهرَ سيڪا لال
ڪٿج منجهه خيال، مڇڻ معلم ٻوڙيين مڪرو.

[۴۰]

* جان پوريين تو پرار، تان سڪان جهل ساڃو
مٿي متي مهراڻ ۾ لهرَ جو لاچو
تن جو سفر سياڳو، آمُل جن آپائيو.

[۴۱]

پرار جن پُوريو، سي اوري ڪيئن آڻيتن
سڪاڻيا سمنڊ جي سُڪي پر سيڪن
پٺُون پيڙياتن، محڪم جهليا مڪرا.

[۴۲]

* محڪم جهلج مڪري، متل مهاڻا ميرَ
ساري ان سڪان کي، ڪوڏ هٿائج ڪير
ويندي وڻجارن جي بندر ڏانهن بهير
گهر انهن جي کير، لانگهو جن لنگهائيو.

[۴۳]

محڪم جهلج مڪري، مون تو چيو ڪانڌ
جي سڙهه پراڻا پاند، ته لهريون سهي نه لنگهيون.

صدا

اي آيل جان جيان تان ساهه سين سُران
پيچري پيچري پرينءَ جي.
١- هيجان جهلي هٿڙا، گهوري گهوري آهه پنوهه پياريان
٢- ٻڌا جي ٻانهين جا، گهوري گهوري ڪيچين سان ڪريان
٣- نِڌَڪ ٽيٽي جندڙو، گهوري گهوري آهه مري تان نه وڃان،

صدا

جيڪي آيل جيڪي منڊ ڪري،
جيڪي آيل جيڪي منڊ ڪري.
١- ويچاري لاءِ سڄڻين، سا چڙهيو چاڙهيڪا ڏي
٢- اکين ڏسان اوٺين ڪي، آئي ڪيهه چنبي
٣- چکيم ساءَ سورن جو، ڪيچي سيڻ ڪري.

صدا

آيل آيل جڙ جنجڙي جيءَ جياري
اي ووءِ ووءِ سي ڪيئن ويهان هوت وساري
١- سڀ جماندر گهاريو مٿن ورهه سين ويچاري
٢- ڏک لاهيندس ڏيل جا آهه ان جي اوتاري.

صدا

جو مان اندر گهٽ، اي جو مان اندر گهٽ
سو آهه سور سلايان پنهنجو ڪن ڪسي
١- ڪانڌ نه ڏيوٺي سمهين، ووءِ ووءِ ووءِ ڪا منجهين گهٽ
٢- ساڏن پاڙي پانهنجي، ووءِ ووءِ ووءِ ڏيندڙي ڊول آهٽ
٣- مان ٿي پرائي پد ۾، ووءِ ووءِ ووءِ جا بر مٿان بٽ
٤- پيا تن پرين ري، ووءِ ووءِ ووءِ ”ڦٽو“ چٽي ڦٽ
٥- تون ڪيئن اچيو تن سان، ووءِ ووءِ ووءِ آپري ڪرين اگهٽ.

صدا

وينڌڙي ويا جماج الو، اي هو توکي سارينڌا ويا هو
١- او ڪا ترس نه هون تان ٻوري ٻوري
ٻـهــ پروڙي ڪوهه نـــه نڪرين۔

صدا

جي مون ڄاتو ته ڪي آيل هوت هلندا
ته اکڙيون آب ٻڙي هوند نيڻ ورايم ننڊ جي۔
١- تان کو ڏونگر ڏوريان جان ڪره اندر ساهه
٢- تـان کو واس وِهايان آئون ٻـــاروچن لاءِ۔

صدا

پريتن جي پنڌانِ مون کي جي جهلينديون، سي نه ٻجهنديون
ساٿيڙا او ادا وندر ويلو، مان کو ڪن وندر ويلو
او ادا، ڪر ڪا ڳالهه، سنڌيانِ
١- تان کو ڏونگر ڏوريان جي پرين مون پنڌانِ، ساٿي لو ....
٢- مان ميڙائو مون ٿمي کو سڳر ۾ سيڻان، ساٿي لو ....
٣- آئون پيادي پنڌين، هـو سر جماڄن، ساٿي لو ....
٤- آٿي لاٿيون اوٺين لڏون پـر لڪن، ساٿي لو ....
٥- ٻڌيون ٻاروچن کي سونهريون سونهن، ساٿي لو ....

صدا

آئون ٿي وندر وڃان لوءِ، مون کي تا م جهليجا جيڏيون
آئون ٿي ڇپر وڃان لوءِ، مون کي تا م جهليجا جيڏيون
١- اڇي دونهون دُکئيو کوهياري جـو کوهه ....

صدا

* * جاڳو يارا جيڏيون، سيڻن سچ سکجي
١- مٿي آهُس آسري پتنگ جيئن پچجي
٢- سر پنهنجو سٽ ۾ جوٿي جيءَ ڏجي
٣- پريتمي پرينءَ جي وچان پاڻ وڃجي۔

صدا

سا آءٌ آيل ڪريان ڪيئن، منهنجو نينهن آ، پليو نا رهي
١- آڏوهيءَ جيئن ڏڪڙا، چڙهيا چوٽيءَ سيئن
پاڻ پهتا ڪيچ ڪي، مون کي چاڙهي چيئن....
٢- جا جڙ لڳي ٻيڙئين، سا جي لڳي نينهن
تہ پرت پرائي نہ ٿئي، جڳ جماندر سيئن....

صدا

ڌار دل جي دنگي، اي ميان! ڌار دل جي دنگي،
تہ تون لحظي وچين لنگهي، اي هو پکهہ پاڻي پرت جو
١- جي پاسئون پاڻي وهي تہ تون ڇيت ڪر ڇورنگي
٢- پڙهيا پنڊت پارکئو آتي سهسين هٿا سنگي
٣- جت اونهايان اونهون وهي، آت آيا ڪي اڙٻنگي
۴- هٿ ۾ آئي تن جي جن وٺيي ورهہ سين ونگي.

صدا

اي هو پکهہ پاهہ پنهنجي مڪري، او مڇڻ ڇوهي ڇڻائي
١- لٿي لوپ ويڙا لڏي، پکهہ ڇنو ٻيڙي ٻڏي.

صدا

سٽا مرندين سور، جو تون پٽهہ پريان جي ويسلو
١- توکي خواب خوش ڪيو، وهمن ڪيئي وهلور
٢- ڪٿيو هونهين گهوريو، مٿا وڃاءِ ۾ مور
٣- هي نہ وطن تنهنجو، تون ڏکيا ويندين ڏور
۴- مٿي وسائي منهن تي، پار پريان جي پور
۵- متان "صادق" سپرين، ڌڪي ڪنهي دور.

سر ڪنڀات

صدا

ڪا هِنئين سين لاءِ، ڀلو ڀوري ماءِ
ماءِ مون ڪيئن جهلئون پائيين.

۱- جهلئون ڀلئون پائيين، متان نه آڇين ڪاءِ
ڀلو ڀوري ماءِ ....
۲- آلي پٽر سمهي آهل مون جيئن نه ويرا ....
۳- ڏينه گهڻيرا سنپرين، آءُ تو پڇان ماءِ ....
۴- واڪي هُيس ور سان، گوندر ڪين گڏيا ....
۵- هيءُ سور ٻاروچن جو مُٿي لهندو ماءِ ....
۶- آيان تان نه آيري، ويهان تان نه وِهاءِ ....
۷- سجُ سڪندي آلهي، روئندي رات وهاءِ ....
۸- ٻيٺي جا پرينءَ ري، سا ڪيئن رات وهاءِ ....
۹- جيئن چر چيري وچ ۾، وڃي ۽ واجهاءِ ....
۱۰- ڪي چرَ سندي سڄڻين، ڪي تترَ تتا ماءِ ....
۱۱- هيي سور ٻاروچن جو مُٿي لهندو ماءِ ....
۱۲- ويو ٻاروچو نيڪري سور چڪائي ساءِ ....

بيت

[۱]

تو ڏنهن گهڻو نهاريان، تارا تيلاهين
منهنجو سڄڻ جيڏانهين، تون تيڏاهون اڀرين.

[۲]

لڏيو لائي اڀري، تارا تيلي روءِ
جهڙو تون صبوح، تهڙي صافي سڄڻين.

[۳]

جي تون مٺيان نه ڀانئين، چنڊ چوانءِ سچ
ڪڏهن سڄو اڀريين، ڪڏهن اڀرين ڪچ
جهڙو تو منجهه مچ، تهڙو پدم پريان جي پير ۾.

[۴]

جي تون مٺيان نه ڀانئين، ته چنڊ چوان تو حق
ٻه اکيون ٽيو نڪُ، تو ۾ ناهه پيشاني پرين جي.

[۵]

دُلهي

چَنڊ منهنجو سپرين، تارا ٻيءِ ڏُٺي
آتاري عالم ۾ منهنجي ساڄن سونهن گهٽي
وڃن سي مَ ڪٽي، مون تن واڳيو جن سين.

[۶]

چاري جو چيو ڪري، آيو چنڊ چڙهي
جت ڏٺائين پرينءَ کي آيو آتِ اڙِي
ويو ساهه سڙِي، "ڪٽي" چوءِ، ڪرن جو.

[۷]

پرين جون پرڏيهه ۾، چنڊ چٽنگون پُون
جِگر تن جانن کي راتو ڏينهن رُون
سڄڻ سُکي هُون، ته آءٌ ڀال ڀلي جا ڀانئيان.

[۸]

مون ماريا سپرين، شاخون لڳيون چنڊ
مَتَنُ آڏڪي آٿيو، نيٽين ٻيڪي نند
نچاٽان ڪنهن منڊ، منهنجا پرين ورائي جهليا.

[۹]

اير چنڊ، پَسِ پرين، تو اوڏا، مون ڏور
سڄڻ ستا وِلهه ۾ چوٽا پري ڪپور
سي ڪيئن سڄڻ ڏور، جي سدا چٽڪن چِتَ ۾.

[۱٠]

سهسين سڄڻ ايري، چوراسي چنڊن
بالله رِيءَ پرين، سڀ اونداها ڀانئيان.

[۱۱]

اونداهي اڌ رات جو، پرينءَ ڏيکاريم پاڻ
چنڊ تارن ساڻ، پيهي ويو پڙلاءِ ۾.

[۱۲]

چاهت

آيرندان اچو ٿي، چنڊ تو منجهه چاهت
جيئن اچو تون منجهه رات، تيئن سڄڻ نت سوجهرا.

[۱۳]

نايو ناگيليون چري، پير نه هٽي پرنگ
چندن جا چوپا ڪري، ڪاٺي نه ڪٿوري سنگ
لکين مٿي انگ، مٿي ڪي محبوب جا.

[۱۴]

چندن جا چوپا ڪري، ڪاٺي نه ڪٿوريءَ ٻور
مٿي ڪي مذڪور، ڪنهن پرانهين پنڌ جو.

[۱۵]

چندن جا چوپا ڪري، ڪاٺي نه ڪٺهار
اگر اوڏو نه ٿئي، لهي نه سرڪنڊ سار
لاٺي جيءَ لغار، ميو متارو ڪيو.

[۱٦

تيئن هيٺو هڏهين نه ٿئي، ڪنهن جنهن ڍريو ڍار
اگڻ آيو نه ڪري پاهوري پچار
جيڪس منجهه قطار، ڪا ول چِنائين وِهه جي.

[۱۷]

ڪاول چِنيي ڪرهي، ڪچي ۽ ڪڙِي
وجهي وات نه وڻ ڪي، آيو چهنگ چري
سنهون تيو سڙي، چانگي چرڻ ڇڏيو.

[۱۸]

چانگي چِنو جن سين، سي وَڳَ بہ ويا وَهِي
رهيو سُور سَهِي، پاڻان پَتهه تنهن کي.

[۱۹]

چانگي چِنُو جن سين، سي وَڳَ بہ وِيا ڏور
پرهو پئي پور، پاڻان پَتهه تنهن کي.

[۲۰]

* نتوَ نيرَ، ڏَهه ڏانوٽيون، پندرهن پيند پياس
بکهاڙيون بغلن ۾، لکين لوهه لڳاس
جڏهن سچ سنيرياس، ته ڇِرڪ ڇِڻائين هيڪڙي.

[۲۱]

* ڪيئن پنيوليين ڪرها، ڪنهي ڪامڻ ڪياءِ
اکين مٿي اکيا، پيڙ ۾ پير ڪتاءِ
وَڳ ڪيئن وسرياءِ، ٻڌو جيئن گهاٽي وَهين.

[۲۲]

** اکين پنهي آکيا، ۽ پاسن پنهي نوڙ
جن سين هٿين جوڙ، سي وڳ ڪيئن ويڙهئي وسري؟

[۲۳]

نڪو ڪامڻ سنيران، وَڳ نه وسريوم
لکيو اڳ هئوم، ٻڌو تي گهاٽي وَهان.

[۲۴]

سيني سنگهر رُڪَ جي، ڳچيءَ ڳاري ڳتَ
ڏانوڻ ڏيو نه رهي، وِهي نه وَڳن وٽ
اهڙو ليڙو لَٽَ، جو ڪڄهُوءَ جا ڪَنڪَ چَري.

[٢٥]

جان مان مڪريون چاريان، جيڪر ليمي جاهه
تان ڪڏاتورو ڪرهو، لِڪيو لاڻي ڪاءِ
مٿي سنڌي ماءِ، مون کي ڳالهين ڳوڙها ڪيا.

[٢٦]

ڪرهي ڪڇيءَ ول جي، بوتي آئي ٻُوهه
تنهن اڪن مٿي اوجهري، رنگ وڃايو روهه
آٿي جي صبوح، ته چانگو چندن نه چري.

[٢٧]

چڙهي چندن چوٽئين، ليڙي چني لام
ڪرهو ڪنگُو ريٽ جي، ماڻي آهو مام
پريت جا پيغام، سي ڳجهه ڳرهي ڪن سين.

[٢٨]

** ڪرها ڪنگُو ريٽ ۾ لکين سوين چرن
✓ جاڳي جن ورائيا اڳڻ تن ٻجهن
✓ اتان ويساين ۾ هٿ، نه آهو هيڪڙو.

[٢٩]

ويلو ڪرَ مَ وچَ ۾، هل هڪلي ڪاهه
** ڪرها ڪنگُو ريٽ ۾ واڪا ڪيو وراءِ
✓ مچڻ ٿئي اونداهه، پير نه لهين پٽ ۾.

[٣٠]

** وکون وِجهه وڏنديون، ڪرها ڪسر ڇڏ
هيڪر حبيبن سين مون کي نيئي گڏ
مَتِچُڻ پونئي هڏ، آهون اُڪنڊين جون.

[٣١]

مٿو ماڻي آئيو، ڪي جو ڪيڏانهين
راتو ڏينهان روح ۾، تو تاڻي تيڏانهين
اکيون اوڏانهين، منهن مٿاهون نه ڪُٺي.

[۳۲]

ميهو مباڻي آئيو، ڪيي جو وڃي ڪالهہ
تنهن ول سندو واپري ٿو لڙڪ وهائي لعل
سنڌِي ڦلن مالهہ، ڦوڪاريو ڦِٽي ڪري.

[۳۳]

مَيو ماڻي آئيو، ڪيي جو ڪنهين پِٽِ
راتو ڏينهان روح ۾ مَيي سائي مَٽِ
چندن ڪمائين چِٽ، ڪانڌيرا ڪين چَري.

[۳۴]

ڪتوريءَ ڏار چري، ويهي منجهہ وَڳ
ماءِ منهنجي ڪرهي پدر پڳ نہ لڳ
جڳ سان جيهو جڳ، هنيين سان هُٽ چَري.

[۳۵]

جتي ڪروڙ نہ ڪاٽيون، پنجين لکين پَنُ
تيئان چاٽي چڳيون، مَيي رتو مَنُ
تنهين سندو پن، ڪوماٽو ڪوڙ لهي.

[۳۶]

تون صبح ڪرين سوجهرو، تارا تنئين تمام
مون ڪي ٿو مارئين، وجهين درد دام
ڪنيون جي ڪلام، صورت سَچ نہ تن ڪي.

[۳۷]

تارا تعلق آپ سين، اڃان ٿو آهي
پره ٿئين پدرو، منجهان ڪنهن ساهي
مون جيٺن نہ آهي، ڪو وِرِهُ سندو سڄٺين.

[۳۸]

ڪاهي ڏسين ڪتهہ ۾، ميان تيءَ ۾ ملُور
منجهان پرت پُور، مترُ نہ متارو ٿئين.

[۳۹]

* سائي سُڪي ڪينڪي، ڪرهي ڏٺي ڪيئن
چڪيندي چريو ٿيو، نهوڙي نيو نينهن
هاڻي ٿو هيئن، پَسي وڃڻ ان ول جو.

[۴۰]

توڏي پير ترتيا، راهه ۾ پيئي رات
چانگي ڏئي چات، وڻ متان موريا.

[۴۱]

ڪنهن پر آهي پنڌ ۾، ڪامن ڪڏايو
ڪي جي پتهه پرينءَ جا، پروڙي آيو
چري نه ڏايو، وڳ ويچاري وسريا.

[۴۲]

* متان وهامي راتڙي، ڪرها ڪاهيو ڪاهه
مون سائي ساهه، تون پڻ سانگي سارين.

صدا

اسان سنڌي ڪا ماءُ، تو پروڙي ڳالهڙي

۱- جنهين پر آئي آچيين، آيل سندا سڪن ساءَ،
اي ماءُ تو پروڙي ڳالهڙي....
۲- مرضيءَ مرض نه وسري، آيل سهسين سُڪ هئا....
۳- وِرهه ڪري وريئون، آيل ڪاڏوڙين جيئن ڪاءَ....
۴- جيئن ملايم نه پهچي، آيل پريو نه پالي گهاءَ....
۵- سنڌيون سورن پريون، آيل هنئين هَريا گهاءَ....
۶- قتيل کي فراق جو، آيل ڪو جو لڳو واءُ....
۷- ”صادق“ سور پرين جا، اندر روح رهيا....

سر ليلان چنيسر

صدا

الا الا مون کي ڍولو مَ ڍيلي، ڍولو ڍيلڻ سنديون ٿو وايون ور ڪري
الا الا مون پانيو تون ڍولو، هو تان تون پرڏيهي پٿهيڙو
١- نالي تو سياس، نالي تو سياس هو، سِڪ تنهنجي سپرين محبتي مياس
هيڪر اچي پس مون ....

بيت

[١]

** جي تون سوپي سِڪي، سي ليلان حيلا ڇڏ
پاڻي پاند ڳچيءَ ۾، تون پاڻ غريبن گڏ
رَتي رَهُه، رنگريز ڇٽي، گهٽو سباجهي سڏ
ليک نه چرندي لڏ، جي ڪارون آڙيون ڪاند کي.
آڙيونَ

[٢]

**ڪارون آڙيون ڪاند کي، نه تون روئي ريجهائيج
سوپي ان سُهاڳ کي پيلي پيرُ مَ ڏيج
ليلان ليلائيج، آهي ماڳ منٿ جو.

[٣]

** آهي ماڳ منٿ جو، حُجّت اتم ڪانم
تن ۾ طلب تنهنجي، سدائين سُلطان
مُنڪر مري مانَ، آسروندي آهيان.

[٤]

داغ تنهنجو داسڙا، جوُنري مٿي جن
تون ڪيئن مٿان تن، چنيسر چيتُ ڪَئين.

[٥]

آءٌ اوهان جو آهيان، آن کي ڏيلي ڪير
لکئي وڏم وير، تہ سڪن مانَ سهاڳڻيون.

[٦]

ڪوڙيين ڪتيُر ڪيتريون، متي در دانهون
تان آونچو سڏ سهاڳ جو، آهي آتانهون،
جيلان اڳلّي آءٌ، تيلان ڏوليو ڏيلهه جي ڪري.

[٧]

چنيسر جي راڄَ ۾، لکين ليلائون
آييون آءُ ارداس ۾ پڌي سڀ پانهون
جيلان اڳلي آءٌ، تي تو ڏوليو ڏيلهه جي ڪري.

[٨]

چنيسر تنهنجي راڄ ۾، لکين ليلائين
مون کي ڏيل ۾ ولها، توکي سهسين سِڪَنِ
جنهن جي ڪانڌ ڪکن، تنهين سُهاڳ ماڻيو.

[٩]

* متان ڪا مُنڌِ ڪري، چنيسر سان چاڳ
جان مون ڪري نهاريو، تان ايءَ نتمائي ماڳ
ڏمريو تي ڏهاڳ، تو سيڳهو ڏئي سهاڳڻين.

[١٠]

* متان ڪا منڌ ڪري، چنيسر سان چاهه
ڪانڌ ڪنهن جي نہ ستهي، وڏائي ۾ واهه
تڙيو توريءَ تانهه، تو دوس لڏائي داسڙو.

[١١]

* تو در آيس داسڙا، اڳاهين آڪهر
تتن ۾ طلب تنهنجي، سڪان منجهه سرهر
ڏيئي دلاسو ڏير، مانُ ڪميڻي ڪوٺيين.

[۱۲]

تو در آيس داسڙا، ڳالهين ڳاٺَ پري
سورن سانبيرا سپرين، سگهان ڪانہ ڪري
هيءَ جو اندر داغ ڏري، سو ڪيئن مُحبّ مٺيان.

[۱۳]

تو در آيس داسڙا، اوڳڻ ڪري اپار
جي تون ڍوليا ڍيلئين تہ مون پيٽي ناهہ پتار
آهيان عيبدار، سڪان ٿي سهاڳ کي.

[۱۴]

دلاسي جي داسڙا، تان ڪا وائي وار
تون منهنجو وَلهو، آءٌ تو ۾ طمعدار
ڍڪي ڍولَ گذار، لڄَ منهنجي لوڪَ ۾.

[۱۵]

مون ڏاڳڻ ڏوه ڪيو، ڪو ڇاٽي ڇامَ سندوه
هڻِ وليهيءَ مٿي وَلهَا، ور هٿ تنهنجو هوه
ڪهيٽيءَ کي ڪوه، مانَ ويهڻ ڏئي وٽاڻ ۾.

[۱۶]

مون ڪانڌ نہ ڪوٺي، توڙي هَنڌَ هميش
توه ڏوري تر جيترو، ور نہ لاهيان ويس
پسان نہ پرديس، پٽي پاڙي گهاريان.

[۱۷]

ٻانهوٽا ٻانهنُ ۾، جڏهين ڳچي ڳارائي
تڏهن وَرُ وائي، تو ڍوليو ڍيلڻ جي ڪري.

[۱۸]

نڪي ٻانهوڙين ۾، نڪي ڳچهہ هٿوم
تڏهين پرين سندوم، اڳوئي رءِ ڪٿي.

[۱۹]
جوش
جي تون وسين وِٽِ‍ها، ڍول ڏمريو ڏُور
مون کي ماري سپرين، ساجن اِهو ئي سُور
ٿئي مَتَنُ مٺُور، موٽ چنيسر مان پرين.

[۲۰]
آهندر وجهان آڳ ۾، هاويءَ هٿي هار
مٺيان مٺڙيئي مٺيان، پرين جي ڀتار
سرتيون اِيءَ سينگار، ڪوجهو ٿيم ڪاند ري.

[۲۱]
مٺِڙيون موران ٿي مٺيو، ڪانڌ نه مٺيو ڪن
ان ور ڪي وينتي ڪوڙيين آپيون ڪن
جيلان چُٽوءَ هار هٿن، تيلان اگهه مٺايو داسڙي.

[۲۲]
** چُٽي جنهين چيپ لڳي، سو لڳن ڪوهه لائي
جنهين ڪوڙيين ڪاٽياريون ڪيون، سو وڌو ئي
نور ڏاهي نالي،
ڀرين ڪلائي، پوءِ تو رٺاري راٺيون.

[۲۳]
جو تون ڀتيسي هار هِرُ ڪٽين، سو مٺيون اي نه مٺيون
اصل سندو اڳيون، آهي ڪوڙ ڪٽيون
ان گهوڙن هٿي گهٽيون، دوستان دُور ڪيون.
دستان

[۲۴]
مٺين مٺي جي هٿا، تن چٽن ڦيرايم چت
جانڪي هار ڪٽيندي هوڏ مان، نيبهه ٿيندم نت
ناڻ ڪونرؤ جو ڪيرت، مونهان مٺاهون ٿيو.

[۲۵]
نالو رُکي پانهنجو، جي ڏنائينم ڏهاڳ
ته پڻ پتلو ڀاڳ، جو چُوندم چنيسر جي.

[٢٦]

سهاڳ ٻه سنئيران، ڏهاڳ اڄ ڏنوم
هن نڀاڳي ڀاڳ سان هٿين هار ڇنوم
تنهان پوءِ ٿيوم، قدر ڪاٺيارين جو.

[٢٧]

ڪانڌ تنهنجي پاند رِيءَ، ٿي سيءُ مران سڀ رات
اڇين جي پريات، ته وِلهه نه ساريان وَلِهَا.

صدا

ڍولا وڃي ڏينهن لايوئي، وڃي ڏوراڻي ڏيهه تي وڃي ڏينهن لايو

١- جيئن پتنگ اچي آڳ ۾ سڙي منجهه ساهي
٢- اسان نماڻين جو اهڙو حال آهي
٣- نالي سئون تنهنجي چنيسر چاهي
٤- ڪٽنب قبيلا ڇڏيا جنهين تو آهي
٥- ”صادق“ سنڌ نه سنڌيو ڏسي ڪنهن ڏاهي.

سر رپ

صدا

پرين ٻاروچا، سي هوت اڳي آئيا
١- ڪٿوريان سرها، او ماڪيان گهڻو مٺا
٢- جاتون ڪيم جن لاءِ، او اکئين سي ڏٺا.

بيت

[١]

مون جن جو نه لهي، گوندر گتريءَ رات
ڪڪڙ ڏيج مَ لات، جان آءٌ گڏجان سڄڻين.

[٢]

مون جن جي نه لهي، جهوري جهڄڻ جهانءِ
آيل ائين مَ ڀانءِ، ته ڪا آءٌ جيئندي اُنَ ري.

[٣]

مون جن جي نه لهي، آيل! اِيءَ اُڪيرَ
سڄڻ منجهه سرير، ٿا ماء چڻڪن چِتّ ۾.

[٤]

تيئن ٿا چڻڪن چيت ۾، جيئن سا گهنڊي لار
مون کي هوت! هنيين ۾، ٿا وَسن ويرو تار
جيڪا ساعت سپرين، ٿين آڪينئون ڌار
تہ ڪر سپ چمار، هنيين هيڪلي گهاريو.

[٥]

سڪ نہ لٿي سپرين، گڏ گڏجي مٿيان
سڄڻ نباتون ڪري جيڪر نت پيان
آهي مان اڃان، ايڏي اُڃَ اکين ۾.

[٦]

ڏُکَنِ مٿي ڏُکڙا، سَٺِهي جيئن سانداڻ
پريـن وِڃايو پاڻ، پڌران انهي پيٽيين.

[٧]

هنيون لوهه سنداڻ جيئن، ڏکن مٿي ڏَکَ
هنيان هٿي، نڌڪ، جو تون سڄڻ ساريو نه مَرين.

[٨]

سڄڻ ساريو نه مَرين، اڃا تو جيين
لڳني ڪونه هنيين، ڪو ڳُڻُ ڀاروچل جو.

[٩]

اوڀڙَ ولهارن ۾، اتي جيئن مورن
سا پَرَ گوندر ڪن، جيئن ڦوڙايو سڄڻين.

[١٠]

شاخون ڪيو سرير ۾، تا وَڻَ جيئن وِرَهه وَڌن
سڄڻ تان نه اچن، آيل اوريان ڪن سين.

[١١]

حال ڳرهيان ڪَنَ سين، مون سين سڄڻ نه سانيپٽ
ڳالهيون اندر پيٽ، سلا موري سُڪيون.

[١٢]

پيم ڪرت ڪپار ۾، جڏهن سڄڻ سنياريام
هريا هٿَ تمام، نيڻئون نير ڳڙي.

[١٣]

لوڪَ رهندي لڌيا، اڄ به منهنجا سيڻ
ماء منهنجا نيڻ، آپيا آت آرون ڪري.

[١٤]

ڏتڙ پٽي ڏينهن ٿيا، هينئڙو ڀيڙيء جيان
موٽيو تان پريان، ڪر لاهوتي ڪڏهين.

Scanned with CamScanner

[١٥]
ماءِ منهنجو جندڙو، گوندر ڪيو غرق
ڏکوين مَرڪَ، متي چپرَ پنڌڙو.

[١٦]
ماءِ منهنجو جندڙو، ڏکَن ڏات پيو
وِرچي تان نه ويو، ساري سپرين کي.

[١٧]
وِرِهَه ويڙهيم جندڙو، ڏکَن ڏَنئي نيوم
سانديڻ سورُ ٿيوم، ساهه پرينءَ ري سرتيون.

[١٨]
سُورن مون کي سانديو، ڏکن نپاياس
جيڪُس اڳ هُياس، گُرِي گوندر وَلّ جِي.

[١٩]
وِرِهَه منجهه ويهٽون، گوندر هَٽَ نه پيرَ
ڪُڙهه ۾ قطارون ڪري، جان سورن لايا سيرَ
گهرَ گهاريندِي ڪير، هيڪلِي ري سڄڻين.

[٢٠]
سڄڻ مون نه سهيتيا، جڏهن هوتَ هئا
ڏينهن ڏونجهارا گهاريان، جي پريَن ري پيا
مون ويسلِيءَ ويا، جيجَل جوڀن ڏينهڙا.

[٢١]
ڪڏهن ايندا مان ڪِري، لَنوءُ ڪانگل چو سَچُ
مانَ اجهامي مَچُ، مان اندر جو ٻَري.

[٢٢]
ويرن واڪيو نه رهي، چِتُرَ رهي نه چِت
ري پڇئي نت، هينئڙو واٽ ويکيو جيئي.

[٢٣]
ڳالهيون سڄڻ تنهنجون، سنيريو جيئان
لوڪان تان نه ڏيان، تِنئان ڪڏي هيڪڙي.

[٢٤]

* ٻاهر ٻاڦ نه نڪري، اندر ڏاڍيَ ٻرن
* ڏَنڀُ جو لايو سڄڻين، سي مَتَڱُر مات نه ڪن
* سي ڪيئن آجهامن، جَن جا جهوڪيندڙ سپرين.

[٢٥]

تانڊين ڪانڊيين ٻاٻرين، مَتَ پڇي پيئي
وِڃڻئون ويئي، ٿيي وَهيئي سڄڻين.

[٢٦]

مَترِي مطرقن سين، سڙي ويٺي سندانَ
تَنَ ۾ تاڻو تاڻ، اڃان مون پرينءَ جيي.

[٢٧]

وَڏي ۾ وِچڙي پيئي، سا گهاري ڪاڻ
تيئن پاڻان ويس پاڻ، گڏ گڏجي گوندرين.

[٢٨]

جيئن سي ٻاڻ پٽڊن جا، ڪانٽيءَ چيرو واءَ
تيئن "صادق" سورن سان، ڏُکيو ڏُکي دل ۾.

[٢٩]

مان پريان جيي ڳالهڙِي، ڪنهين ڇيوئي تان ڇور
مون کي وِجهيو هورَ، تون وتين ٿي سنتري.

[٣٠]

تو ۾ ڇنڇُور ڇُور ٿيا، تون پاهڻ ڪِيي لوهه
تون ڏکيا کهڙي ڏوهه، ڪاميو ڪُوري نه وڃين.

[٣١]

پڌر وِجهه ۾ پرنيٺون، ڳرهڻ ۾ ڳتِرهيج
تان سُور آنهي سيج، جو لاهيندڙ ڪو لَٿهي.

[٣٢]

پَڌَرَ وجهه مَ پريتڙون، ڳرهه مَ، ڳتَرُ روءِ
مَتَر سورن سيِر هوءِ، هينئڙو ڪُمَ ڪَٽن جيئن.

[٣٣]

لُهار ڳالهائي لوهه ۾، چيرن ڪري چِٽاٽَ
جنهن گهڙيو هي گهاٽ، تِي ٻولي ٻُري آن جيِ.

[٣٤]

لُهارُ پنهنجي لوهه کي، ڏَوَڏين منجهه ڏَنئي
مَتَنَ ڪا لاتَ لَتنئي، سنيار سپيرين جيِ.

[٣٥]

آٽيو اڳارن ڪي، تا ڪوري منجهه ڪانئين.
تنهين پٽر تا تائين، ڏيل منهنجو ڏُکَ سين.

[٣٦]

ڪامي ڪوري وچ ۾، جيئن سو تئي تَرو
مونکي ڏنو سڄڻين، منجهان سيڪَ سرو
مَرُ جهيڻو هوءِ پَرو، ڪُهه ڦوڙائو سڄڻين.

[٣٧]

وَهن واريءَ ڳاڏئون، جيئن سي ڪوهيءَ نار
هينئڙو پريان ڏار، نبيريانس نه نبري.

[٣٨]

چڙا توکي چوري، ٻوليءَ وڌو ڪن
زيهه ڏيئي ڪنهن رنگ جو، جاڳايئين جن
سدا تنهنجي من، تي لڳي لار فراق جيِ.

صدا

مون کي ينيور ٻاروچا، الله آٺي ميڙئين
١- آءٌ جڏڙي جن ري، سي الله محب* ملن.

صدا

سونهارو سو سڱ، جو مون ٻاروچن سين
١- الله الله نينهن ڇڄي تان نه، جو مون ٻاروچن سين.

صدا

مارو پرين جو جيڪي ميڙيي لهندو ماءَ، ميڙيي لهندو ماءَ نا ته مُٺي لهندو
هاڙهو لنگهي هوتا اي دوستا، اي ووءِ ووءِ ٻيهي ويا ڇپرين
١- ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو ٻر وڃڻ ٻيو مون، اي ادا اوٺي نه ٻڙان،
جان اي سڳر نه سو سيڻ....

صدا

تون ڪر پڇين ڪوهه، هيءَ اسان جي حال جو
١- جنهن کي ڏکي ڏيل ۾، اوءِ سا تان ڪاهل هوءِ
درد دردوندين جو اوءِ ڪمتر ڇاڻي ڪوهه
٢- ٻري پسي ٻهين جهين اوءِ او ٻڻ ڏتو ڏوهه
دائم آهي دل تي اوءِ اي عاشقن اندوهه
سپريان جي ڳالهڙي اوءِ ٻڌر وڃهڻ ڏوهه
٣- سِرُ وڍي ٻير ڪري اوءِ ڪو عشق راهه هلندو
جُوءِ جن جي اورنگي اوءِ وڙلو انهين ٻندو
سيٺي ڇاڻن مي سڃاڻن، اوءِ لوڀايا جي لوهه
٤- سپريان جي ڳالهڙي ادا جي هوند ٻڌر ٻوهه
ته مارو ماڙهو مسڪين کي ووءِ هوند سيڪو ٿو ڇوهه.

صدا

لوڪ نه آڇيان ماءَ، ماءَ پريان جون ڳالهيون
١- مون سين ڪيون سڄڻين ڳجهيون ڳجهي لاءِ
٢- سانڍيو سانڍيان ساهه ۾ سپريان جي ساءِ
٣- ٻڌر آڇڻ ٻرَ ڪي ڪا ايڻ جڳاءِ.

Scanned with CamScanner

صدا

اڳي اکڙين، کوهه اوجاڳو نه ڪيو
١- سنجهي پيئي ستيون، اوءِ تـــان ور سور لهن
٢- منداڻتي مينهن جيئن اوءِ لايو جهڙ جهمن.

صدا

تـان سريم هوتــا دوست ري، اِي سور سلتم تي
١- مون کي مادر مهٽا ڪچاڙي کي ڏي، جيلان ڳالهه ڳري ٿي.

صدا

ڏجان هوتن کي ڪو نينهن نياپـو، نينهن نياپو هو ڪو نينه نياپو
١- وِهــان ڪيئن ينيور ۾ آهه پـريــن پچاڻان.

صدا

توءِ منهن ۾ ڏِکٺ، گهوري جي سئو گوندرين
١- سرهي سپيرين سين سا آرهي ٿئي نه ليڪ
٢- پوتي پئي پرينءِ سين، سا لــوڪ نه آچي ليڪ
٣- او جيڏانهن پسي پرينءِ کي، تيڏانهن ييري وِڪٺ
٤- ”صادق“ و هن سورَ جــون نيـّون ڪيو نِڪَ.

صدا

جيئري زيــارت، جي مان هُئي پرينءِ جي
١- پهريــن گڏجـان سڄڻين، پـوءِ ڳالهڙين ارتَ
٢- چنڊيان ڪيهه اکين سين، آهه پيرين وجهان هٿ.

سر آسا

صدا

راتين راهه رڙهندڙي روءِ، ٻرينيان ٻوءِ، موٽي موٽي نه ويهان

۱- ڏوٿي ڏيهائن جو ڪالهه پرين نه آيو ڪوءِ
۲- ويٺي سوئي گهاريان، پر جو مان ڏک ڏنوءِ
۳- چڙهيا ڏاڍين ڏونگرين، تن سيڻن سانگ نه ڪوءِ
۴- ڇڏي وڃو ڇپرين، پر ڏکيءَ کهڙو ڏوهه
۵- آن جا ڇڏي ڇپرين، تنهن هن هاريءَ حال نه ڪو
۶- حال منهنجو ههڙو ڪو ٻُري پريان ڪي چوءِ.

بيت

[۱]

آسا ڪجي الله جي، ٻئي نه سڄجي پاڻ
سچو جن پرياڻ، لنگهي سي پار ٿيا.

[۲]

آيي در دوستن جي، آيريوم عرق
مون ڪي ڏنو سڄڻين، سندو سور سبق
اڄان ايءُ ورق، ماءُ مطالع نه ڪيو.

[۳]

پيرهه جوڙج پرينءَ سان، نيٺي نيرانا نيڻ
ستر ڪاڏا ڪيڻ، جمن ڏٺو منهن محبوب جو.

[۴]

پِرھ جوڙج پرينءَ سين، نيڻي نيرانا نيڻان
ڪا هلندي سيڻان، آءٌ ويندي در دوست جي.

[۵]

دوست ديکڻ آئيون، اکيون علي الصباح
آپيون عرضداشت ۾، ٻي چڏيائون آهه
رَچنديون ري پاهه، پرچنديون پرينءَ سين.

[٦]

اڀرندي سِجَّ سپرين، پهرين جي نه پسن
ڪيڏي ڏي ڪانگن، منهن ۾ مور نه چڳيون.

[٧]

اکيون مون نه وَهيٽيون، اکيون پنهنجيءَ مَتِ
وڃي لڳيون ٽِنهين، جتي جيءَ ڪپت
پڳي ڪانهي پِت، سِرُ ري ساٿو نه ٿئي.

[٨]

مون کي پڇي تان نه ڪي، تن اکڙين آرَ
اورانگهي عالم کي لنگهي ٽيڙيون پار
ٻي نه چاڙن ڪار، وِرِهه وِهاڻي آئيون.

[٩]

مون کي پڇي نه ڪيو، تن اکڙين آرو
وڃي لڳيون ٽِنهين جِت پَهُتَ نه پارو
سڪڻ ۽ سارو، وِرِهه وهائي ويئيون.

[١٠]

جان ڪي جهَلُ ۾ پائيان، تن اکين کي آءٌ
تان رنگ جنهن جي رتيون، سوجهي ڏٺائون
پسن پراهون، اورانگهيو عالم کي.

[11]

وڃي ٻيڙو لاڪ تي، نظر اکڙين
ڪارو ڪين پسن، مڙيو ٿي ڳاڙهو ٿيو.

[12]

وڏا ٿورا لائيا، مون کي اکڙين
تہ پڻ پرين پسن، ڪٺان جي ڪرَ سامهون.

[13]

جن سين پسين پرينءَ کي، اکيون سيئي ڏار
ٻئي ڏانهن ڪم نهار، گهڻو ريسارو سپرين.

[14]

آهي جن اکين کي، تو لئہ آڄَ اپار
پرين پاڻ پٺيار تہ، آڄَ آجهامي آڄَ سين.

[15]

آهي جن اکين ۾، سندي ٻاپيهلَ پاجهہ
سيپچاٽي جيئن سِکيون، ويٺيون وجهن واجهہ
هاڃو سندن هاڄَ، ڪم نہ ڄاڻن ڪو ٻيو.

[16]

ساڄن اکڙين ۾، گهليون ۾ گهوڙا
لاهين نہ لوڙا، توڙان هاڃي هيريون.

[17]

ساڄن ساڄن تي ڪربان، جي سر ۾ ساڄن ري
مانَ ٻاجهائي ڏي، متي آتي هتڙا.

[18]

ساڄن شڪاري ٿيو، اڄ پڻ چاڙهي سيڱ
رِيءَ منهنجي جندڙي، ٻيو ماريندو ڪين
اسين هڏ حليم، تون ڪان هڻندين ڪن کي.

[١٩]

ڪشي ڪان ڪمانڻ مان، متان هڻين مون
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

[٢٠]

اوقابيل اکين ۾، تو مَ ٿل تکا تير
ساجن انهي سيگ سين، ڦٽي گهڻا فقير
پيو مَ مارج مير، تنهنجو پهريون ئي پورو ٿيو.

[٢١]

اوقابيل اکين ۾، تير چلايا تو
پيو مر ماري سو، جنهن جو پهريون پورو نه ٿئي.

[٢٢]

سائين ڪارڻ سپرين، پاسي وَن مَ ويهه
سچ سهان نه ايترو، جيئن تون پسين ڏيهه
وَنيئن ۾ ٿي ويهه، ته آچارا اکيون ڪريان.

[٢٣]

وَنيون وهاڻان پرينءَ جا، اکيون اوتارا
سچ سيئي آئيا، جي جيءَ جا جيارا
پسي پيارا، اکين آسون پُنيون.

[٢٤]

هيءَ جو هُري اک ۾، سو ڪنڙ ڪڍي ويهه
ته سو ئي پسين ڏيهه، جيت 'آهه' نه اپڙي.

[٢٥]

جو هيءَ هُري اک ۾، سو ڪنڙُ ڪڍي ڇڏ
ته توهين سندو هڏ، پسڻ پوڄو نه ٿئي.

[٢٦]

هي جو هُري اک ۾، سو ڪنڙُ ڪڍي لاهه
ته توهين سندو ماءِ، پسڻ پوڄو نه ٿئي.

Scanned with CamScanner

[٢٧]

نرم جي ٽُنهن سان پڇي پڇيائون
پيڙا جي پيائڻ جا، سي پيري پڳائون
'اسين' ۽ 'آهه'، آسڻ هئي نه ان جي.

[٢٨]

آٽي ڪوڏ ڪتڻ جو، نه ونءُ ڪاتارين وَٽ
اَچي ڳاٽ نه آٽيون، من جوڙيائون مٽ
آرٽ جيي آپٽ، ٿي سُڄي صرافن ڪان.

[٢٩]

آرٽ سڄي آنگُڙين، جان اَنَ گهاڙيٽي گهڙيوءِ
جاڳي ڪوهه نه پيرئين، ساڄو جان سندوءِ
اِنَ آلڙيان پوءِ، گهٽا هٽنديڻ هٽڙا.

[٣٠]

ڪاپاٽيون ڪُنڊن ۾، صبوح سڏَ ڪرين
مٽي مُونن هٽڙا، پنيءَ آو پيرين
نيٽين تنڊ نه ڏين، سٽڪي صرافن جي.

[٣١]

ڪاپاٽيون ڪُنڊن ۾، صبوح سڏ ڪرين
مٽي مونن هٽڙا، اڪيون ڏانهن پرين
توٽين ڪين ڪتن، ته ٻه ڪاند ان جو ڪوڏيو.

[٣٢]

جاڳي جني پيريو، پيريو وير سٽوير
مٽي پلنگهن پير، پسو تن ڪاپاٽين جا.

[٣٣]

تو هٽڙا سونهائتا، ڪوهه نه ڪتين رڏ
ڪرڪا پٽر ڪُنڊَ پٽيءَ، ڳٽي ڳالهه ڇڏ
ته صرافن جي سڏ، هوند حاضر هجيئي هٽَ ۾.

[۳۴]

پر پنهنجا نہ تيا، ڳڻهي ڳالهڙي
جان جان مالهڙي، ٽُنٽي ٽِڪاءُ نہ ڪيو۔

[۳۵]

جي هيڪلي پيرين جي، تون اهرين تن ڪا تار
ڏِني ڪا ڏوار، صرافن تنهنجي سُٽ ۾۔

[۳۶]

پيرين ۾ پانئيين، ايئن وڏوٽو ڪانڌ
اوڏِي تي عرضداشت ڪر، ڳچيءَ پائي پاند
مچڻ ٿئي وڻواند، ڪيتو وَتو تنهنجو۔

[۳۷]

آمُجهائي اوبڻ ۾، نا تہ ڪيتوئي منجهان ڪوڏ
ڏيکاريوهہ ڏڏن ڪي، آڙيو سُٽ اپوجهہ
ڏوري تنهن سپوجهہ، ميٺ محڪم جنهن جي۔

[۳۸]

نڪي ڪتيئي ڪتڻي، نڪي ڪتايئي
سنهون سٽ صراف جو ويئي وڃائي
پنيو تي پائي، آرهٽ برابر اڳڙيون۔

[۳۹]

سَنهي تَندَ، ور گهڻان، ڪتيان ڪچاڙو
ڪاپي متي ڪيترو آٽيان اڏارو
سُيان سوارو، ٿيندو سڌ صراف جو۔

[۴۰]

ڪتڻ جي ڪانہ ڪريين، سُتيين ساهي هَڏَ
سرتيون ڪنديون سڌ، تہ سڪندينءَ سينگار کي۔

[۴۱]

سرمون وِجهہ مَ سپرين، پنييون هڏ مَ پير
نيڻن سان ناز ڪري، جيءَ ۾ وِڌُه جهير
فوجَ پرانهين ڦير، تنهنجن رڳين ٿي رڻ ڪيو۔

[۴۲]

ڪا ڪتڻ سان ڪوڙي، ڪا سٽيائي سنهاءُ
ڪا آپيتيان نه آوڙي، ڪا ويٺي واتا ڪاءِ
عجب جهڙي آهه، ڪانڌ وڏائي تنهنجي.

[۴۳]

سٽ تنهنجو سڦرو، ڪتي ۽ ڪتهي
سري صرافن جو جي پري پاءِ لتهي
ته رڻ راند رهي، هوند ڪتڻ جي ڪانه ڪتري.

[۴۴]

جيئن پيون پٽڪو ئي نه سٽي، تون ايئن چرخو چور
پائي منهن مونن ۾ اولائتي اور
صبح نيئي تور، ته ماڪنئون مُلهه گهڻو.

[۴۵]

آتڻ ۾ پتها ڪري ڪتيئم جنين ساڻ
سي نه ڏسجن هاڻ، ڪٿي ڪنهن ڪُونڻ ٿيا.

[۴۶]

آتڻ ۾ پها ڪري، ڪتو جنين گڏ
ڏيئي چرخي چنڊ، ساجهر ويٺيون نڪري.

[۴۷]

آتڻ ۾ نهاريام، پائي پاند ڪپاهه
تان ڪٿي ڪانه پساهه، سرتين ساجهر لڌيو.

[۴۸]

اڄ نه آتڻ آئيون، جنين ڪتو ڪالهه
ارٽ اڪولي مالهه، پوري ويٺيون نجهرا.

[۴۹]

آتڻ ۾ نهاريام، ته ناهه ڪتڻ وائي
سرتين ساجهر لڏيو، ڇپون سٽيون سنجهيائي
پانڌهين جي پائي، ته ڪانهي پرت پتهين جي.

[٥٠]

ڪانهي پرت پتَهِيءِ جي، نڪو ڪوڏ ڪتڻ
سرتين ساجهر لڌيو، ٻوريائون آتڻ
اچي ڪانه اوبڙ، جيڪس چرخائي چُور ٿيا.

[٥١]

آجُ نہ آتڻ آئيون، اولاڻين ارث
پهيون مٿي پَٽَ، لُڏَن لاڪيڻين جون.

[٥٢]

اکيون مون آپاتيون، روڏيي رَتَ ڦڙا
پرين جي پسڻ جو پٺين ڪونہ پتڙاء
ابتو ٿيـن اڙاء، سيڪن ساعت سيڪنهين.

[٥٣]

اکيون پريتم تنهنجون، ڪُٺي قتل ڪن
ڪوڙيو ڪٺي سپرين، اڇيو جت اڙن
مارڻ آهين من، فنا فاني ڪنديون.

[٥٤]

آرٺ آلوڙي پاهريون، منجهان وجهج مالهہ
ڦيرج گهڻو فڪر سين، "صادق" ڪج سنڀال
ڪتج منجهہ ڪمال، تہ سُڃين صرافن سان.

[٥٥]

ڪڏهن ڪاپوي، هن ڪتڻ منجهہ ڪاڻ
اڇيو چُون اپوجهہ ڪي تہ سٽ نہ ڪٽج ساڻ
هٿي هٿي منهنجو هاڻ، ڪنهن پر ڪاپو آجهي.

[٥٦]

مُنهن پنهنجو پاڻ ۾، جان صورت منجهہ سڃاڻ
تان پڙهڻ پورو نا ٿئي، اکر جو اهڃاڻ
پيريندي پڃاڻ، آرٿَ چارٺي اگرا.

[۵۷]

آتڻ مون اندوھہ ۾، ڪتڻ رھيو ڪونہ
آئي ويٺي اونَ، جيئن ٿيو سَڏ سُڄان جو.

[۵۸]

جِت صلح سالڪن جو، آتِ اچي ٿي اڄاڻ
پاڏان وِيَسِ پاڻ، ڪتڻ رهيس ڪونہ ڪو.

[۵۹]

اولاڻي ارٿ ڪي، سُٺي سويري
تيلان ٿِي ميري، ڪوجها ڪري ڪپڙا.

[٦٠]

آئي آتڻ وچ ۾، روڙهيائين رنديا
ارٿ جي ڏنجها، سنهي تند نہ ڪري.

[٦١]

سرتين سنهون ڪتيو، پيرم جيئن پيري
ڦنگڙا ڦيري، ٿي آتڻ ۾ آهون ڪري.

[٦٢]

آرت آلاپ ڪئي، رُون رُون منجهان راڳ
ڏنائين ڏهاڳ، سُڄي ڪانہ سُهاڳ ڪي.

[٦٣]

سورُ نہ لٿم سُٽَ جو، ڪتيُم جان ڪپاھہ
تان سَتَڻڪو اندر ساھہ، "صادق" صرافن جو.

[٦٤]

سو سڃاتم سپرين، جنهن ڪتيندي ڇيني مال
ڪو پلو ڪري ڀال، نہ تہ وَسُ ويچاريء رهيو.

[٦۵]

ويا ٻهانا پنهنجا، پرين وِسري پاڻ
سڄڻ هئا ساڻ، مون پرکيو ڪوھہ نہ پرکيا.

[٦٦]

وِيرِي وِرچانئِي وِيو، هُو جو هئو ڪال
ارٿ آڪوليو مال، پسيو پٽسان پرينءَ کي.

[٦٧]

اڄ پڻ شوق شمع جو، چِلا چاڙهيائون
ڪشي ڪانُ ڪمان مان، محڪم ماريائون
ٻر ٻر ٻاريائون، سندو محبت مامرو.

[٦٨]

مون ڪاپائتيءَ ڪتيو، ٿُلهو ۽ ٿورو
سنئين پوي صراف کي، ڦولي نه ڦورو
جيت ترندو تورو، آتڻ ڪاڏياري ڪانه ٿئي.

صدا

پوري مَ ڪر پاڻ، ڪُوڙو جوين تنهنجو چاڻ
١- ڪتيين وتيين پاڻ کي، کهڙو ڪريين تاڻ
٢- پٽهيون ڪِتڻ مَ پاڻ سان متان پوئي ڪاڻ
٣- جڏهن ڪتين پوءِ ڪنبين گهٽو ته ٿئين سيٽڻ ساڻ
٤- "صادق" جو پٽهُه سڄڻين، تون تند تنهين پر تاڻ.

ســـر ماروئي

صدا

اي هو مارو مَ ڀانئيج ، تہ ڪي سَٽہَ سائين ٿوريان
١- ماڙيءَ منجهہ مڇَ ٿي سگهڙي سار لهيج، الو الو....
٢- لوئي منهنجي ليڙون ٿي، اڇڙي سا پسيج، الو الو....

بيت

[١]

ڪنهين ڏيهان تون نڱيو، ڪتي ويڙهيچا
ساري سانبيٽڙن ڪي ، ساڙو ٽيٽڙم ساهہ
کهڙو وريان واءُ، جيئن مون کي ڇڏيان بندَ ۾.

[٢]

تہ مان بند نہ ساريو، جي ڪَرَ لڏائون
ماروئڙن آئون ، جيڪس ويس وسري.

[٣]

مارُو ناهہ مليرَ ۾، جيڪس جيلاهين
منهنجي تيلاهين ، اڇيو ڪَرَ ڪو نہ لهي.

[٤]

ڪَرَ نہ لڏي ڪڏهين، منهنجي ويڙهيچن وري
ماروئڙن ايئن ياٺيو تہ ويهي مندَ مٽري
خبر هيءَ ڪري، جا مون ڏني ڏوٿين.

Scanned with CamScanner

[٥]

پانڌي پرين پنوهار جا، جان تو وڃين وَسَ
منهنجا ڏيج ملير ۾ سلامن سهس
آءٌ اوهان جي آهيان، گولي مٿي گس
ڪرڙ، ڪنڊا، ڪاهيون، آن جا مُٺي وسرندم مس
ويٺي ڪريان وس، ايڏي جي اچڻ جا.

[٦]

پانڌي پرين پنوهار سين، روئي ڪج رهاڻ
جيئن تَرَ وڇون وٺيون، تيئن آءٌ هت سورن ساڻ
ڪتيان ڪانه ورياڻ، ڏکن ڏيل ڏهيون ڪيو.

[٧]

پانڌي چئيج پرين کي، ڏکن آءٌ ماري
پيا ويڌ وجود ۾، تَنَ اوهان جي تاري
گوندر ٿيا پاري، ڏکن ڏيل ڏهيون ڪيو.

[٨]

پانڌي چئيج پرين کي، مقابل ويهي
ستڙان سيڪان سَدَ مران، ڪارڻ آن پيهي
وٽان مون ويهي، ڪَرَ نه لڌيان ڪڏهين.

[٩]

پانڌي پرين پنوهار کي، جيئن چيم تيئن چئيج
مَ ڪَنج ويلو وچ ۾، مَ ڪا رات رهيج
سگهي سار لهيج، ڪوٺيءَ ڪُٺي آهيان.

[١٠]

ڪوٺيءَ ڪُٺي آهيان، زوراور زنجير
ساريو مارو مير، ويٺي ڳوڙها ڳاڙيان.

[١١]

ٻانهن ٻنهين ٻيڙيون، جُسي تي زنجير
هڪڙا پٽيڪڙا پيرن ۾، ٻي هنٿيي ڪي همير
مون کي ڏنا سومري طعنا ۽ تعذير
منهنجو رِيءِ ملير، هت قدر ٻيو ڪونه لهي.

[١٢]

ٻانهن ٻنهين ٻيڙيون، ڏُکن ڏينهاڙي
پڪن پارون ٽٽن پيا، جيئن موڪن مينهاڙي
عمر آماڻي، مران آکندي ماروئين.

[١٣]

جيءُ منهنجو جن ري، اداسي آهي
"حبُ الوطن مِنَ الايمان" تو چيت اوڏانهين چاهي
ايءُ نينهن نباهي، ملان ماروئڙن کي.

[١٤]

جيءُ منهنجو جن ري، ڏکيو ڏينهاڙي
ڦوڙائي فراق جي آڳ نه اجهائي
عمر آماڻي، مران آکندي ماروئين.

[١٥]

سدا آهي سومرا، مون کي مارو مٽَ
چاچا، محل، ماڙيون، ٻيو سڀ ڏيان ٻن
مون جيڏيون ملير ۾، تيون ڏؤنرا ٻُسي ڪن
رُڃن جي رهن، آءُ تنهين سڪان سڌ کي.

[١٦]

نڪو اوٺي آئيو، هُتي جو هليي
ساري سانبيڙن کي رهيم جيءُ جتليي
آءُ هيت گوندر ۾ گتليي، هُت مارو تو ڏک ڪري.

[١٧]

نڪو اوڏي آئيو، نڪا خبر نه خواب
سرتيون آنَ ساٿيهه جو پڇان ڪنهن جواب
اندر ڪيو ڪباب، مون کي وِجهُل ويڙيچن جي.

[١٨]

ميندا ڏوهه نه مارئي، پيس پنوهار چيتِ
هنجهون هاري، راڄ رتاڙي، هٿي جيي هيت
آهي انهيءَ پار جي، ڪجهه ۽ ڪپت
سومرا سُپت، ڪر ته ڪوٺيان نڪران.

[١٩]

ميندا ڏوهه نه مارئي، ٿيس چيڙهه جي چڪ
ستي سيئي ساريا، سڙي جن جي سِڪَ
تان مون پچي هِڪَ، جي ڏوٽي گڏجن ڏيهه جا.

[٢٠]

ميندا ڏوهه نه مارئي، ٿيس ڪڙليون وار
ستيءَ سيئي ساريا، جي پاٽر جا پنهوار
ڏڏولين ٿون ڏار، ٿي ڏکيا گذاريان ڏينهڙا.

[٢١]

قيد ڪشالو گهاريان، ڪڙو ۽ ڪوٺي
ٻريو منجُ ماروءَ لاءِ، آهه لاءِ تنهن لوٽي
پسان ڪونه پهر منجهه، آهه آتي جو اوٽي
ڳولائي ڳوٺي، جنهن سان حال ڳرهيان سومرا.

[٢٢]

سومري ڪونه ڪيو، مون سين ناهه نياءُ
هڪ وڏائين بند ۾، ٻيا قيد ڪڙولاءِ
زيريون هين ضعيف جون، ساريو ڪٽن ساهه
مارئڙن مٿاءِ، عمر تو ايجهون ڪري.

[۲۳]

لوئي اينگ ڪنجري، ٿيي سڀي سيبا ڏي
ڪتيءِ وٽيون ڪتيون، سٽيي سيڙي سي
مڇڻ چونم ڪي، تہ لڄايمي ٿر ڄائيون.

[۲۴]

ڪتيءِ وٽيون ڪتيون، آنديم جا ٿراءِ
لائي هٿ پراءِ، ڪيئن ڪُرَ ڪي ڪچو ڪريان.

[۲۵]

لوئي مون ليڙون ٿيءَ، ڀڳڻ ڀي منجيج
سدا سنگتَ ڏينهڙا ور مَ وساريج
مُٺ ماناڻيءِ منجيج، تہ آءٌ نيڻر ۾ نئون ڪريان.

[۲۶]

مون لاءِ آندي مارُوئين، ٿُنيي ڪتيي ڪال
سا ڪيئن لوئي لاهيان، مٿان لڳن لال
مليرَ وڃي شال، ڏهيون تنوءِ ڏيکاريان.

[۲۷]

مون سين ماروءَ جي ڪيا، ٿورا منجهہ ٿرن
عمر آن ڳٽن، لوئي هڏ نہ لاهيان.

[۲۸]

سنهين سُٿيءَ سبيو، مون مارو سين ساهہ
هنيون منهنجو هُت ٿيو، هيت ميٺي ۾ ماهہ
سدا ويٺي ساريان، گولاڙا ۾ گاهہ
جيئن هُت پکي منجهہ پساهہ، تيئن هيت ڪرڳل
آهي ڪوٽ ۾.

[۲۹]

سنهين سٿيءَ سبيو، مون ماروءَ سين متن
"وَسَقاهُمْ رَبُّهُمْ شَرَاباً طَهُوراً" پياريو پرين
جيئن هُت وِرهہ ويڙهيچن، تيئن هيت ڪرڳل
آهي ڪوٽ ۾.

[٣٠]

سَنهِين سُئيءَ سَبيو، مون مَنُ ماروءَ سانُ
عمر آڪِيرَ جن ڪَي، سي هت نه هونديون هاڻ
مون ڏُکِيءَ ڏينهن گذاريا، سَدا سورن سانُ
جيئن هُت ويڙهيچن منجهه وٿاڻ، تيئن هِت
ڪرڳل آهي ڪوٽَ ۾.

[٣١]

ٿرن ٿيلي نه مران، جي مَان مارُو نه ٿيلين
پَٽ پرين پنهوار جا، مر ٿا ڏکارين
امر جي نه مڃين، سي ڏوٿِيءَ ڏولائي پيا.

[٣٢]

ماروءَ جي مذڪور جي سَدَ نه سومرين
جيلان سَنڪو ناهه سرير ۾، تي تيون البيليون آٿِيَن
سَتَرُ سي سِڪن، جن ويڙهيچو وجود ۾.

[٣٣]

ساعت ورهيه ڀانئيان، گهڙِيءَ ڇِههُ نه ڪوهه
مون کي ماروئڙن ري، هِت پَلُ مَ هوهه
صُبحان هوهه مَ هوهه، آءٌ اَڄ ڏِي ملان ماروئين.

[٣۴]

پاهينءَ پاڪينءَ پترينءَ، مَٿُ پريان سين هوهه
متان مارو ڇوهه، ته اڃان ويٺي وسري.

[٣۵]

مُنهن ته منهنجو سومرا، مر ميروئي هوءِ
لارون جي لَڙڪن جون، وِنيو ويندِيس لوهه
متان مارُو ڇوهه، ته ڌوتوهه ڌورائن ۾.

[٣٦]

ٻانهين هٿين ٻُڙيَسِن، لوڏِي ٻِڏان بيٺ
لڄائِي لتِڄَ مَري، ڌٺان ڌورائن هيٺ
مون ڪا ٿيندي ڏيٺ، موٽِي ماروئڙن سان!

Scanned with CamScanner

[۳۷]

ٻانهين هٿين ٻُنڙين، لوئي نه لاهي
هندورا حيرت جا، رَتا نه راهي
اندر ڪا آهي، ماروئي ڳالهه ملير جي.

[۳۸]

سمهان ڪين سَوَڙين ۾، رَليي رد ڪري
مون ڏانهن ڏڪان چائيا، ذات منهنجي جي
مارو ملنم سي، ته سڀ ڳرهيان ڳالهيون.

[۳۹]

مون ڏانهن چائيا جيڏيين، اڄ اِڍنگا ويڻ
هاري هميرائين جا جيڪُس چکيٺي ڪيڻ
ساڏوهيون ۽ سيڻ، ڪِ تو ويا وسري!

[۴۰]

سُٺي ساريم سومرا، ساٺيه ساڏوهيون
مون سين ملير چائيون، جي هيڪانڍيون هيون
تان پيره جون پيئون، زائچون زنجيرن جون.

[۴۱]

پيرهه آٿيو پانڌي پڇان، رات نيچويم نيڻ
مارنم "ميٺن" چئي، تن ويڙهيچن جا وِڻ
ساڏوهيون ۽ سيڻ، سنيريو ٿيي سُور چِران.

[۴۲]

سَتَڏ نه آنديس سومرا، آنديس ڪوٽ قضا
جيڪس هيءَ سزا، لکي هيم انگ ۾.

[۴۳]

سَتَڏ نه آنديس سومرا، آنديس حُڪم هيت
مون ڪي ماروئڙن ري، پروسو نه ٻيت
پيهم سڀ نيرت، ڦوڙائي جي سومرا.

Scanned with CamScanner

[۱۴۴]
ونهين ويڙهيچن ري، آهُ جيئندي ڪيئن
سڄڻ سارڻ، نيتِ نهارڻ، ننڊ نه راتو ڏينهن
مارن سندي مينهن، چريو مون چِتُ ڪيو.

[۱۴۵]
ونهين ويڙهيچن جا، اڄ پڻ چڪيم چاڪ
ساري سانپيئڙن کي، فنا ڪيس فراق
هُو جي ريج رهاڪ، تن ٿر وڃي ٽاٽا ڪيا.

[۱۴۶]
عُمَرَ بند پاٿيون، مٿي ٿوڪ ٿيون
هڪ ڦوڙائو سڄڻين، ٻيو سانئيهه کي سِڪن
سي ڪيئن قيد ڪجن، جن بند نه ڏٺو ڪڏهن.

[۱۴۷]
ويا گذاري ڏينهڙا، مٿي ٿر رهي
ڏوريان ڏوريان نه لهان، تن پنهوارن پٽهي
ويو سات وَهِي، جتَنَ گذاريم جن سين.

[۱۴۸]
متنهين ماڳر ماڙيون، نڪا ٿُور تنوار
ڪوهه چاڙان ڪيڏانهن ويا، سِٿون ڪٽي سنگهار
ويڙهيچا وينجهار، لنگهي موهُه منجهه ٿيا.

[۱۴۹]
ويا ويڙهيچا اَڪري، ٿرن ڇڏي ٿوڪَ
ڏوريان ڏوريان نه لهان، لاڪيتا ۾ لوڪَ
ملير ٿِيُنِ موڪ، آئي ويا اَڪري.

[۱۵۰]
ويا ويڙهيچا اَڪري، ٿَرَن ڇڏي ٿانُ
جڳ ۾ جهانگيئڙن ري، پيئي سُور سهان
ڪوهه چاڙان ڪيڏانهَه، لاڪيتا لڏي ويا.

[۵۱]

مون کي پرينءَ پنهوار جي، اٺي پهر آداس
ويروتار وجود ۾، وِرد ۽ وِماس
سا ڪيئن پري باس، پَسي ڇتا چانئيون.

[۵۲]

مون کي پرين پنهوار جو، اندر ڪُر ڪتُرِ
ساري سانيهڙن کي، ڳهاءِ مرندس ڳهٽ
ماروءَ ڪونهي مٽ، آءٌ لوڏي هڏ نه لاهيان.

[۵۳]

ڪالهه پيرهَ جو نِڱيو، مٿلا ماروئڙن
اڇو آب پٽن ۾، وِرِي ٿا وتن
تو ڪترَ ڳهٽو پڇن، جان تون هت بندياڻي بند ۾.

[۵۴]

لوڏي هڏ نه لاهيان، توڏي ڏکيا ڏينهن
مون کي پرينءَ پنهوار جون، نايون اندر نينهن
نيٺي چاڙهيندم چيٺين، ته به هينئڙو هُتي جو هيرئون.

[۵۵]

هينئڙو هُتي جو هيرئون، ته هِن ڪرڳر
ڪريان ڪوهه
جي آءٌ لوڏي لاهيان ته اِيءَ ڏتوڏي ڏوهه
اندر منجهه اندوهه، مون کي پرينءَ پنوهار جو.

[۵٦]

اندر منجهه اچي ڪري، ڏکن ڏس ڏنوم
ساري سانيهڙن کي، وري وِهڏ وتوم
هنيون هڏهين هيڪڙو، سو پرينءَ سين پوتوم
طعنا تي ڏيوم، جيئن ساءُ نه آهان سُورَ جو.

[٥٧]

موڪل گھُري مارُوئي، ٿي جتَر هاري ۽ رُوءِ
پنڌان ڪاريو پَٽِهتَرا، ڪينَ جو آيي ڇوءِ
راڄ پرتو رَبَّ کي، سومرا سندوءِ
تنهنجو ڏوهه نه ڪوءِ، مون سين ايرادي ايئن ڪَيو.

[٥٨]

سُورن جا سرير ۾، ٿا پرجر پرن پير
سهٽي ساجن پيٽيان، ساجهر صبوح سوير
جان ڪي گڏيس گامائن کي، ڪلي سونهاري ڪير
تان هنئين آئي جي هير، جاڳيو ٿي جتَر هاريان.

[٥٩]

ساهه منهنجو سومرا، تو منجهي مارُيءَ منجهه
مران انهيءَ ڏنجهه، جيئن پَٽهر نه پنهوارن جي.

[٦٠]

نينڊ آهي نه نينهه جو، لُهتَ جا لهيو پُون
اکين جو جهڙ لائيو، چوڪس آيون چُون
هنئين جي همت سين ٿيون رت ورنو رُون
آهي گهوناگهون، مون کي ونجهل ويڙهيچن جي.

[٦١]

آنا تر تاڏيل ٿي، پيرون پڪا لَسَ
عمر رات سرتئين، ڏيٺي مُڪا ڏَسَ
مارُيءَ رهي نه مَسَ، تو پچي هنيون پُنگيون.

[٦٢]

آنا تر تاڏيل ٿي، پيرون پڪا جالَ
حيف منهنجي حال، آهه مُند ساريو نه مران.

[٦٣]

ڪُٺين هرول جلما تنگيمل ٽيڪَرا
آڏيءَ رات، آٿيو ڪن پُوٺين پرڪرا
مون کي ماري سا، پُوڻ پيرندي ڪن جا.

[٦٤]

وَرَتَ، وَرَها، چڙهيون، اهڪ ڇڏيائون آنهن
ڏکوين جي ڏوريا گهڙا ڪٺي پرانهن
جي پرن باري بانهن، تي عمر جهڄان آن ڪي.

[٦٥]

نت نياپا آئيا، اوڏا جي هُيام
ڇني سڳ سُڄَ ڪري ويڙهيچا ويام
وڃي ٿر ٿيام، ماروئڙا مارين مون.

[٦٦]

وَرِتَ، وَرَها، چڙهيون، آهُڪ ڇڏيائون ڪُوهه
ڏکوين جي ڏوريا، مارو منجهان موهه
منجهي ۽ صبوح، تي عمر جهڄان آن ڪي.

[٦٧]

سا ڪيئن سلان ساهه ڪي، پرينءَ ڇنيِي پاڻ
وڃي ماروءِ ساڻ، ڳجهيون ڪنديس ڳالهيون.

[٦٨]

جي مون ماروءِ سين ڪئا، واعدا وَس ڏينهين
ڳين تان منجهه هنئين، پاڻان تين نه پڌرا.

[٦٩]

بند نه بنديس سومرا، ماروءِ ماريياس
طعنا ڏيئي تنهنجا، پنهوارن پچيياس
اهڙي تان نه هياس، هتان تو همير ٿي.

[٧٠]

بند نه بنديس سومرا، بند بنديوئي مان
هن منهنجي حال جي، ڪري خبر ڇُٽان
نه چاچا سوڏا چان، هوند پون ڇت پڻن تي.

Scanned with CamScanner

[۷۱]

هِن حال ۾ سومرا، آهي جني لاءِ ٽياس
تن اباجهن ٻاجهه، سين، ٻاڻان ڌِکيياس
ساهيڙيـن سُڀاس، "صادق" انهي سور ۾.

[۷۲]

ٽيس بنديائـي بند ۾، بند نه آهي ساريـان
ماروءَ سندي آسري، ويـٺي ڏينهن گهاريان
پٿولي نه پـاڙيـان، ليڙون جي لـوئيءَ جون.

[۷۳]

ٽيس بنديائِي بند ۾، ٽِيي ڏکيا گهاريان ڏينهن
مهرن جـا مٿي تي ٽـي موڪ وسايان مينهن
حـال منهنجو هيئن، مـانَ مـارو مقابل ٿئي.

[۷۴]

ڪيس بنديائي بنـد ۾، ايـرادي آڻي
ڏُهيلا مـون ڏينهن ٽـيـا، مـاروءَ جي واري
سرتين کي ساري، ماڳ مرنديس سومرا.

[۷۵]

سا عمر جيئندي ڪيترو، جا سنگهارن ساري
ڏکيا ڏينهن گهاري، مرِي ملندي ماروئين.

[۷۶]

مـارو جنهين مُلڪَ ۾، اکيون اوڏانهين
تـاڏيـو تيڏانهين، سيڪن گهڻو سـومـرا.

[۷۷]

مـاڙي مـاري ڪينڪي، نيٺر نينه ٽيوم
پرو ٻـوه ڀيوم، جو اصلي هوم اکيون.

[٧٨]

اوڏا اڇي سپرين، ويا پرانهين ڀونءِ کهي
هن سورن جا "صديق" چئي، هنڙا سيڻ سهي
پڇان ڪير پٽهي، ماروءَ مثل نہ ٿئي.

[٧٩]

جتي تنهنجو تڪيو، اصل ساهہ سرير
آڪيريو اڪير، مارئي تنهن ملڪ کي.

صدا

مٺي لوئي لال لوئيي، اي هو آءٌ هار پٽولا گهوريان
لويون ميان عمر لويون اسان لاهڻ لاءِ نہ رتيون
١- پرين وساريــن پانهنجون، پر او پڻ ڪينءَ پيون
٢- مون مــاروءَ جــون مــن ۾ اکهين اڳڙيــون
٣- منهنجون ملير ڏيہ ڏي سي اوگــا اڪڙيــون.

صدا

سدا سومرين، انگ نہ اوڇيا ڪپڙا
١- ٻــڌا تــہ ٻــانهن ۾ مون ڪــي سڱــا ٿــا سونهن
٢- مون کي مون پرين جــون مر ليڙون ٿيي لڏن.

صدا

عمر هو عمر، آءٌ ڪيئن اڇــا اوڇيان ڪپڙا
١- اڇــا اوڇڻ ڪپڙا، ڪاٺياريون ڪيئن ڪن
٢- جــن جــا ملير ۾ ور ٿــا ويــڻ سهن
٣- ڏکــ گـــذارڻ ڏينهڙا اڳــي انگــ ورن.

صدا

الله ٿار ۾ ٿئي مَ ٿيلهہ، مارو ڀــون نہ مامري
١- ڀيرون چوندبيان پرين سان، آءٌ ٻلر ٻڌڙنو پيلهہ
٢- وِهڻ وراچــن ۾، رهــڻ مٿي رهــل.

●

سُر ڪلياڻ

صدا

پيرو يار دوست ميرا، تو مليي مون ڏک لهندا
١- ڳڻ ڳـالهيون ڪيترا، مون کي تـار تمارا۔

بيت

[١]

محبت ميريائي نہ ٿئي، عشق ڪڙو ڪريج
فڪر ساڻ ”فقير“ ڇٿي، هنئين ڪـي هٽيج
اندر آجاريج، جيئن ڪٽ نہ چڙهي ڪڏهين۔

[٢]

محبت جي ميدان ۾، تـون ساڄو ٿيءُ سوار
سڪ ساڙيا ڪيترا، تون وڇان وِجهہ ۾ وار
عشق نانگ نبار، ٿـي خبر ڪاڏن ڪان پوي۔

[٣]

محبّت جي ميدان ۾، رُڪّ جـو آهي رنگ
ڪوڙيين وَهيا ڪيترا، نينهن نباهي ننگ
*عشق نانگ نِستنگ، ٿي خبر ڪاڏن ڪان پوي۔

[٤]

محبت جي ميدان ۾، ڪُڏي پئو ڪاهي
چـڏ ساگها حيلا اڳـيـان لاهـوتـي لاهـي
عشق نانگ آهي، ٿي خبر ڪاڏن ڪان پوي۔

Scanned with CamScanner

[٥]

محبّت جي ميدان ۾، ڪاهي پٺو ڪُنڍي
ٻُجهي وانءُ ٻُڏي، ته پسين منهن محبوب جو.

[٦]

محبّت متارا ڪيا، جتّيءَ جاڳايا جي
پَسُ پَچَندا سي، عاشق اچيو آڳٽ ۾.

[٧]

محبّت جي ميدان ۾، سينو سپَر ڏيج
مُنهن ۾ معشوقن جا، جهالُو ٿيي جهليج
پانهون پير مَ نيج، عاشق ٿيءَ ته آبهين.

[٨]

محبّت جي ميدان ۾، سينو سپر رَکُ
منهن ۾ معشوقن جا، چاڪ چٽڪا چکُ
سوريءَ پانءِ مَ شڪ، عاشق ٿيءَ ته آبهين.

[٩]

محبت جي ميدان ۾، ڪنهين چتيٺي ته آءُ
سيٽن جي سراءِ ۾ ٿا گهاٽا لڳن گهاءِ
مهندان معشوقن جي آيو جان جلاءِ
سوريءَ ساهه سنباهه، جان نالو ڳيتڙهُ نينهن جو.

[١٠]

محبّت جي ميدان ۾، ڪنهن چتيٺي ته آچُ
سيٽن جي سراءِ ۾، تُو مٽي هجو ڀري مَچُ
پرين چُونٽيي پَچُ، تون آڳ اوڏو ڏي نه وڃين؟

[١١]

محبّت جي ميدان ۾، دغا رهي نه دم
سير وڍڻ، سوريءَ چڙهڻ، اي عاشقن جو ڪم
تِنهان پوءِ شرم، مڙوئي محبوب جو.

Scanned with CamScanner

[۱۲]

محبّت جي ميدان ۾، عاشق ٿي آجام
سامهان سَلَ سَيّد چئي، ڪندئي تير تمام
ڪَٺيجُ ڪو مَ ڪلام، متان دوسڻئون دور ٿيين.

[۱۳]

دوسڻئون دور ٿيو ته هنيون ڪڇاڙو ڪاءِ
ڪلهي پائي ڪينرو، مر ڳڻ پريان جا ڳاهه
مون ڪي ماٺ جڳاهه، دل دانهُنِ ري نه رهي.

[۱۴]

ڪَٽڪُ لڳي رت نڪري، اڃان تو منجهاءِ
منهن ۾ معشوقن جا، ڪيئن جهليندين گهاءِ
سو تون ڪڇاڙيا، تو سڪڻ جون سڌون ڪرين؟

[۱۵]

سڪڻ جون سڌون ڪرين، ته ڪانُ مَ ڪڍي لاهه
واڍوڙيو جيئن وَتين، سٺين اي سونهاءِ
متان ڪڍهين ڪاءِ، آهه سٺائين عام ڪي.

[۱۶]

سڪڻ جون سڌون ڪريين ته ڪان مَ ڪڍي ڇڏِ
ڪانئڇ خيالن ڪي، جيئن ڪٿر رهي نه ڪتڏِ
آٿي اوڏو آڏِ، اِيئَ نه هوئڻ جو نِجهرو.

[۱۷]

سِڪڻ جون سڌون ڪرين ته جيءَ سين لاهِ م جنگ
فنا ڪج فِڪر ڪي، وڙهج انهينءَ سين ٻنگ
عاشقاڻي انگ، جي ناهه پيا سي نبريا.

[۱۸]

جو تون سِڪَڻ سکيو، سو عشق نه آهي اِيئَ
ترسين تيڏانهين گهٽو، جيڏانهن ڇُونٽئي جيءَ
معشوقاڻو وِيئَ، ريءَ ڪٿي ڪين ملي.

Scanned with CamScanner

[١٩]

جو تون سکڻ سکيو، تنهن عشق نه اهڙا پار
وڏي ڪنڌ ڪماحقون رکج ڏڙ ڪان ڏار
تنهين لڏيون نه وار، جي حاضر هٿا هٿ ۾.

[٢٠]

پُڇين نه پُڇ تون، عشق سيڌا پنڌ
لڳو آهي، نه لهي، هڏ نه سڃاڻي هنڌ
پڇي ڪاملن ڪنڌ، پڇاڙي پيرن کي.

[٢١]

پُڇين تہ پُڇُ تون، عشق نه عقلُ هوءِ
تنهن جون رنگ رموزون ڪيتريون، لهي نه سگهي ڪوءِ
اندر واڪو ووءِ، ٻاهر دانهون ٿيي دل ڪري.

[٢٢]

سُوريءَ خبرَ سي لهن، جي سوريءَ جا سوار
اصل عاشقن جا، سِرَ جدا، ڏڙ ڏار
پرينءَ جي پچار، آيا مٿرڪن مٿچَ ۾.

[٢٣]

سوري سڪ پرين جي، نينهن ميڙوڻي نيل
ڪاتي قربن جي، نڪا ويل ڪُ ويل
ساجن تنهين ٻيل، ڪُسڻ جن قبوليو.

[٢٤]

آيي عاشقن کي، سُوري سڏ ڪري
محبّت جي ميدان ۾، آءُ تون پير ڀري
آڏيءَ سِرُ ڌري، پوءِ پڇج پريتئون.

[٢٥]

ڪا هلندي جهڏيون، سُوريءَ سڏ ٿيو
وچڻ تن پيو، جن نالو ڳڙهو نينه جو.

[٢٦]

آئي عاشقن کي، سَچيائُون سُوري
مُڙيا ڪين "ميڻ" چوي، پرتَ جن پوري
هردم حُضوري، سدا در دوستن جي.

[٢٧]

نهار متنَ "ميڻ" چوي، خُلاصيان ڳولي
سو سڃاڻج سپرين، اندر جو ٻولي
تنهجو روح نه پوءِ رولي، توکي منجهيئي
مشاهدو ٿئي.

[٢٨]

ڪَڙو هٿي قلوب کي، اندر آجاريج
"ميڻ" چئي، محبوب جيِ، پوءِ پچار ڪريج
ساجن سڃاڻيج، عشق جي اکين سين.

[٢٩]

ڪَڙو هٿي قلوب کي، ڪُڙه تان لاهيج ڪَسُ
اندر آرسِي ڪري محبت منجهيئِي پَسُ
ڏيهه کي ڏيج م ڏس، دوساڻي درسن جو.

[٣٠]

قلب جيِ ڪوڏار سين، پَتهُون ڪٽج پار
گنج وهڻ حيرت جو، متي جنهن مدار
سورجَ گهٽي صفا سين، جان اکين لهي اوٽار
ته منجهان نورُ نبار، اچي آب آڇَلَ سين.

[٣١]

قلبَ ڪسوَٽي هٿي، ساهَ کي ڏج سِيراه
مارجُ متنُ منجهيئِي، جيئن روحُ سڄاڙي راه
اندر رهي الله، پيون وائون وَڃَن وِسري.

Scanned with CamScanner

[۳۲]

پتنگن پڇڻ ڪيو، ميڙيا مٿي مچ
پسي لهس نه لڇيا، سڙيا مٿي سچ
سندا سيئڻ ڳچ، ويچارن وڃائيا.

[۳۳]

پتنگ چائين پاڻ کي، پسي مچ مَ موت
ساهي سُپيرين جي گهڙُ ته ٽيئين گهوٽ
اڃان تون اروٽ، ڪوريءَ خبر نه اهين.

[۳۴]

پتنگ چائين پاڻ کي ته چيري پٺو چائيي
تان تان تائج تيڏهين، جان آڳ نه اُجهائيي
ويهه مَ وسائي، متان مچ مانو ٿئي.

[۳۵]

تيلان آيو آڳ تي، جي پورو هئو پتنگ
مورانهين محبّت ري، پيو نه چائي پنگ
خبر اِيءَ ڪوري کي، ڪاٺون جيت ختنگ
آصلي سندس انگ، موراهون ٿيو مچ تي.

[۳۶]

پُرِي پتنگ آئيو، سُرِي ساهي وٽ
ڪانه ڪريندو گهٽ، مٿو ڏيندو مچ ۾.

[۳۷]

پُرِي پتنگ آئيو، سُرِي ساهي جي ڍار
ڪانه ڪريندو وار، مٿو ڏيندو مچ ۾.

[۳۸]

پُرِي پتنگ آئيو، سُرِي ساهي جيءَ سڪ
ڪانه ڪريندو ليڪ، مٿو ڏيندو مچ ۾.

Scanned with CamScanner

[۳۹]
پُرِي پتنگ آئيو، سُرِي ساهي جيءَ جوڙ
ڪانهه ڪريندو موڙ، متو ڏيندو مَچ ۾.

[۴۰]
سنديون ڪامڻ خبرون، پُڇ پتنگن کي
آڻيو وجهن آگ ۾، جيءُ پنهنجو جي
جونڙي جتني جي، لڳا نيزا نينه جا.
جيٺڙي

[۴۱]
*** آجُ پڻ شوق شمعَ جو، پروانن پيو
پتهيو پتهيز پاڻ ۾، چي: هلو حجُ ٿيو
ٻرين مچُ مجاز جو، سيلانهن سچُ ٿيو
ساهه ڪيائون صدقو، سُوليءَ سِرُ ڏيو
جنهين عشق اهيو، آتش تنهين آب ٿي.

[۴۲]
اج پڻ شوق شمعَ جو، پڇو پروانن
بيرهَ آئي ٻاهه ۾، دَسها ديوانا
جي ڪئا قربانا، آتش تنهين آب ٿي.

[۴۳]
* آجُ پڻ شوق شمعَ جو، پروانن پڇو
* اچيو اُبهن آگ تي، پَوَن لال لڇيو
* دل مان جن ڏُکيو، آتش تني آب ٿي.

[۴۴]
ٻاهر پَوَن ٻرنگرا، مچُ منجهيئي آهه
چور ته لڳي چاهه، ڪامندَن ٿي ڪٽيو.

[۴۵]
ڪامندن ٿي ڪٽيو، آجهاڻن اونداه
اندر جتني ٻاهه، تن سيئي سوجهرو.

[٤٦]

وحدت واعظ جن جو، تن ”الله“ منجهه اوطاق
ان کي ويروتار وجود ۾، هتي هتي وَهي هاڪ
ويٺا چيٺين چاڪَ، ڏيل منجهاران ڏنگيا.

[٤٧]

وحدت واعظ جن جو، تن ’الله‘ منجهه اکين
فاني ٿيا ’في الله‘ ۾، تا مات مطالع ڪَن
ٻُوتا سين پرينَ، ليڪِي لوڪَ نه سگهيا.

[٤٨]

وحدت واعظ جن جو، سي الله سين اورين
هنيون حقيقت گڏيو، تا طريقت تورين
معرفت جيءَ مات سين، تا ڏيلَ اندر ڏورِين
ٻُوتل پاسو پٽَ تي، ڪاڏان نه ڪوڙِين
نينه نباهيو نين، اِيءَ پر عاشقن جي.

[٤٩]

لڳي آڳ، مَچُ ٻريو، درد دانهن لائي
ڳجهو ڏيلُ گهائيو، سُورن سامائي
ويچاري وائي، هردم حبيبن جي.

[٥٠]

لڳي آڳ، مَچُ ٻريو، درد دانهَ ماري
من واڍي وڙيو ونجهلي، گهنگهر ٿو گهاري
وائي ويچاري، هردم حبيبن جي.

[٥١]

لڳي آڳ، مچُ ٻريو، وَهي آکينٿون آب
من واڍيوڙيو ونجهلي، ڪُسي ٿيو ڪباب
وڃي روحَ رباب، سگهو ساعت نه جنڊڙو.

Scanned with CamScanner

[٥٢]

لڳي آڳ، مَچُ ٻريو، لائي ڏاڀن درد
مَن واڍوڙيو ونجهلي، آڻي ٽيو اڏ
سپيريان جي سڌ، سگهو ساعت نه جندڙو.

[٥٣]

لڳي آڳ، مَچُ ٻريو، چڻڳي چٽڪي چِت
مَنُ واڍوڙيو ونجهلي، هوتن ڏاران هِت
جهوري جهڄن نت، سگهو ساعت نه جندڙو.

[٥٤]

لڳي آڳ، مَچُ ٻريو، اندر من ملور
جيءُ ۾ جوش پرين جي، اڇي لائي اوُر
تن ۾ ٻري تنور، سگهو ساعت نه جندڙو.

[٥٥]

لڳي آڳ، مَچُ ٻريو، سڄڻ سنڀريام
جيءَ ۾ جوش پرين جا، اچي آيريام
چِڪي چاڪَ چڙيام، سگهو ساعت نه جندڙو.

تير نه راس

[٥٦]

نه سَرُ، نه ڦَرُ کو، نه ٽُڪو تير فراس
لڳي آهي، نه لهي، هَڏَ منجهاران هاسَ
اندر وهي آداس، هنيون حيرت ۾ پيو.

[٥٧]

نه سَرُ، نه ڦَرُ کو، نه ٽُڪو نه تير
لڳو آهي، نه لهي، ڪَتلي منجه ڪُنڍير
ڏٺين ٽيمي نير، هنيون حيرت ۾ پيو.

[٥٨]

نه سر، نه ڦر کو، ٽينگ نه ٽيندارو
لڳو آهي، نه لهي، مَنَ اندر مارو
سڄو ٿي سارو، هنيون حيرت ۾ پيو.

Scanned with CamScanner

[٥٩]

نہ سٽرُ، نہ ڦرڪو، نہ ڪنبر، نہ ڪانُ
اندر جيءَ جنگ وَهي، مشاهدو ميدان
ٿهريو ڪنهين نہ ٿان، هنيون حيرت ۾ پيو.

[٦٠]

هنيون حيرت ۾ پيو، ويو پاڻ وساءِ
لڳس ڪان قريب جو گهٽ منجهاران گهاءِ
پٺيون ٿيو پرزا، سڙيو انهي سٽر سين.

[٦١]

ٻاهر ٻُٽ نہ نڳيو، سڙيو سٽرُ پٺيي
تنهن ولوڙي ويڇون ڪيئي، اندر ماهہ مٿهيي
سگهي ڪين [illegible] لهي، هنيون حيرت ۾ پيو.

[٦٢]

سٽرَ جو سنڌيو سڄڻين، تنهن لوريءَ لوہ پيو
تنهن لڳي ڪان قلوب ۾، ڪڙڪو ڪنڌ ڪيو
منجهان مون ويو، گهائيندو گهڻن کي.

[٦٣]

آيو آهيان آٿهين، لوري جيت لڳوم
سُورِ هڻي پرين سندوم، مانَ ڇاجهائي پيو هٿي.

[٦٤]

سٽرُ جو سنڌيو سڄڻين، پر پيڏيءَ ڏيٺي
تنهن ڪانَ ڪرنگهو ڪپيو، پاسارا پيٺي
سوجهي سپيٺي، وڃي ڇيهہ چمڪيو.

[٦٥]

سُيرِني انڊي سامهون، گاسيون گُلَ هنيون
سيءَ لوهہ نہ رُڪَ جون، ري سراڻ هنيون
تن پيچي زرہَ ذرا ڪئي، ريکون منجهہ رهيون
مون کي نيت نيون، ميان محبوبن جون.

سُپرين

[٦٦]

سُپريِ ايندي سامهان، ويندي ڳڌيم جي
تن هنيو هنيانءُ سامهون، ڦريون ڦُر ڪري
لڳي چيهه چمڪيو، ڪڙ ڪڙ ڪان ڪري
آهه دانهين، تون دوست، وڃان ڪنهن ڳري
اکيون آب ڀري، مون پنهنجون پٽليون.

[٦٧]

محبت جي ميدان ۾، سوٽو سِرَ سهيج
جي ڪٽلو قبول ٿئي، ته ويهه ڀيرا وڍيج
هٽلي هٿن سين ڏيج، مٿو محبوبن کي.

[٦٨]

سِرُ نه وٺن سپرين، ڪٽلو قبول نه ڪن
هٽي هٽي هنيون نه آڙيو، مٿو محبوبن
نوو نماڻو نينهن سين، قلب قربين
چشمن چاڪ چڪن، پٽسي ڪاڻ پرين جي.

[٦٩]

همه حق حجاب ويو، جان ظاهر ٿيو ظهور
فرق فرع جو نه ٿئي، اصلي آهه امُور
دل ڪان دوئي دور ٿي، سڀ پريان جو پُور
وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي، مڙيئي منصور
ڏٺيو منجهان نور، ساجن جو صديق چئي.

[٧٠]

حيا حڪيمن ڇڏيو، طمعدار طبيب
ويڄن ڳنان وٺاءُ هٿا، گورين ساڻ غريب
جي تون رکين هٿ طبيب، ته وڃن سور سندا ڪيو.

[٧١]

ويڄن سين وائي پيا، ڪِري ڪن نه پاڻ
آڳا اِن اهڃاڻ، پسو سور سجهائيا.

اُگها

Scanned with CamScanner

[۷۲]

وڃن سين وائيڻ پيا، ڪيري نه ڪهڙون
جي پر پارياڻون، ته سڳها ٿي سکها ٿيا.

[۷۳]

جا گهايل گهران ڪڍي، تڙي طبيبن
وڃن ورچي ڇڏي، پسي ذات ڏکن
چڪن چاڪ فراق جا، ڪڙيون مور نه ڪن
دوست درسن تنهنجي، وڌس ٿار ٿپن
پڳي حُجَ سين، آهه پريام ته آييان.

[۷۴]

تون حبيب، تون طبيب، تونهين ڏنن ڏبُ
مارئين جيارئين تون ڏٿي، تون هادي، تون ربّ
آهين ايءَ عجب، جيئن وارڻو وڃ ويهاريين.

[۷۵]

تون حبيب، تون طبيب، تون درد جو دارون
آءٌ عاجز آهيان، تون سگهيون لهين سارون
ڪريان ٿي ڪارون، جيئن ٻُڪي تنهنجي هٿ ۾.

[۷۶]

ڪتليڙون ڪلمون هيڪڙو، جان قلب
ڪوڏ ڪتهيوم
اندر روح رهيوم، آواز انّا الحقّ جو.

[۷۷]

عشق سندي آڳ جو، قلم ڪڍيائون
معرفت جي مَسَ سين، ’لاالٰه‘ لکيائون
آڻي ’اِلّا الله‘ جو ڀُون پڙهيائون
ورق واريائون، تان منجهان ڏيي معلوم ٿيو.

Scanned with CamScanner

[۷۸]

ڪيتي همتُ حبيب جو، تا پاپوهيو پچن
عاشق ازل سامهان، تا اوچي ڳاٽ اچن
نيزي هيٺان نينهن جي، پاسي پاڻ نه ڪن
ڪُسڻ قرب جن، مرڻ تن مشاهدو.

[۷۹]

ڪُهن ڪوٺين سپرين، تا ڪُهن ڪونڻ ساڻ
نيزي هيٺان نينهن جي، پاسي ڪَرِ مَ پاڻ
چُلِ وڃائي چاڻ، عاشق اجّل سامهون.

[۸۰]

جيئن تون سچو سڦرو، عاشق ايئن نه هُون
پَتِهه پروڙيو پرينءَ جو، تا راتو ڏينهان رُون
آيا ايئن چُون، ته سِرُ لٿو سورُ ويو.

[۸۱]

آهون ڪن اڏيءَ تي، عاشق اڏ ڪٺا
مَرَن ڪين مُٺا، سچا ڪُهه، صديق چئي.

[۸۲]

هٿن حلالن ڪسي، مارين نه مردار
ڏُبرا ۽ ڏُوارَ، ڪاسائن نه قبوليا.

[۸۳]

پيهي جان پاڻ ۾، ڪَتهُم دل پرک
تان اکر اهو ئي الف جو، لکڻ وارا لک
سهسين آتِ سالڪ، سڙي ويا صديق چئي.

[۸۴]

معني ميثل نه جڙي، عجب آهيم ايءُ
ڏسيو ڏسان نه سپرين، جلي پيو جيءُ
هاٿي ويو هيءُ، هو پڻ ويو هينَ سين.

[٨٥]

پڇڻ پروانن کي، آئين تان نه هوءِ
پاڻ وڍائون پوءِ، اکيون اڙائي آڳ ۾.

[٨٦]

جيئن جوڳي مڪڙي، آئي ڪوڙ ڪري
گهڙڻ هاري ڪينڪي، وڇان ٿيو وري
مون ساهي ري نه سڙي، اِيءَ پڇڻ پروانن جو.

[٨٧]

موائي هلي مڪڙي، چڙائي چيري
ترسي نه تو ڏي، فڪر ٿسي ڦيري
ڀرڙين ٿي ڀيري، پڇڻ پروانن جو.

[٨٨]

جتان موتي مڪڙي، آتر پڇن پروانا
سدا شوق شڪار جو، ڏُرس ديوانا
ڪُسن قربانا، موتن تنهين ميهڻون.

[٨٩]

پتنگين پهه ڪري، هلي هِتهين هاڻ
ڪهڙي پئي ڪاڻ، جو موٽيو وڃي مَڪڙي.

[٩٠]

پڇڻ پروانن جو، مون تان اڪ نه هوءِ
پير سُڙي مَ پوءِ، جو ڇيري ڇيون لائيون.

[٩١]

ڪرڪن ڪپارين ۾، ٿيو پرينءَ جو پڇڻي
ڏس ڏوراڻا سپرين، سٽڻ منجهه سهي
ڏُو ڏُو ڏنئي دم سين، جيئن ماڻيءَ منجهه مهي
ڏاڍا سور، صديق چئي، سٺي توءَ تکي
پروانن پڇي، ڪورو ڪين ڪڇائيو.

[٩٢]

ڪُسي پِيا ڪيترا، هتان تو حبيب
مُيئا مارِيئن ڪينڪي، ڪهل نہ پيئي قريب
جي تحقيقي طبيب، اِنَ مرض آنيي کي ماريو.

[٩٣]

جڏا جڙن ڪينڪي، ٽَڪي تن طبيب
دارون دخل نہ ڪري، اهڙو حال حبيب
نُسو ساڻ نصيب، ويڄن واري ڪوٺيو.

[٩٤]

ڪا پروڙي ڳالهڙي، ويو پاڻ وسان
پيئي دل ڏورن ۾، حبيبن هتان
محبوبن متان، هوئڻ مون حيران ٿيو.

[٩٥]

جنهين چيئم ڳالهڙي، تن ويڄن کي واهہ
ٻُڪي ڏيئي ٻاجهہ جي، سمجهايوم ساهہ
حبيبن هتانءِ، مانُ ماري موٺيو.

[٩٦]

ويڄن کي وس ڪريان، عُمر تي آئون
پر ترس نہ طبيبن کي پيو، چاڪ نہ چِينيائون
ڳجهو ڳاريائون، هٿي ڏکَ ڏکن تي.

[٩٧]

چيئي جن چڱي ڪئي، ويڄ وڏائي وِيرَ
ڪڏهن ساهہ سڏير، ڪڏهن مارين سُپرين.

[٩٨]

سمجهہ سين سَودا گهٽي، ويڄن ڪيو وس
پاسي ڪري پاڻ کان، پوهہ ڏنائون ڏَسُ
طبيبن ترس، جڏن جو جيڏو ئي ڪيو.

[٩٩]

ڏيل منهنجو ڏُکن سين، ويڄن وِڇايو
ساڙيائون سينچ سين، تن کي تپايو
ڪاٺين ڪانيو، سُٺيون ڏيئي سور جون.

[١٠٠]

ڏُک گذاريم ڏينهڙا، ويڄن وٽ ويهي
تن مخفي مڙيئي، چاڪ منهنجا چوريا.

[١٠١]

شڪاري شڪار سين، ڪوڙيين هٿا ڪي
سُڄاڻي صورت کي، وسهي وينا سي
عنقا آندائون ڪينڪي، ڪيائون الف ٻي
عجب انهي کي، "صادق" ٿو سور چڙّان.

[١٠٢]

پٽري هلي نه پيچرو، نالو ٿيو نانءُ
تنهان پرانهين ڏانءُ، شِڪاري شِڪار جي.

[١٠٣]

نالي ۾ نالو ٿيا، پرين تا ڪي پٽسن
آهي احديت آن، وحده واحد ٿيا.

[١٠٤]

شڪاري شڪار ۾، پاڻ وڃائي ويهه
مٽري ميل مقصود کي، عنقا اهڙو ڏيهه
سُڄي جو ساٿيه، تنهن ۾ ڪنهن شڪاري سِڪي ويا.

[١٠٥]

ڏوڏوان ڏٺيندي، لهس لهارن آئي
*** ڪاريگرن ڪسب ٿيو، وره جي وائي
سٽيت سمائي، ڪيائون رک پڌرو.

[١٠٦]

★ "وَهُوَ" چون وات سين، تيان ڪاريگر هٿا ڪيئي
جي پلين پاڻ ڪي، سونڪڙي اندر سيئي
لوڪان لِڪي جيئي، ڳُجهان ئي ڳُجهه ٿيا.

[١٠٧]

✓ مَرُڪُسانَ ڪاتيءَ سين، هٿان حبيبن
اڪيون مون تي ڪن، مانَ ڪُهندي سپرين.

[١٠٨]

ڏاهُ نه ڏڄن سپرين، نڪا ڪران ڪن
اسين پڻ منجهان تن، جي اڳ ڪٺائون ڪيترا.

صدا

★ ڪا هنئين سين لاهه، پوري ڪا هنئين سين لاءِ
توکي سمهڻ آيو ساءُ، پوري ڪا هنئين سين لاءِ
✓ ١- لڳي آڳ مَچُ ٻريو محبت جو منجهاءِ
✓ ٢- مچ ٻريو محبت جو ميان، تو ڪيئن ماٺ جڳاءِ
✓ ٣- ڪيئن سانديئي ڪپاهه ۾ سندي ڏانڊڻ باهه
* ٤- سڄي سِڪَ پرين جي ميان، اندر جني آهه
* ٥- سي بانوريون ٻرن ۾ روئنديون پڇن راهه
✓* ٦- اسين طالب حقً جا ميان، ٻي نه آهي ڪاءِ
✓ ٧- فهم فڪر "فقير" چئي ميان، سپيريان جا ساءِ
٨- "مسڪين" چوي مَنَ ۾ ميان، ڏوهه پريو ڏاءِ
٩- اسان پريندي پانهنجو ميان، صدقو ڪيو ساهه.

صدا

اچي ڪر لهيج، ساجن سور تمارو ماري ـ ساجن سور تمارو ماري
✓ ١- سُورَ تماري مَران ته مان ڏوهه نه ڏيج
✓ ٢- لڳين لائي هتڙا، ٻر دارون دوست ڪريج
✓ ٣- جيئن تو پيرو نه ڪيو، تيئن مان مٺي مٺيج
✓ ٤- ڪيچئون واري ڪَرَهو، صادق سار لهيج.

صدا

ڏکيا ڏهاڙيي، سي واڍوڙيَلَ وِرِهه جا
ڏکيا ڏعاڙيي، تن جي آڳ نه اجهاڙيي.

١- لڳيي آڳ، مچُ ٻريو، آڏا آڏاڙيي
٢- ساڙيائون انهي سوز سين سڀ جوڀن جواڙيي
٣- اصلان ئي ازل کان سورن سين ساڙيي
٤- تن ڏنجهاڙيي ڏکن سين، اِئين عمر اماڙيي
٥- اندر آڳ عشق جي، ڪنهين وير نه وساڙيي
٦- تنُ، دلِ، جان تن جي سا کوري ۾ کاڙيي.

صدا

لڏائون لاڏون، ٿي واڍوڙين وِرِهَ جون
سي تان ڏيئي ڏُوائون ....

١- اندر خيمان عشق جا، خوبان کوڙيائون
٢- ڏيئي ڏِيل ڏکن کي ويران ووڙيائون
٣- ڀڙين ڇنائون پاڻ کان 'اسين' ۽ آئون
٤- سَڄَرَ سُورَ پرين جا سهسين سُبيائون
٥- اچي سُور آڏميا، ميان او ڪجن ڪيڏاهون
٦- تن جان پنهنجي جيڙي، سا مترِي ماريائون.

صدا

تاريءَ اِنَ تارين، اِيءَ پَتهه آهي پرينءَ جو،
تاري ان تارين، سي ڪنهن ويل نه وسارين

١- وَڍيو، ڪُٽيو، چچريو، جيءَ کي جيارين
٢- شترَ ابآ طَهُورا ميان او، پُر ڪيو پيارين
٣- مُوتُوا قبلِ الاَنتَ مُوتُوا مرڻ ان مارين
٤- وَهُوَ حَيُّ لاَ يَمُوتُ جيئو جيارين.

Scanned with CamScanner

صدا

مُونهِين کي مارِينِ، اِيءَ ٻَڌهِ پيڙو وو سڄڻين لا

١- نه سا پائينُ ڪانِي ڪمان ۾، چِلو نه چاڙهين
٢- نه چاڙان ڪنهن ڳالهه سين ميان وو، مُحبّتي مارين
٣- مُونهي سندا ڏکڙا مونهِي کي مارِينِ
٤- ڪوتَرا ڪالهه تي ڪيو سهسين ويڄ وتن
٥- آهي پريان جي هٿ ۾ دارون جو دردن.

صدا

مون کي هوتن ري، سرتيون ساعت نه سري

١- آهه هلندڙي، ٻَڌهِي ٻچندڙي، اوءِ ويندڙي پِرين مٺي
٢- داغَ جن جي دل تي، اوءِ وِهن ڪيئن ڪري
٣- سي ڪيئن ويسلبون، اوءِ ٻر ٻنڀيان جن ٻَري.

صدا

مان ڪَرَ پرين پچن، آئين کي چڱا آهيو، اڇيو دوست پڇن
چڱا آهيو، ڀلا آهيو، ڀال ڀلي جا ڀانئيو
١- سُڪن پريون راتڙيون، ميان او ڏکيون جاڳن
٢- داغ جن جي دل تي ميان او، سي ڪيئن ننڊون ڪن.

صدا

آهه پهتيس سيٽن سين، ڀوري چائيم ايئن،
لالچ تنهنجي لوڪ ۾ ڪامل چائي ڪيئن
١- ڪڏهن شادي، غمُ ڪڏهن، ميان او هونءَ هونءَ هيئن
٢- لوهارا ڪري لوهه سين، ميان او ڄيرو ڪري جيئن.

صدا

تون پڻ وڃج ڪا ساعت سيڪنهين سينءِ
۱- توکي مرادون من ۾ آهن خاصيون ڪيئن
۲- نالو وٺن نينهن جو سي چڙهن چيئن.

صدا

ڪنهن کي سور سڻايان وو سڻايان پرينءَ جو، وو جيڏيون ڪنهن کي
۱- پڌر ڪنديس پرين سين، وو ويٺي دل لايان
۲- هي جي جوش جيءَ سين، وو ڳجها ڪيو ڳايان
۳- جنهين مون کي ماريو، وو آنهي جي آهيان
۴- سنهها ڏيو سڄڻين، وو چيتا تي چايان
۵- اندر آهون عشق جون، وو سهسين سمايان
۶- "صادق" سانڊيان ساهه ۾، وو پڌر نه پايان.

صدا

هينئڙي وَهي حيراني، جيئن تو نانءَ نڪو نيشاني
۱- توڙي نور ظهور ۾ ڪعبي جيئن قراني
۲- سڀ تي ساجن تون وسين، 'لا' ۾ لامڪاني
۳- جنهن توکان بناءِ بنيو، سو تون کهڙو جاني
۴- لا يُشرِڪ بِعِبادة رَبّه شريڪ نه ڪو شاني
۵- آئيو تنهنجي عشق ۾ تا گهرن حال حقاني
۶- ڪئين سٽڙي مٿا انهي سوز ۾، تا ثابت ٿئي نه سبحاني
۷- جيت مُحَمّدَ معراج ڪيو آتِ آواز هو الحاني
۸- "صادق" سچائي ڪيئن سڪهي، پرين تو پيشاني.

صدا

سي مان هوتَ آڇن ميان، جن لاءِ آهه لوچيندي لڇان
۱- مون کي شوق شراب جو، جيئن تا مائي منجهه مڇن
۲- ڳجهيون ڳالهيون پريءَ جون، ڪَٿهان ڪيئن ڪڇن
۳- ڪڙهيو قنديلن جيئن تا پردي منجهه پچن
۴- اصل ڪنان آئيا، "صادق" سور سچن.

صدا

*

جو ذڪر ۾ نہ آيو، مون تنهن سان چِت لايو
جو فڪر ۾ نہ آيو، مون تنهن سان چِت لايو

١- بنان نالي سپرين، جو ڳالهيون ڪنهن نہ ڳايو
٢- نبيؐ وليؓ ويهون ٿيا، تان پار نہ ڪنهن پايو
٣- سُبحانَ جَدِّ ڪَ معرفتُ اهوئي سور سڀ ڪنهن چايو
٤- "صادق" انهي سِڪَ ۾ روئي رت وهايو.

سُر سهڻي

صدا

اي سچا سائِرَ مون کي تون، نيئي نيئي پار پريان جي ميڙئين
١- ڪُنَ جي ڪارونڀار جا، پانيان سيئي پون
٢- سندو جيئڻ آسرو، منان لاٿو مون.

بيت

[١]
ٻِهُون ٻنهيون اکري، توڏِيءَ کي تعظيم
اوڏِي ٿِيي 'آلف' کي، مَنَ گڏيائين 'ميم'
لکڻ واري لکيو، تنهن ۾ خطا ڪين
✓ * منهنجو رُوح رَحيم، داخل ڪِجُ مَ 'دال' سين.

[٢]
نينهه نوازي سُهڻي، توڏي توڙائين
هٿان هار حبيب جو لائق لڌائين
جيلان عالم آسرو، سو تَڙُ سونيائين
* ✓ ساموٽي ڪيڻ پانهين، جنهن جو منهن محبوب ڏي.

[٣]
*** گهڙو ڀڳو نه گهوريو، مَرُ چُور ٿئي چُوڙو
طالب المولي مُذَڪِر اِيءَ ٻُڌنديسن ٻُوڙو
گهوريو ڏمُ ڪُوڙو، اسان ميهار ڏي من ۾.

[٤]
✓ گهڙو ڀڳو تان گهوريو، پاڻان هو حِجاب
مون کي سِڪَ ساهڙ جي، ڪُهي ڪيو ڪباب
ڪونهي ٻيو جواب، جيءَ ڏني ري نه جُڙي.

[٥]

✓ گهڙو ڀڳو، مـنـڊ مٿي، وَسـيـلا ويـا
تنهان پوءِ سُڻا، تي سهڻي سڏ ميهار جا.

[٦]

* سانڀاران ساهڙَ جا، هـاري حقَ رکيج
✓ وَهمَ جي وجود جا، تن کي ترَڪ ڏيج
سـاهـڙ ساڳاهيج، ڀـوڙي جو ڀانهياريون.

[٧]

* سانڀاران ساهڙ جـو، هـاري رُکجُ حقُ
✓ وهمَ جي وجود جـا، تن کي ڏيجَ ترڪُ
متان ڀـوڻي ڪڏهن ڪو فِڪرُ منجهه فِرق
ڪري غير غرق، ويجهي تـيءَ وصال کي.

[٨]

سانڀاران ساهڙ جـي، دُونهين دُونهن ڪيو
~~لڳي~~ ڪنَ ڪنپـار ۾، پليتو پـيـو لڳو
ساهڙ صحي ٿيو، ڪيئن ڀينهي ڪنديون.

[٩]

* ٻارهن ڪُنَ، ٻٽيهَ ترَّ، ترَّ ترَّ مٿي ٽُوٽ
عشق جن جو ڦُوٽ، ٻُجهان سي نه ٻُڏنديون.

[١٠]

✓ ٻارهـن ڪن، ٻٽيه تـرَ، ترَ ترَ مٿي ٿٽُون
اتيو آڌيءَ راتِ جـو سُهڻي ڏٺـي سٽُون
ڇڏيـو ڪيرَ ڪٿون، لڏي لهريـن وچ ۾.

[١١]

✓ ٻارنهن ڪن، ٻٽيه تـرَ، ترُ ترَ مٿي نانگ
نه مان ڪهڙو سانگ، جي آئان ٿي نه گهڙان.

[١٢]

ٻارنهن ڪُن، ٻٽيهه تڙ، تڙ تڙ مٿي شينهن
ته مان ڪهڙو نينهه، جي آئان ٿيي نه گهڙان.

[١٣]

تڙ تڪڙ ڪان نه لهي، گهيڙان ڪري نه گهُور
اٽڪل ناهيس آر تي، وهمن ڪي وهلور
جنهن کي ساڻ پرين جا سُور، تنهن کي نتندي
ناهه نظر ۾.

[١٤]

ٻُرن ٻهلاين جا، چوڌاري چڙا
سٿي سنيارن جو پٽڙم ڪن پڙاء
وهمن مون نه وڙاء، ستيو جهانه جهجي هنيون.

[١٥]

لٽهه ليڪاهان نه رهي، سانديهان رهي نه سُور
جانسين پَسان نه پرينءَ کي، تانسين مَتَنُ ملُور
مون کي ماء ضرور، لوڪان ليکي مهڻو.

[١٦]

جيڏيون ڇُونتم جُنگاندو، ڏَمَ پڻ ڪونهي ڏوهه
مون کي سِڪَ ساهڙ جي، سڀ منجهاهان پَتهَ
لِيڪو رهي نه لوهه، چيرو اندر جيڏيون.

[١٧]

اصلان ٿي آلستُ کان، تي توڏِي تواري
پاڻ وِڏائين تار ۾، عشق جي آري
نؤ ڪنڌ نهاري، *تنهن کي مشاهدا مڙيئي ٿيا.

[١٨]

آصلان ڏِي آلستَ کان، آهه توڏيءَ کي تَوار
قالوا بلي کهيائين پسيي مُنهن مُهار
چوڪنڌ چوڏار، تنهن کي مشاهدا مڙيئي ٿيا.

[۱۹]

سبق جهليائين سور جو، حقيقت حرفاءِ
آءٌ تنهن وائيءَ ويڳاڻي ڪئي، طلب جي طرفاءِ
گهڙو گهڙيندي جوڙيو، سادِر جي صفاءِ
وسيلو وفاءِ، آهي منڊ ميهار جو.

[۲۰]

وڃيو وتائڻ ۾ پيءَ، ڪان پڇيو روءِ
ڏُک نه سنئُم ڏيهه ۾ ساهڙ چام سندوءِ
هنيڙو تو مُٺل هوءِ، آءٌ هِت هونهين گهاريان.

[۲۱]

هينئڙي هڙون چڙهيون، هٿيندي تَڪِمَ هَٿُ
مَٽي مَتي مهراڻ جون مؤجون وريمَ مَٽَ
نيڻُم ڪُنَ قوَت، پَر پليرا سپرين.

[۲۲]

ڪاريءَ رات ڪُنَنَ ۾، ڪا جا آيس هيرَ
تَنِ مَٽي مَتي مهراڻ جا پِرِي نه پَسي پيرَ
مَتي لهرين پيرَ، اڪڙيون ميهار ڏي.

[۲۳]

پيني پرجهَرَ پاڻ ۾، ڪا جا ڪُنَ ڪرين
آڏيءَ انهي آب لاءِ اکيون آڪيرين
توڻي تيڪون ڏين، ته اَچِ آنين ڪي نه لهي.

[۲۴]

پنيءَ ڏنو پَنيئين ڪيِ جو منجهه ڪُنَنِ
پيتائون پڪ پَرملَ جي، ڍايون نه ڍاپن
آيون اَچَ مرن، اکيون انهيءَ آب لاءِ.

[۲۵]

اوران آءٌ آڪندي، پار منهنجو پيءُ
ڪاريءَ رات ڪنن ۾، تي تي سهان سيءُ
جانب ڌاران جيءُ، ڪنهين وس واڳيو نه رهي.

[٢٦]

سانگ پنهنجي سُپرين، ٻجهان ويا ٻيان
دونهيون دوست ميهار جون، هاڻي ڪين دُکن
ماريس تن ماڳن، جتي ديکيمُ دوست کي.

[٢٧]

اوراڙ نہ اڙجي، نڪا جهول جهليس
ڏَمُ ڏينهاڙي ڪيترو، تو پر ۾ پٽليس
تان تان جان جليس، جان جان پٽسي نہ پرينءَ کي.

[٢٨]

اوراڙ آهِ اڪنديِ، پار منهنجو پيءُ
گهتَ وَرَ واڳيو نہ رهي، ٻنان جانبَ جيءُ
حال منهنجو هيءُ، معلوم آهي ميهار کي.

[٢٩]

اوراڙن آهِ اڪنڊي، پيءَ منهنجو پرار
گهتَ وَرَ واڳيو نہ رهي، ارواح مون اختيار
دوستن جو ديدار، دل ڏکئي ري نہ رَهي.

[٣٠]

ويٺو جيئن ولڙين، ڏمَ ڪُٺڻي ڏينهہ
* مڃين مارڳ لائيا، هڏن مٿان هيٺن
قول پڄنديس ڪيئن، ٻڏم جي ٻولي ڪري.

[٣١]

گهٽين پٽين گهوريان، ڏمَ کي ڏيهاڙي
منهنجون مُحبَّ ميهار سين، آهن رُوحَ ۾ رهاڻي
* تيلانهن پاڻي، سرتيون سُکو يانئيان.

[٣٢]

ڏمر سهان ڏمَ جا، ڪير ڪُن، آهِ ڪير
رِيءَ قضا ڪيرَ ڌري، مٿي پاڙيءَ پير
پيمر پڇيءَ وير، اڳ لڏو تي لوڙيان.

[٣٣]

مَتِ اولجان انهي پار ڏي، ٻُڌان تان ٻن
مانَ ٻَتر ٻر ڪن، ڪنڌيءَ آيي سپرين.

[٣٤]

ڪي جو پَسي آئيون، اکيون وچي پار
هڪ ٿيون ديوانيون دل ۾، ٻيو اپر لائي آر
تنهان پوءِ قرار، سُتيون ڪين سُک ٿي.

[٣٥]

صورت ساهڙ چام جي، جيڏيون ڏٺيان جي
سُتيون ڪين سُک ٿي، ڪانڌن پاسي ڪي
مونهان هوند اڳي، گهڙا ڪڻي گهڙيون.

[٣٦]

صورت ساهڙ چام جي، جيڏيون ڏٺي جَن
ڪتني جيءَ متا ڪيا، ڪي گهوريس ڪيو گهڙن
ميهار ماڻيو تَن، جن سانگو ڪيو نه ساه جو.

[٣٧]

چتڙن مون کي چريو ڪيو، جار وِڏائون جُوءِ
سُتي سنيارن جي هُنن پَر ٻُڌم هُوءِ
اچي ٿيءُ روبروءِ، نه ته دوست ٿي دَم ڏيان.

[٣٨]

سار نه ڪرين سهڻي، تون نڪو نماڻي
وَهُه ويندِيءَ نڪري، اهو جوين جواڻي
پڇاڙي پاڻي، ڪڻي تالان ڪندَءِ تار ۾.

[٣٩]

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، چيائين الله توهار
چنگهه چرڪي وات ۾، سيسي نئي سيسار
چُوڙا پيئس ڇڪَ ۾، ٻيا لڙ ۾ پيئس وار
مونجُ يار ميهار، نه ته دوست ٿي دَمُ ڏيان.

[١۴٠]

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻوڙيائين ٻانهون
تنهن وڏيون ڪيون ويچاريءَ، درياءَ ۾ دانهون
اڇج اوراهون، نه ته دوست ٿيي دَمُ ڏيان.

[١۴١]

*** گهڙو ڀڳو ته گهوريو، شال مَ ڀڄي گهڙِي
مولهيو مُحِبَ ميهار جو، ڀڄي ٿيوم ڀرِي
چِڪَنِ تان چڙهي، ڏسان منهن محبوب جو.

[١۴٢]

ڪاري رات، ڪُنَ گهڻا، لڙ، لهريون ۽ واء
سائي جن الله، ٻجهان سي نه ٻڏنديون.

[١۴٣]

ڪاريءَ رات، ڪُنَ گهڻا، ٻي اٿيهين اونداهي
چنڊ پنهنجيءَ سنئينءَ ويو، ٻي درياءَ دَڙ لاٿي
* اِهو آمُر اِلاهي، نه ته ڪُنن ۾ ڪير گهڙي.

[١۴۴]

*** تَڙ تَڪي، تارَ گهڙِڻ، ايءُ ڪاٺيارين ڪمُ
ڏه ڏه پيرا ڏينهن ۾، ڏئي ڏوراپا ڏم
عقل، مَتِ، شرم، تيئي نينه نهوڙيا.

[١۴۵]

نڪو ڏوه سُهڻيي، نڪو ڏوه ميهار
نڪو ڏوه گهڙي جو، نڪو ڏوه ڪنيار
* آئي ڪنهين آر، قضا وڏي ڪُنَ ۾.

[١۴۶]

آڳي اِنَ تڙان، وهنجندي وَرِهه ٿيا
قضا آندس ڪُنَ ۾، گهرائي گهران
جڏهن پورا ٿيا پَرِيان، تڏهن تانگهو ٿي تار ٿيو.

صدا

آءٌ ويندڙياس دَرَ هاديءَ جي، مون کي ڪانه جهلي

۱- جيڪا مون کي جهلي، تنهن کي مر جان الله پلي
۲- مَرَ ڪا مون کي جهلي، آءٌ تان وڃيس نينه اُڇلي
۳- جيئان ڏَجهڻ ٿئي، تيئان سڄڻ منهنجو اچي
۴- نورا پايو نينه جا متر دوستاڻي اچي.

صدا

آءٌ جا آنءُ ڏي ايندي ويندي، الله هُو، الله هو

۱- ڪُڇا مون ڊيچاريو، واڳون سڀ وَڏيندي
۲- ڏيئي ڏيراڻي ميهڻا، ڪاڪيون ڪوه ڪريندي.

●

سر گھاتو

صدا

آچ مَ گھوريجا گھوري مڇن رڇ وڇايو گھاتوئا
ڪالهہ ڪلاچي جي ويا، ڇانيون ڪٺيي ڇڳير
١- جي مون ڏکيءَ پر تي، ڪھڙي خبرَ لوڪ
پائن پيرو نہ ڪيو، ادنہ ڪيي آويرَ۔

بيت

[١]

جتي گھاتوئن گھوريو، تتي واريءَ لٽ
سترُ سڪو، سُنگيي گيا، سھسين ساٿيي مٽ
رُئان رت مڇ، ٿي ھاٺي آن تڙن تي۔

[٢]

لٿيُون پٽيون پيچرا، تڙ اوتڙ ڍونڍيام
مڏ نگي موتيا، ساڻيڙا سنڌام
ساٿيڙا ڪيڻان، وانئُتي وري ويا۔

[٣]

اگھن آيو ساٿين، ڪو ڪرو خبردار
اوباھيو آھون ڪري، سٽيو سا تنوار
ڪنُ پٽڪو پار، تن مهائين منُهن ڏکيا۔

[۴]

پرجھليو پائن ڪي، ٿي سيرٺين سڏَ ڪري
اوري ھٿا تہ آئيا، جيڪس ويا پرّي
گھاتوئڙن گھري، آرتي عيد وَھي۔

[٥]
ماٺي پسجن مهراڻ ۾، مانَ گهاتُو هُون
تان ملاح نه مڪرا، سهسين ساٿِي رُون
ڪندي آيا چُون، ته اوءَ مَلاح ٻيي مري ويا.

[٦]
مَلاح ٻي مَري ويا، وَهٽَ واريائون
هاٽي آنِ تَڙن تي، ڪري اوٻاهيو آهون
ڪو ٻيو سَرُ سوڻائون، جيئن گهاتُو گهر نه آئيا.

[٧]
گهَرن منجهه گهاتُوئڙن جون، تيون سَرَن سِڻائون
ڪيڄان خبر نه لهان، ٿي آتي جو آئون
جي ٻيلِي هٿ ٻانهُون، سي ڪوهه ڄاڻان ڪيڏانهن ويا.

[٨]
مَٽڪ ڏنائون مَڪُرين، رڱيائون رانئڻُون
ڪاله ڪلاچي جي ويا، ڪنهن پتهه پُوريائون
آنهن لاءِ آهون، ٿي ڪريان ڪُنَ ڪنڌيين.

[٩]
ڪَٿيا ڪاله ڪُنَ ۾، گهاتُو ڪري گهُور
مادر ملاحن ري، ويٺي سهان سُورَ
مون ڪي ڪري ملئُور، ڪوه ڄاڻان ڪيڏانهن ويا.

[١٠]
آهريا اوءَ عميق ڏي، پره ڪري پرياڻ
تن سانيٽڙن ري سرتيون، هٽ ٿيس سورن ساڻ
هٿي هٿي ڪيو هاڻ، ويٺي گهوڙها ڳاڙيان.

[١١]
آهريا اوءَ عميق ڏي، ڪاله ڪلاچي لوءِ
ساريو سانيٽڙن ڪي، ٿو روح منهنجو روءِ
وِرِهه ڏيئي ووءِ، گهاتو ڪنهن گهور ويا.

[۱۲]

سهسين ڪري سڏڙا، ٿي جر وهايان جالَ
اڄ نه موٽي آئيا، جي ويا ڪلاچي ڪال
جي هينئڙي پائي حال، سي ڏوريان گهاٽو نه لهان.

[۱۳]

سهسين ڪري سڏڙا، ٿي تنواريان تڙَن
ساريو سانڀيڙن کي ٿا جهوريءَ نيڻ جهڄن
مادر ملاحن، ڏوريان نه لهان.

[۱۴]

نه تنوارون تڙن تي، نه گجان نه گاڄ
تيئن ٿا سڙن ساڄ، جيئن لاکيڻن لَڏيو.

[۱۵]

* ڪو جو قهر ڪلاچ ۾، جو گهڙي نه وري
* خبر ڪو نه ڪري، نه رَڇَ ڪڇاڙي رنديا.

[۱۶]

رَڇَ اولجن ريل ۾، لڳيو لهرَن سان
ڳما ڳري لائيو، ٿي هنجَ هاريان هاڻ
✓ مانجهي مُنهن مهراڻ، آونهين ويا اوهري.

[۱۷]

رڇ اولجن ريل ۾، جهڳا جاه نه ڪن
ملاحن سندا مڪڙا، ٿا لتهرين پاند لڏن
چِٽو چڳيرن، آونهين ۾ ٿي آئيو.

[۱۸]

گهوري سگهيو نه گهاٽوئين، نڪا ڪُنَ ڪنار
رڇ متي ڏي رنديا، پيا نه پاتار
نيٺين ڏيهن نار، پسيو قهر ڪلاچ جا.

Scanned with CamScanner

[١٩]

ڪرڳل ڪُنَ ڪنڌين تي، حشر ٿيو هاڻ
"صادق" گهاتو گهور ۾، ٻوڙي ويا پاڻ
* پيا تنهن مهراڻ، جتي سڌ سِيرُئين جو نه سُجهي.

[٢٠]

* ملاحَ انَ مهراڻ ۾، وچڻ ڪي ويا
حال ڳرهيان ڪنهن سان، ته ڪي آتِ هئا
پڙاڏا ٿي پيا، مٿي ڪُنَ ڪنڌيين.

[٢١]

ملاح ان مهراڻ ۾، نه ڪا تانگهه تري
ويو هوش ڇڏي، گهوريندي گهاتوئن جو.

[٢٢]

مگر مٿي هٿڙا، ڏوران سِرُ ڌري
سامهان جگر ڪري، سجاتو شڪارين

[٢٣]

گهوريان ٿي لٿريون، الله گهاتو آڻ
.... پاڻ، مڇُ نه ماري موٽيو.

[٢٤]

مڇَ جئين ٿي مارياس، گهاتُو گهترِ نه پاڻ
....، آتيو آنَ ڪي.

[٢٥]

جا ساڻ نه هُئي ساٿيين، سا گهو ....
....، تانگهي تان نه ترسيا.

[٢٦]

رَڃَ جتي رنڌيا، آتي گهاتُو ڪو
آهري ويا او، ڪنهن منهن موڙي متڪرا.

[٢٧]

ڪلاچي جي ڪنڌيين، ڪا جا ٿيي ڪُوڪَ
سُڻي گهاتو گهڙيا، موٽيا تان نه ملُوڪَ
پيا سڙن سازَ سلوڪ، مادر ملاحن جا.

[٢٨]

گهاتن گهورڻ ڇڏيو، ڪِينَ پِروڙي ڪا
مڪُرا مهند نه هليا، ڪهڙو ورين واء
جيلان آئُن سڳِن ساءِ، تيلان ويا پڏي بحر سڪوت ۾.

صدا

وساريج مَ وڻ، جويَنَ ۾ تي ڏينهڙا
١- پايو پور پرينءَ سين، ڪر سين ڪاٺن ڪيڻ
پسي ڏکيا ڏينهڙا، آڇو مَ والها ويڻ
٢- آسن پري آهيان، موٽي ايندو سيڻ
جنهي ماريا مڇڙا، آءُ تنهي جي پيڻ
٣- سي ملاح مري ويا، جي سانيي هوڙم سيڻ
هاٿي آنءِ تڙن تي، نِيت تمايان نيڻ.

صدا

هي نه ڪنهين سيڻ، جي تو پنهنجا پانئيا
١- وِهه ٿيندءِ ڪڏهن، هي جي ڪاڏئي ڪيڻ
٢- "صادق" سنگتي نه تنهنجو، نه ڪو پاڏِي پيڻ.

سر ڌناسري

صدا

آءُ جا لڳي پير پريان، آءُ جا لڳڙي پير پريان
١- سونهارا مون سپرين، جي آجهو آهين مان
٢- متي مونن هٿڙا، آءُ سگر تنهن سُران
• ٣- ڪوڙيين پيرا ڪعبي متان، صدقو ساهه ڏيان.

بيت

[١]

آءُ ميريائي گهوري، اڃا پيرَ سندام
واهر سچي تيندام، اڳ وسوڙي آهيان.

[٢]

• ميري پسي نہ مٿيو، مون کي مون پيرن
• هڪڙا ڳڻ ڳچيءَ ۾، ٻيا ٻوڙو هار ٻڌن
• آءُ ڪيئن سندي تن، ڪلهي ڪيرت لاهيان.

[٣]

جيمَ ورچي ڇڏيين، ٻلڪو پيراڻو
تهڙو نہ پاپاڻو، جهڙو اڇهو پيرَ جو.

[٤]

• آءُ ميريائي آهيان، پاڻيهاري پاڻ
• هٿَ گهڙو، سِرَ سينهين، ڏنَ ۾ ٽاٽو ٽاڻ
• گوليءَ جا گناهَ، مولي تون معافي ڪرين.

[٥]
مون پيرائي ڳجهڙي، چوئا چندن ڇڪَ
جت آهنگ ڪٿوري آيري، پاڪ نرمل پڪ
اونهان ڏيو ٽڪ، اچن شاهه سمگيا.

[٦]
مون پيرائي ڳجهڙي، سدا چندن ڇڪ
جنهن سندي سڪ، هلي هنيون هند ٿيو.

[٧]
هلوس پير چت ڪري، ٻيون ڏيئي ٻن
آسائيون "احمد" چئي، ويس ڪامل ڪن
تنهن هيڪائي هيڪ چيو، ٻي مٽدي ناهس من
مون ڪي مون پرين، نظر ساڻ نوازيو.

[٨]
جي تون هينئڙا اچيو، ته وڃڻ پيرنئون پڇيُ
ٻڪي ڏيندئي ٻاجهه جي، جيارينديئي جيءَ
جنهن سندو وڃُ، مگر مور نه ٻيليو.

[٩]
پاندئڙا پيرن جي، ٻيو پاڙي گهار
توکي نيندا پار، لنگهائي لطف سين.

[١٠]
پاندئڙا پيرن جي، ٻيو پاسي آور
توکي نيندا تور، لنگهائي لطف سين.

[١١]
توڙان طالب تنهنجو، آهه پڇ آهوئي
تون صاحب سوئي، جنهن تي ٻول ٻڌهون ڪيا.

[١٢]
پاندي وجي پير وٽ، ڪوڙين ڪرنشون ڪر
چئو آهه آسائتو آهيان، دوست تنهنجي در
تون آڳهه اڙين جو، ورهين ڪرين
مون ڏانهن مهر تر، آڪا "اسماعيل" چئي.

Scanned with CamScanner

[۱۳]

آڳا ”اسماعيل“ چئي، مون ڏانهن مهر ڌَرِيج
[سائين صبر ڏيج، مولي ميران پور ۾.

[۱۴]

ميران پور جو مڱڻا، ڏسين جي ڏاتار
توڙان طالبن جو، صالحَ جو سينگار
منجهان نور نبّار، پڪرجي پيدا ٿيو.

[۱۵]

ميران پور جا مڱڻا، ڏسين جي ڏيو
سگهوئي سون ڪري، سينگاري سيهو
[جانسين ٿا جيّو، تان رڙهندا انهي راه تي.]

[۱۶]

پڪرجي پيدا ٿيو، هادي سندو حقّ
لاٿائين لطف سان، سندا شؤمَن شڪّ
جي رِڙا هئا رڪّ، تن وِلهَن سان وٿون ٿيون.

[۱۷]

* پڪرجي پيدا ٿيون، نُورِي منجهان نُور
ظاهر تون باطن، تون هادِي منجه حضُور
پرين تنهنجو پور، واسنگيو وِڪَ ڪٺان.

[۱۸]

نيمّ نوراني پيرَ جا ڪِڙَن ۽ ڪلَتَن
خوشبوء ڪٿوري ڪَر مشڪي ميڻهن وسن
✓ ميران پور ميرن، ڪوسو واءُ نه وارئين.

[۱۹]

نيمّ نوراني پير جا، نيمُن وسي نُور
قلندر شاه ڪرم سين، ڏي پريو پرپور
ٿِيهان پِرايو پور، وَڻَ ۾ اچن واسِيا.

[٢٠]

صبحاڻي شاهه پيهون، پوَ ڏهُون ميران پور رات
آٿنديمي اکين سين، پسون پير پريات
موچاري محبّت سين، ڏيارينڊو ڏات
جُمگ سونهاري ذات، تو پياري پالوتَ سين۔

[٢١]

پيارين پالوٿ سين، ميران پور جا ميرَ
لاٿمي آڄَ اکين سين، پوڄ پياري پيرَ
گهٽرَ اُنَ جي ڪيرَ، جي آسائو تي آئيا۔

[٢٢]

جي آسائو تي آئيا، پَسُ تنين جا پار
جن کي پيت پروسو ناهه ڪو، تنکيو توهان ڏار
سائينءَ لڳ ستار، ڪج مهر مشتاق تي۔

[٢٣]

ڪجو مهر مشتاق تي، داتا دستگير
گهرِ ان جي ڪِير، اڳي جن اوڙکيو۔

[٢٤]

اڳي جن اوڙکيو، هاڻي پَسو سي
ساريو سوالين کي، آيو سڏُ ڪري
وڃو ڪين پري، ماڻڪ نيهو مڱڻا۔

[٢٥]

ماڻڪ نيهو مڱڻا، جهجها ميڙي جال
نوازي نيڻن سين، لاٿائين خام خيال
سائينءَ ڪري سنڀال، نالائق نوازيا۔

[٢٦]

ونءُ طالبَ طلب پٺي، ڪامل پاس ڪٿهي
جو هدايت هٿ ڪري، پياري پٿهي
ڏيکاري راهه سٿهي، جو پيغمبر پيدا [illegible] ڪئي۔

[٢٧]

✓ وڻءُ طالب طلب پٺي، پکن ڏيئي پاهه
گوهرُ غريبن جو، ”صادق“ آهي شاهه
ڏيکاري سا راهه، جا پيغمبر پيدا ڪئي.

[٢٨]

* پيرُ ولايت وترو، پانڌي پيرُ پٽس
ڏيکاري راهه رحمان جي، گوهر آڇي گٽس
لتڙو جاڄڪ جس، لٿي چنتا چارئين.

[٢٩]

* پيرُ ولايت وترو، پانڌي پير سڄاڻ
* لاهي جو لطف سين، غيرن جو گمان
* سو ڏياري ڏاڻ، جو طمع کي ترڪ ڪري.

[٣٠]

پيرُ منهنجو پاتشاهه، پيا وليءَ سڀ وزير
هتن حضرت شيخ ڏي، فوجون ڪيو فقير
ڪن عرض، ”اسماعيل“ چئي، هنئين منجهه اکير
✓ داتا دواهه پير، تون نالائق نوازئين.

[٣١]

پيرُ منهنجو پاتشاهه، جو نتو ڪنڌ نمائي
فريادون فقير جون، پهو عرض اونائي
✓ آسرو مون آهي، هادي حضرت شيخ جو.

[٣٢]

سي سيئي شيخ ٿيا، جي پڙيءَ لٿڪ لڳاءِ
تن مريدن مٿو ناهه ڪو، جي وڏا شيخ سنداءِ
✓ تون هادي هدايت جو، ڪر منهنجي ڪاءِ
✓ سي مون پٽلهه پاهه، جي صبح ڪيم سڏڙا.

Scanned with CamScanner

[٣٣]

✓ صُبُحَ ڪيم سڏڙا، سڻ هادي سندا حقّ
آڏا جي اندر ڪي، سي شيخَ لاهيين شڪَ
✓ ڪوڙيين آن تان لڪَّ، نالائق نوازيا.

[٣٤]

✓ ڪي ڪنهي جا ڪارڻي، ڪي پڻ ڪنهي سندا
اسين صوفي شاه جا، بالله لڳ بندا
ميرا جي مندا، پيرُ پَراهِي پانهنجا.

[٣٥]

✓ ڪي ڪنهين جا ڪارڻي، ڪي پڻ ڪنهين پٽر
✓ اسان ڪي صوفي شاه جو، آهي وسيلو واهر
✓ ٿڪن ڪي ٿاهر، جهلو جهوڪ ڏٽين جو.

[٣٦]

✓ صُورت پانءِ مَ شيخَ ڪي، آهي معنيٰ مڙوئي
✓ حقَّ حقيقت جنهن ڪان، ٿئي ثابت سيوئي
✓ اڪيون اهوئي، پسندي پاڪ ٿيون.

[٣٧]

* صورت ناهي سپرين، اي تان اورانهين
* پيهي پرانهين، ڏسڻ ڪنان ڏسُ تون.

[٣٨]

صورت پانءِ مَ شيخ ڪي، جنهن جي مثل نه مُقابر
آچي راه الله جي پيغمبرائي پٽر
ونءُ دوستائي در، ”صادق“ گهڻي صدق سان.

[٣٩]

جي ڏسين منهن مرشدَ جو، آٽي منجهه اکين
ته ٻولي منجهان ٻين، سٽين سڏ صاحب جو.

[٤٠]

جي پيهي وڃن پاڻ ۾، منجهان منجهه مرشيد
ته اکيون پسنٿي عيد، اوسرُ ڇڏي اورهون.

Scanned with CamScanner

[۱۴۱]

سٺي سڌ شيخ جو، مٿو مَ موڙاءِ
آتيئي اگهاءِ، تہ مانَ آهينئي مڱڻا.

[۱۴۲]

سٺي سخن شيخَ جو، وسهي تون ويهُه
تہ ڏاتار سندو ڏيه، اندر تو اثبات ٿئي.

[۱۴۳]

جي هينئڙا تون آڇيو، تہ پلو اٿيئي پُرُ
ويندي واتڙين تي، ٿڌو پانئج ٿرُ
قلندر شاهہ ڪرم سان، ڪندو نيڪ نظر
داتا سندو دَرُ، اتئي پهر اکين ۾.

[۱۴۴]

دليئون دَستگيرَ کي، جيڪو ڪري آهہ
تنهين سندي ٻانهہ، تو ڇڏائي ڇيهن ڪان.

[۱۴۵]

دليئون دستگير کي، جيڪو ڪري سڏَ
تنهين سندا هڏَ، تو آڪاري آوڪيءِ مان.

[۱۴۶]

ڳٺن ڪٺهيو جندڙو، اوڳڻ آهي ڪونہ
جي تون ڪترين اونَ، تہ توري پڙين نہ آن جي.

[۱۴۷]

نالو سندو سچئين، مٿاي محبوبن
نبيّ نور سئين، آدمَ ڪنان اڳي هو.

صدا

هي جي آيا پانڌيئڙا پيرَ مُلا،
تن جون مٿنَ مرادون پنيون، اچي پيئا پاڪَ درا
۱- پٽسي پڙ پيرن جا، منهنجا ننهن سين نيڻ ٺريا
۲- پٽسي تن پيرن کي، مون تان سهجان سڌ ڪيا
۳- ساري تن پيرن کي هي تان سرها سڀ ٿيا.

Scanned with CamScanner

صدا

پيراڻي پچار، منهنجو جيءُ جياريو
١- ٽونٽيين، منڊين، مڱڻين لهي سيئي سار.

صدا

ڪنديس آءُ قربان، مٿان پرينءَ جندڙو
١- ٽوٽي ڪوٽي نه سپرين، جي مان ڏئي نه مان
٢- گولِي آهيان آنَ جي، کهڙو ڪريان شان
٣- سيپٽي ساز سٽَر ڪري، تالن هڻان تان
٤- ”صادق“ ڏسن سپرين، منهن ورائي مان.

صدا

جي مان پورهيت ڪن، پورهيت تي پاڻي پريان
١- سيرَ ڪريان سينهين، ٻيون ڏيئي ٻنَ
٢- ماهُ ڪريان صدقو، هوند گهوري مٿان تن
٣- ٿوري پڙان نه ان جي، مون کي جياريو جن
٤- اهڙي حال هلن جي، ”صادق“ سي سڄن.

سُر موکي

صدا

تون نہ پَرندڙِي مَٽ، او آيل! تون نہ پرندڙي مَٽَ،
اي هو پيالي پرينءَ جي
۱- جي سِرَ ڏني سُپجي، تہ وءِ سهانگڙي سِٽ سَٽ۔

بيت

[۱]

ڪين سٽيان ڪِٿهين، جان پڇيم پاسارِي
مون ڪي سُلي سچٽين، وِرِهہ جي وائِي
اهڙا عطائي، ڪٿي ڪنهن ڪُونڻ تيا۔

[۲]

موکيءَ سندي مَٽَ تي، آيِيَڙ اِيءَ نہ آهہ
جو جتن آهي جان جو، سو سانگ سِيسيءَ جو لاهہ
اچج اگهُورين جيئن، مچيُن اچيئي ساءَ
سارو چوءِ شراب جو، اگهہ اهوئي آهہ
پيئڻ ڪارڻ پاءَ، تون ڪاٿي ڪرت ڪپار ۾۔

[۳]

جنهي وڌو ڪرت ڪپار ۾، تن سانگو ڪيو نہ ساهہ
سندي شوق شراب جي، رَمِيي ڏنائون راهہ
پيئندي ٿِيي پُرِ ٿيا، هي چڏ ڀائون آهہ
ساقي جيئن صلاح، تي سِرَ ڏنائون سٽَ ۾۔

[٤]

پيارين پرت سين، تن مٿن مات نہ ھوءِ
وڃو ڪوڙ ڪلاڙ جو، تن ڪاڻن ڪُش نہ ڪوءِ
تڪيہن ۾ طلب جي، ھُوڪ ڏھاڙيي ھوءِ
واڪو وھي ووءِ، موڪيءَ جي مڪان ۾.

[٥]

موڪي مُٺي مَٽَ جھُريا، وھاڏُو ويا
لٿو ڪوڙ ڪلاڙ جو، ڪاڻن ڪُش ڪيا
تڪيا ”نماچِيءَ“ چِٽي، پِٽسو پَٽَ پيا
سامهان سُورَ تِيا، موڪي مٽارن جا.

[٦]

موڪي مٽارن جا، ويٺي ڳُڻ ڪري
ھي جو منڌُ مٿن ۾، سِڙو پيو سڙي
ڪوڏيا جي ڪَتڙي، سي ”ڪٺِي“ چوءِ ڪٺي ويا.

[٧]

موڪي مٽارن جا، سُھمَ ساريو ٿي روءِ
جي تڪھي جا طالبُو، ٿِيان ھاٿي ھِٿ نہ ڪوءِ
پياڪن ٿون پوھ، ڪڏي آءٌ ڪن کي ڏيان.

[٨]

موڪي مٽارن جا، ويٺِي سُھمَ ساري
چِٺي: وجھنديس واٽن تي، ھِٿھُون آءٌ ھاري
”پيرو“ چوھ پاري، ويا ويچارا ڳاھڙِي.

[٩]

موڪي پيٺي ماري، مٽارا ماري
ڪالھ اوريائين جن سِين، سي اڄ نہ اوتاري
سانپيٽڙا ساري، پڙھڪيو پاھر نڪري.

[١٠]
جڏهن ڏنوءِ سپ شراب ۾، تڏهن ڪُوڪيو تان ڪلار
پيچي مٽ پورا ڪري، هٽ هڻي هوند هار
ته تو اڳڻ ٻهار، اگهوري ٿيي آئيا.

[١١]
موکي متو نه گهريو، وِهَه نه وِهاٽيا
سُرڪيءَ "سليمان" چکي، اتهين ٿيي آٽيا
جي ڳالهيُن ڳڱاٽيا، تن جون ٻتيءَ ڏاري ٻُڌيون.

[١٢]
ڳالهيُن جي ڳڱاٽيا، پٽسُ تنهين جا پارَ
حاضر ڪري هٽَ ۾، ڪاٽيائون ڪپارَ
ويندي ڪيائون نه وار، ڪو مُنهن متارن آئيو.

[١٣]
متارا متندَ ري، پيا سڪَ سڙن
جي وڏينس وڏَ ڪري، ته ڪين پڪّ پڙن
پيا پتسين، "پيرو" چکي، متي ڏڙ ڏڙن
پيئون ري نه پڙن، ڪانهي ڪلاڙن جي.

[١٤]
ڪلاڙن ڪا وهي، اڄ نيسري سيرَ
موکيءَ مٽ اپٽيو، ڪٿي عاشقن آڪير
هٿا وڏائي ويرَ، ڪو مُنهن متارن آئيو.

[١٥]
ڪلاڙَن ڪا وهي، اڄ نه سري سٽّ
شيشن متي سون جا، هٿا چگيرا چيٽّ
موکي تنهنجا مٽّ، هيڪاندا ڏيي هليي ويا.

[١٦]
واسينگ ڪيڏي وڙ جا، آنڌائون اٿور
سي ڪاڙها ڪنهي چاڙهيا، ڏيئي ڪنگوءَ ڪور
متي چوڏي چور، پسو پياڪن جيي.

[١٧]

واسينگ ڪڍيو وير جا، آيو وير وَهِي
ٻٺيءَ هيٺ باهه ڪري، پياريائين پَهِي
چوکي ڳالهه چٽي، ماريائون متارن کي.

[١٨]

واسينگ ڪڍي ويرَ جا، جوڳي آندا جِت
ڪاڙها ڪُٺي چاڙهيا، پڪي ساڻ پِرت
لتڙي نينهن نرت، ٿي موکي متارن جي.

[١٩]

واسينگ ڪڍي وير جا، جوڳي آندا جال
ڪاڙها ڪُٺي چاڙهيا، مٿي ڏيئي مال
موکيءَ سندي پال، تي ماريو متارن کي.

[٢٠]

متارا مري ويا، موکي تون نه مرين
ڪهڙي پَرَ پَرين، ٿي ڏکي ڏاتارن ريءَ.

[٢١]

ٻٺيءَ هيٺ باهه ڪيو، ٻَهون تي ٻاري
سرو سنباهيائين سيکهءَ ۾، داتهَ ديناري
پِڪن نه پاري، ٿي مٿا متارن جا.

[٢٢]

ٻٺيءَ هيٺ باهه ڪري، ماڳ ٻاريائين مَچُ
موکي متارن کي، ڳاڙيو ڏئي ڳَچُ
سرڪ تان سچ، ڪٿر ٿو ڪوڙ لَهي.

[٢٣]

پڪ نه ڏين پَٽَ ۾، آيا جان ڪلار
سندي سيرَ پچار، آئيو وجهن وچ ۾.

[٢٤]

نڪا باهه ڀٽيءَ جي، نڪو مٽيءَ مُلهه
متا آتر، ”محمود“ چئي، توريائين نه تُلُ
آٿان ڪي آمُلُ، ڀيري پيار پيلا پرين.

[٢٥]

سائين نه سَري تنهنجي، ڪوڙين پيا ڪلار
ساقي انَ شراب ۾، توحيد جي تنوار
گَنڍيا گهوٽ هزار، جي انَ پيالي پُر ڪيا.

[٢٦]

وڏو دَور دُڪان جو، هي موکي، هُو مٽَ
پيڪَن ۾ پوشيدن جون ٿيون پلٽون مٿي پٽَ
سري جيءَ سهٽ، اچن ڪؤنر ڪڪوڙيا.

[٢٧]

اگهوري الماس جي، سَرو چڪايو شاهه
عاشق آيا آسري، جي ٻئي جاءِ پيا
ساوَٽ نه ڦري وٽين، نڪو چيني چاءِ
ڪاسو ڪپارا، ڪوريو جهلين قطرو.

[٢٨]

ڪو جو ڏنئين قطرو، تنهن قيمت پڇي نه ڪوءِ
معرفت ”محمود“ چئي، هٽ تنهن جي هوءِ
سَرو سهانگو توءِ، مٿي ڏني جي ميلي.

[٢٩]

ناهه نُرخ نفعي جو، ڀٽيءَ ڪانهي باهه
قرب قطرو قيمتي، سَرو برابر ساهه
سيران پوءِ صلاح، تي موکي ڏنو متڏُ جو.

[٣٠]

جي اٿئي مَٽَ سُرڪَ جي، نه وَڃُ وِٽيارن وَٽِ
سَرو پهچ سڀ پٽرين، ڪري سيرَ جي سَٽ
موکي مُور مَ مٽ، نه ويجهو ٿئين وصال کي.

[٣١]

جي اٿئي سِڪ سُرڪَ جي، ته ڪلارن ڏي ڪَهُه
سامهان سُور، "صديق" چئي، سَري سندا سَهُه
لوچي سي لَهُه، سر جن جا سٽ ۾.

[٣٢]

جي اٿئي سِڪ سرڪ جي، ته وڃ ڪلارن کهي
وٺي رَڪيي وات تي پيرتان پئيج پهي
رهج سور سَهِي، ته سچو ٿئين، "صديق" چئي.

[٣٣]

پِڪَ پيئندي پرزا ٿيو، مٿو نه مائي وَٽِ
ساقيءَ سر نه قبوليو، چي: اي سهانگي سٽ
پاڻ هنيائين پٽ، ڪٽهي وٽ ڪلار جي.

[٣٤]

موڪيي چوڪي نه ٿئي، ايءَ پڻ اوڇي ذات
وٺيون ڏيئي وات، ٿي ماري متارن کي.

[٣٥]

موڪيي مَٽُ آپٽيو، ڪي ڪلارن ڪُوڪَ
ماريائين متارن کي، جي محبّتي ملوڪ
پاڻ ڏنائون پِڪ ۾، هئي هئي وهي ٿي هُوڪ
"صادق" ان سلوڪ، ڪوڙين ڪٺا ڪيترا.

[٣٦]

موڪيي منجهئين مٽ مان، ڪو جو ڪيف ڪڍيو
توري ترازوءَ سين، صورت منجهه سڄيو
مٽيءَ جو مثل نه جڙي، هُو قطرو ڪوثر جو
مٽي جو مٽڪو نه ڪو، سِرُ تان ڪانهي ڪاڻ ۾.

صدا

مون کي آيل آمڙ پوءِ ماريندا وڻ، پاڙيچيون پرين جا
١- ڏيرن ڏمر من ۾، نڪو ڀائي ڀيڻ
٢- سمهان سک نه جندڙي، سٽي ويٺڙم سيڻ
٣- هڏ مڙيئي جل ٿيا، مري جهڙا ميڻ.

صدا

اي ووه ووه جيڏين ڏنا ميهڻا، آءٌ موٽان ڪيئن ڪري
اي پهه، پٽڙم اي آيل وڃان ڪيچ مٿي، توٽي توٽي توٽي پنڌ پري
١- هو اڪ نه سوٽيڙو، آت اي ڀر ٻاٻري
٢- پنڌ نه پنڌن جيترو، ويٺي گهاٽ گهڙي
٣- جانڪيي پڏا مون ڪيا، تان ووه ڏمر ڏير ڪري
٤- ڏٻان ڏولاؤن ڏونگرين سو مان هوت وري
٥- چلان مٿي چپرين پهڻن پير ڏري
٦- ڪيا اوتارا اوٺيين، لنگهي پب پٽري.

صدا

✓ آرسيون آسُور جو، اي هو تن اکين ڪين ڪيو
١- سورن بنان سپ ۾ ڏسن ڪين پيو
✓ ٢- سي متر مترن ماري، جن سُتي سات ويو
✓ ٣- رتو روئين پرينءَ کي، وڻ وڻ هيٺ وهو
✓ ٤- غافل ٿي غفلت ۾، ٿيون ڏکيءَ ڏوه ڏيو
✓ ٥- ”صادق“ رهيون سڪنديون، تن اهڙو پنڌ پيو.

Scanned with CamScanner

سر سسئي

صدا

سي سڄڻ الو الو لنڏي لوءِ ويا، لڏي لوءِ ويا، اي پر لڏي لوءِ ويا
سي سڄڻ الوالو لڏي لوءِ ويا، جي هوند ڏُک ڏکويا ماءِ منهنجي
۱- ٻاروچا ٻنڀور ۾، منهنجا آڳاهان ويا
۲- ڦوڙائو فقير کي، الا ڏيئي ڏيهر ويا
۳- سورن جو سربر ۾ مون کي ٻاري مڇ ويا
۴- مون کي سور سرتيون، اي پڻ لکيا اڳ هئا

بيت

[۱]

تيئن تيئن تاڻي پنڌ ۾، جيئن جيئن تپي ڏينهن
کو اگهائج نينهن، ٻانهي ٻاروچن سين.

[۲]

تيئن تيئن تاڻي پنڌ ۾، جيئن جيئن ڀڄي رات
پوري ٻي نہ تاتَ، جهڪا سا جتن جي.

[۳]

ڪتيُ پٺتر پرينءَ جو، ماءِ وهاڻو وار
جيڪي ڏنوءِ ڏيج ۾، سو سيوئي سار
وڃان تني وڻڪار، مڃڻ موٽڻ نہ ٿئي.

[۴]

ڪڻ پٺتر پرينءَ جو، ماءِ مُهارو جهل
ڪرلاهُو ڪيچ ويا، آئي هاڙهي هتل
آهل مون مَ پل، ورهہ واٽون لائيون.

Scanned with CamScanner

[٥]

کڻ پٽر پرينءَ جو، هيٺ نه هونداسون
جيجل جوين ڏينهڙا، ڏکيا جالياسون
آيل مٿان مون، وِرِهَ واتون لائيون.

[٦]

کڻ پٽر پرينءَ جو، هيٺِ نه هونديس،
پنهل کي چوَنديس، فريادون فراق جون.

[٧]

کڻ پٽر پرينءَ جو، چريو ٽٽڙم چيتُ
ڪٽر لاهُو ڪيچ ويا، پيو پروسو نه پيت
هاڻ نه هونديس هيٺِ، وِرِهه واتون لائيون.

[٨]

کڻ پٽر پرينءَ جو، چريو چيت ٿيوم
هينئڙو هوت هٿي ويا، وسان ٿئي ويوم
جيجان جيءَ اڙيوم، وِرِهَ واتون لائيون.

[٩]

کڻ پٽر پرين جو، سيوٽي ساري
ڏک منهنجي ڏيل ۾ ويو ٻاروچو ٻاري
آيل مون ڏاري، وِرِهه واتون لائيون.

[١٠]

آتُ ته ڏونگر ڏوريون، سُتيهين سُک نه ڪوهه
پڇون پرهيارن کي، واڪو وجهو پوءِ
اڳڻ آيو هوهه، مان ڪو پارانيو پنهونءَ جو.

[١١]

پارانيو پنهونءَ جو، اڳڻ کي آون
مچڻ ڪٿهي ڪيچ وڃن، توکي ڇڏي ڇپرين.

[١٢]

مون کي ڇڏيائون ڇپرين، چاڻي سڄاڻي
پيرين جو پاڻي، سو ڪم نه آيو ڪيچين.

[١٣]
ڪيچان ڪيچي آئيو، آهه پڻ سندي ڪيچ
اڳ آڏڪي آهيان، پٽسي پاڳن پيچ
هيس گهڻو سُٽيچ، پر ننڊ نهوڙيس جيڏيون.

[١٤]
ڪيچان ڪيچي آئيا، اڪيون ايٽن ڪترين
نه ڪو سانگ سسئي جو، نڪا ڳالهه سڻين
هوت پنهون تا نين، ٻاروچا ٻانهون ڪيو.

[١٥]
ڪيچن مون سان ڪونه ڪيو، جتن يارانو
نالي سُٽس هوت جي، مٿم بارانو
تيلاهين طعنو، ڏيندي مون ڏير ويا.

[١٦]
ڪيچين مون سان ڪونه ڪيو، ڪو پٽهه پوراتو
متس نيائون مانُ پرين، ڪو جهلي جوراتو
ادهون اوراتو، هٿنئين سين هيڏو ٿيو.

[١٧]
ڪِ پاپوهيو پاڻ م، تي آئن اوتارن
ڪتنُ اڙايو ڪتنَ م، تا ڪجهيون ڳالهيون ڪتن
ايء پٽهه ٻاروچن، تي مرڻ منهنجي جو ڪيو.

[١٨]
آٿَ سوار آئيا، مادر آهه مٿئي
ڪتن اڙائي ڪيچئين، سرپر ڪا ڪٿي
سرتيون سيجَ ٿي، هنيڙو اوُ تان ڪٺي ويا.

[١٩]
ٻولي ٻاروچن جي، وڏي وڏيس ماء
اچي تي اوچتي سانگين سين ساڃاء
جيڃان جهل مَ پاء، هنيون هوت هٿي ويا.

[٢٠]

ڀاروچي ڀولي جن جي، ڪِيڄان لهنديين سي
سَچي جوه ڪري، ڀيهي ويا ڇپرين.

[٢١]

ڇپر ڪنهن ڇيه ويا، اونهين پنڌ اجهاڳ
ڪوهيارو ڪيچ ڏئي ويو ورائي واڳ
پسڻي مُٺي ماڳ، رڻ ۾ رات رت ڦڙا.

[٢٢]

ڀير نهاريم پريتڻي [illegible]، هاڙهو ۽ ڳاڙهو
روئڻ ۽ راڙهو، ڀينر مون ڀاڳي ڀيو.

[٢٣]

ڀينر مون ڀاڳي ڀيا، ڏوراڀا ۽ ڏُک
هُو جي سُڄڻ سُک، سي وندر جي واٿ ويا.

[٢٤]

جان مون گهڻو نهاريا، رَنڌَ روئي راڻي
پِيتَس نه پاڻي، آيل ڀاروچن جي.

[٢٥]

هينئڙو هوتاڻن سين، ٻڌو ڪنهن ٻنڌاڻ
ڪا جا پيس ڪاڻ، نِٻيرِيانس نه نٻري.

[٢٦]

آن ڪا ڏني ڏوتيا، ڀاروچي لاڏاڻ؟
ماچوئي رهاڻ، مون سان ڪري هليا.

[٢٧]

هُيَم هوتاڻن سين، ريتيين رِهاڻي
پسي پٽر پرينءَ جو، آءٌ ڪوري ۾ ڪاٺي
پنهون آرياڻي، ڇڏي هليو ڇپرين.

[٢٨]

جيڏيون جيڏو ٿِيي ٿيو، سُمهڻان ساڙو
پنهونءَ سان پاڙو، ننڌ نٻيريو جيڏيون.

[٢٩]

سُتيس ڪنهن سپاڪ کي، ڏيئي اولاڻو اکين
هاڻي هِنَ ڀنڀور ۾ گهُمان خاطر ڪن
اديون اونيڙن، هنئين سين هاڃو ڪيو.

[٣٠]

جاڳان تان جيئن ٿيو، هيس منجهه خمار
ڏسان نه ڏيرن جا ڪرها منجهه قطار
جيڪر هُيَمِ سارَ، ته هوتن هاڃو نه ڪيو.

[٣١]

لوڪ نهاريان نه لهان، ٻاروچاڻي ذات
جيئن جيئن ڪريان ماٺ، هينئڙو تيئن سُورَ چٽري.

[٣٢]

ڪو ڳن ٻاروچن جو سٿهي سنيريوم
ڳتل وِهاڻو ڀُسيو، جاڳي جال رُنوم
اوڏيءَ چيڪَ نه چُهيا، پٽي نه پيرون
ٻوبون ايُ ٻيرون، جيئن نينه نبيري هليا.

[٣٣]

هٿان مون هوت ويو، هٿي هٿي حادثو
هيڏو قهر قلوب سين ڪڏهن ڪونه ٿيو
ڪُچاڙيان ڪيچ وڃا، مون تان ڪين ڇيو
پاڻيهي پٽهُه پيو، رضا راڻا سپرين.

[٣٤]

گوندر هن غريب تان، اُڃيون نه لاهين
مون کي جوش جتن جا، ٿا پٽَ ۾ پڇائين
لٿجُون جي لاهين، سيئي سور ستمهان ٿيا.

[٣٥]

ڏک پريان جو ڏيلَ ۾، ويران وير آجهل
سُورن پردو پتل، جيئن وندريان تيئن وترو.

[٣٦]

ڏُکوئي ڪانہ لهان، پِرِي پِٽان سُور
سَرَ هِيَڻَ جي حضور، پار نہ ڪڇان پرينءَ جو.

[٣٧]

ڏکي ڏُک مٿي ڪري، وانءِ ڇپر ۾ پيهي
مان گڏجن ڏيهي، جي سوڏيون ڏينئي خبرون.

[٣٨]

سوڏيون سپيرين جون، واڪا نہ وائي
پيهي پِٽيم جندڙو، سُورن ساماڻي
وَرَ لئي واجهائي، ماءَ مرنديس ڪڏهين.

[٣٩]

سوڏي سپيرين جي، خبر ناهہ ڪِتڙي
سُورن سانگهيڙا ڪيا، وليِن جيئن وَرِي
راڻي منجهہ رڙي، ماءَ مرنديس ڪڏهين.

[٤٠]

پيُس ڏاڍي ڏونگرين، پيرَ پٿران ڀاڳِ
ڀاروچا ڀانيو سين لاهي ويا لاڳِ
وڏي ڪنهن سياڳِ، آٿَ پسنديس آن جا.

[٤١]

ڇُڪيَمِس چور مَ ڪرهو، مُنهنس جهَل ۾ مهار **
ساجن توهان ڏار، ڏِٺم ڏينهن قيام جو.

[٤٢]

وڃيو روئي رَتَ ڦڙا، ڪاڻِي ڪيرن هيٺ
مون ڪا تيندي ڏيٺِ، پيهَرَ ڀاروچن سين؟

[٤٣]

سُوريتي سُورن ڪي، آئي ڪري سَڏَ
سُورن پڳس هَڏَ، تہ پڻ سڪي سُورَ سين.

Scanned with CamScanner

[۴۴]
آهن نه سڄي سُورَ جي، نڪا ڏکن پچار
ڪانهي تن تنوار، نينهن نمائيون جي ڪيون.

[۴۵]
گهيڙ گهمندي جي ڏنيون، پنهونءَ پيرڙيون
سي مون واتڙيون، نت نهارڻ پيئيون.

[۴۶]
هينئڙا ماڳن متين جا، وانءِ وڃي وانئن
چُمي آءٌ چانئن، جا پرين لائي پيرَ سان.

[۴۷]
هلو هلو جيڏيون، پسو لال لٽو
اڏيون آرباڻي جو، سچُ ڪ ساٿ ڳتو
هينئڙو جن هنيو، سي جتَن نه پسان جُوءِ ۾.

[۴۸]
جتَن نه پسان جُوءِ ۾، اوتارا آهيئي
اکڙيون سو ئي، ماڳ نهاري مونئيون.

[۴۹]
هلو نهاريون هوت جون، پينر اوطاقون
سُڪيون نه سيٽن جون، ماڳن تان ماڪُون
نسورياڻي ناڪُون، سڄي هليم سُور جون.

[۵۰]
ميڙو منهنجي نجهري، اچو ڪٽي آرت
آن ڪي سلان جيڏيون، گهاءَ اندر جي گهٽ
ڦوڙائي جا ڦٽ، ڪڙيون ڪن نه مورهين.

[۵۱]
چاڪَ منهنجا چورها، پاڙيچين روئي
مون سين سورُ سو ئي، جو نه جياري جيڏيون.

[٥٢]

ڪرهــا ۽ اوٺــي، آن ڪي لڪي ڏِٺ
مون سِيءَ هِٿا آٿ، تو پاند پُڄي نه جهليا.

[٥٣]

پرهَه پاند پنهونءَ جو، لڪي چوءِ لڳوم
ڏکويو ڏنــوم، توهَئُون گهڻو سـپرڻ.

[٥٤]

چڏيم هيج هلڻ جي، چاڙهيڪا چڪيام
آرياڻـي جي آسري، ڏونگر ڏينهن لڳـام
مونجَ پرين سندام، وييَس وِڪَ نه آپڙي.

[٥٥]

لَٽاڙيندي لڪون، مــاڳهين آهه مُيـاس
بــازن ڪاڄ تياس، سگهو مــونجَ سُپرين.

[٥٦]

تون اساري اوجهريين، هــوتــن هلڻ وارَ **
چوري رکج چيتَ ۾، پريان جيي پچار
ڏيئي سُور سنيار، مَتيُن وچنئي سنجرِي.

[٥٧]

تــون اسارِي اوجهريين، هوتن هلڻ من
آرس اڪڙيـن ۾، ڪاٺياريون ڪيٺن ڪن
جن وٽان هوت وڃن، سَڏِ تن کي سُور جي. **

[٥٨]

تــون اسارِي اوجهريين، هــوتــن هالائـو
ڪميٺي ڪيچين ري، ڪيٺن تو سُڪُ سهباڻو
ڏيئي پڳ پــاڻو، مَچِن سين وچنئي سنجري.

[٥٩]

جتيي ديکيو دل سين، پٽيءَ سي پيهون
ته پڻ تي وييون، جي پنهونءَ پاڻ لڪائيو.

* * *

Scanned with CamScanner

[٦٠]

مون جڻن هوت اکين سين، ڏٺان جي ٻروچ
ته مون کي ڇپان لوچ، آئين پڻ ڇُليون ڇپرين.

[٦١]

آن جي ڏٺي جيڏيون، پنهون جي پاٻوهه،
ته اندر اوراڇو کري، هوند رُنان منجهان روح
سنجهي جي صبوح، هوند نه ويان وسري.

[٦٢]

مڙيئي مون کي نه ڪَرِهو، آهه جا هيرِئين هوت
داغَ دارونءَ سين نه لهي، ڏنا جي بلوچ
هاڙهي سندا هوت، ڦٻن ڪيئن فقير کي.

[٦٣]

واري جا واتن جيِ، سا جي ٿيان پُون
ته ڪيچي متان مون، اڇن قطارون ڪاهيو.

[٦٤]

جتني مون سين گهاريو، تن سُورن کي شاباس
هيڪڙا وهيا پرينءَ سين، ٻيا رهيا مون پاس
ماڳهين هوند مياس، پر ويچارن وس ڪيو.

[٦٥]

ڪيچ اڳاهون پنڌڙو، ڏوٿين ڇيس ڏُور * * *
پاڻان پتسي پُور، وِڪَ وڌائين وِترِي.

[٦٦]

اسان نماڻين جي، کهڙي پڇين ذات
ڏينهن سڄو ٿي رات، متي ڪلهن اوئيون.

[٦٧]

اڃان آهيم هيڪڙو، ڏونگر توتي ڏک
منهنجو پيو سُک، تون ڇپر ڇُوتا نه ٿيين.

Scanned with CamScanner

[٦٨]

ڏينهن تتي ڏونگر ۾، اوچنگارون اچن
پڇيو پاڙي وارين، اِيَ ڇُرِي چوري ڪَنِ
مٿي مُنهن لٿن، سڃاتائين سرٽيون.

[٦٩]

پَرَ لڪن تي لمندي، ڪارا ڏٺائين ڪانگ
پانئي ڪِ پڪا پرينءَ جا، تان وتن ٿا ويراڳ
سپيريان جي سانگ، مادر مون کي ماريو.

[٧٠]

پانئي ڪِ پڪا پرينءَ جا، ڏونگر ڏٺائين
واڪا ڪيو وڻڙين ۾، ڀِي تي پُڇيائين
سَڏَ جي ڪيائين، ميروُن ماريائين اَنَ سين.

[٧١]

آئيمَنُ جي وَرَنَ واريُون، وڃو سڀ ورِي
آريائي پنهُونءَ جي، ٿِي سُڃي ڳالهه ڳَرِي
ٻنهيان جن ٻَرِي، ڏونگر سي ڏوريندِيون.

[٧٢]

آئيُن جي ورن واريون، وڃو سڀ موٽِي
ڪانهه هلندِي ڪيچ ڏي، مون ڪڙهو مَ ڪوٽِي
ڪَنديمُ ڪاچوٽِي، وِڌُم جوڳ جتن لئي.

[٧٣]

مون سين ڪا مَ نڪري، سرتيون آڏي سُڃَ
پاٽي ناهه پند گهڻو، رِڻُ، رائو ۾ رُڃَ
متان مري اَڄَ، ڪا ڏئي پاراتو پِرينءَ کي.

[٧٤]

ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو، جهنگن جهوتون ڏي
ڳالهه ڳُڙهيائين جن سين، سور پريائين سي
ويچاري هاڙهي، گهڻو ڏکوئي سسئي.

Scanned with CamScanner

[۷۵]

ڪُلهن ڦاٽو ڪنجرو، ڏکوين آهيان
پٽن گوندر گڏيون، لوڪ نه آڇن پاڻ
ٻاروچاڻو ٻاڻ، جنهِي لڳو تن لڪيو.

[۷۶]

ڪُلهن ڦاٽو ڪنجرو، متو اگهاڙو
ساجهر "سُليمان" ڇني، هوت لنگهيو هاڙهو
ڏوين سين ڏاڙو، جتن جيڏو ڏي ڪيو.

[۷۷]

ڪوڏ ڪوهياري ڪنجرو، اڃا رات رَتوم،
پيهر پڇايوم، صبحاڻي ڏِي سورن سين.

[۷۸]

آيي اوسڙ آسَ م، مُنڌ مَ متته ويهه،
تو سيڻي سيڻ ڪيا، ڏور جنين جو ڏيهه،
تون نماڻي نندبون ڪرين، پٽيءَ پنڌ آڇيهه،
پاڙي پاڙي پيهه، وَتُ پڇندي پنهيڙا.

[۷۹]

پڇو، نه آٻهو، پيئر پنهيورا
اڳي هن ماڳا، سرتيون سور پرائيا.

[۸۰]

پنهور ڏِي پَٽن ڏيان، ڪٿهي ڪتڻ، ڪيڏِ ڪپاهه،
ساجن منهنجو ساهه، هاڃي منجهه هٽي ويو.

[۸۱]

گهوريان سُڪ پنهور جا، مَر لڪڻ جي لوڏ،
امڙ تو جي آڇيا، سي ڪم نه آيم ڪوڏ
هنيين منهنجي هوڏ، ٻڌي ٻاروچن سين.

[٨٢]

پُنيءَ هـوت نہ هليو، پُليو سڀ ڀنڀور
شتهَرَ سڄاتو ڪينڪي، هو آرياڻي آتور
** * ماڻيو تني مور، ديکيو جن دِرِلِ سين.

[٨٣]

وِلاڙي وَٺ چڙهي، ڪينُ جو ڏنائين
** موتُ مارِيائين، پاڻ تنهن جي پُٺِ ۾.

[٨٤]

رِڙهي روحاني سَسُئي، مري جيءَ معذور
قدم قريبن جو هيڪڙو، سيڻن چوٽي پُر چُور
** * (سرتيون مون کي سُور، پرينءَ گڏجي پوءَ ٿيا.)

[٨٥]

مَتِچُنِ چِچئين سَسُئي، هاڙهي جو ڀروچ
اوٺين ڪنان اڪاهون، جيڪي چونس هوت
*** (پهرين ڪندئي موت، پوءِ پاريندا پريتڙو.)

[٨٦]

ساڻ محبّت قطري، ڀاريندم ڀَرِي
آلا ڦٽ فراق جا، ڪندئي چاڪ چَرِي
جت آهين جوءَ ۾، گهارين تان نہ گهَڙِي
** وِچ مندَ مَري، جتن ساڻ جيئري.

[٨٧]

✓ نہ ڪا ساڃاءِ سونهن ۾، مَتِچُنِ ٿيو موت
سري ڪاتي قتل ٿيو، هاڃي هنئي هوت
* نہ ڪو پنهونءَ پوت، نہ ڪو سَڏُ سَسُئي جو.

[٨٨]

سَڏ نہ سپرين جو، هاڙهي منڊ مري
پسڻ لاءِ پرينءَ جي، اڪيون آب ڀري
سَسُئي تانءِ سري، پرواه ناه پنهونءَ کي.

*

[٨٩]
سَتَسُئي سيِن سَروائُن ڪئي، جتن اي زارِي
ان پريٽ پروڙيو ڪينڪي، ٻانهيءَ تيي ٻاري
ووءِ ووءِ ڪيو وسائي تي، واتن سير واري
ڪانَ لڳس ڪارِي، سيڻن جا "صديق" چئي.

[٩٠]
منڊ! جتيندا ڪيترو، جي هلان هلان ڪتَن
اوٿيي انهي پار جون پنڌ پڇارون ڪن
سَتَسُئيي ڪي، "صديق" چئي، جاڳايو جتن
پيہنر مانَ پيرن، هِن سوريتيءَ جا سپرين.

[٩١]
مون جهليندي نه رهيا، اوٿيي آتهارا
جتَ هليا جُوءِ ڏي، ساجهَر سوارا
متيا تيم مارا، جي ڪيم سيڻ، "صديق" چئي.

[٩٢]
نه ڪي سيڻ سَتَسُئيي جا، نه سا سسئي پاڻ
روبو ڪري رهاڻ، ساڻ ڳڏجيو، "صديق" چئي.

[٩٣]
ساڻ ڳڏجي سڄڻين، تيس ڏوهياري هاڻ
سي سڄاتم، "صديق" چئي، جي ويا لڪائي پاڻ
جيت نه چائي چاڻ، آتِ تيو پسڻ پريَنءَ جو.

[٩٤]
پسڻ وڇايم پانهنجو، هلي منجهه هُوءِ
اِي پَرَ ڪوهيارل جي، آپَرَ تيو اوءِ
سڄڻ روبروءِ، منهن مقابل نه ٿئي.

[٩٥]
مرڻ مٿي مَ مون ڪنان، تي اجل آڳاهون
سسئي جي سڪرات ۾ تي دل ڪري دانهون
تيءِ ۾ آڳاهون، ساڻ آهين سپرين.

[٩٦]

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيُم رُوحَ رهاڻ
ته نڪو ڏونگر ڏيهَ ۾، لٿي ڪيچين ڪاڻ
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي مون سُورَ هٿا.

[٩٧]

پنهون چوندي ڪن ڪي، نه سا سسئي سُور
محبّت جو مذڪور، مڙيئي معنيٰ ٿيو.

[٩٨]

پوءِ به نه سُڃي سسئي، نڪا اڳ هئي
اوّل آخر نه جُڙي، سا ڪيئن هاڻ مئي
سگهر منجهه سُئي، سو پڻ هئڻ هئس هوت جو.

[٩٩]

ويا ڦوڙائي سپرين، ڏنم جي هيڪار
انهن لاءِ پيهار، ٿي ڏيان وڙولون وڙين ۾.

[١٠٠]

هائي تن هوتن ري، ڏوريان ڪونه ڏُکُ
هُو جو سُڃي سُکُ، سو ويچاريءَ وڃائيو.

[١٠١]

ڪڙهيو ڪڙهي پرينءَ کي، رڻ رَمي ٿي روءِ
سسئي سانگ نه ڪوءِ، ڏير ڏوراڻا هليا.

[١٠٢]

ڏير ڏُوراڻا هليا، پاڇاڙي نه پانئي
واريندس وَرَ ڪي پنهون پرچائي
ڪيچين لئي ڪاهي، سسِي ڏيندس صدقو.

[١٠٣]

ڏسڻ جو ڏيرن جو، پسڻ پاراتو
ادهون اوراتو، پرينءَ گڏجي جو ٿيو.

[١٠٤]

ڪين سُڃاتم سپرين، ڏٺم جان ڏيرَ
اوٺيي گهڻو اڪابر هئا، شان وڏي سان شيرَ
منهنجا چپن چنا پير، هُو هاچي هيروان.

[١٠٥]

ڏک ڪريان نه ڏيرن تي، پاڻا بيپرواهه
سِنڌِڙِيُڪيي ساٿ م، ڪن نه ڪوهيار!
ماريو وڃن ماءِ، پاروچيءِ پوليءِ سين.

[١٠٦]

سورن جي سُتيي وڃهي، ويس ڏير ڏَهيي
آلا ڦٽ فراق جا، سگهي ڪين سهيي
هوتن جا هنئي، سا وڃڻان وٺي سسئي.

[١٠٧]

پاڙجَ تون پاڻ م، وِرِهه جي وائيي
سيڻ تنهنجا سسئيي ويا سيٽ سمائيي
جيئڻ جڏا ٿيي، مرڻا مڙج ڪينڪيي.

[١٠٨]

پاڙج تون پرينءِ سين، ڪري ڏُکن ڏور
هنيون وِجهه مَ هور، ته ساڻ گڏجين سڄڻين.

[١٠٩]

نه ڪو سڃاتو سسُئيي، نه ڪو ميٽُ سندوهه
چڏ لاڳاپا لوڪ جا، ايءُ قرب ڪوهه ڪندوهه
ڪُهُ ڏ ڪين ڏيل وتوهه، ان سورن گهٽيون سِجهائيون.

[١١٠]

ڪٿهَل نه پوءِ ڪيچين، سسئي وڏو سَتُ
ٿيو زوراور جت، روئڻ راهيو ڪينڪيي.

[١١١]

پڌَر وجهي مَ ڳالهڙيِ، رڙي ۽ روهه
پنهون سُور سندوهه، سيڪ سُلاپان ڪن ڪيي.

[۱۱۲]

سنجهي وئَس سپرين، ٿي پيرهَه ڪڻي پير
هَي هتي هٿي هٿڙا، آئــي آڏيءَ وير
ڏکي ۾ ڏيـر، پرچي ويـا نه پـاڻ ۾.

[۱۱۳]

اکيون لُڙڪ لڙائيون، مُنهن ۾ ڪيلو ڪيل
سُورن سٽلو سٽلَ، مون کي مون پرين جا.

[۱۱۴]

سي ويري، نه واهُرو، جي مون پانيا مِٽَ
پـاڻـا پـاڙهي هليا، سندي سـورن سِٽَ
تهڙو نه پِٽي پٽ، جهڙو حشر هوت جو.

[۱۱۵]

هنگامون ۾ هُل ٿيـو، ڪيو جتن زور
آٿَ اولاڻـي آئيـا، پولـي پـيـو پنيور
غافل سندو غور، ڪيچين ڪڏهين ڪونه ڪيو.

[۱۱۶]

★ نهاريندي نـاهِه ٿيي، پسي پـار پُريـان
هاٿي ڪيئن ڪريان، ڪوهيارو ڪيٿِ لٿيي.

[۱۱۷]

★ ڏُکَ سُکَ چڏي سسئي، ڪهين تيڏانه ڪاهه
پَري لنگهج پاڻ ڪان، وڃ نه ٿئي واهه
سسئي جي صلاح، ان پر پـوه آبتهين.

[۱۱۸]

اوٺي اٺـانگا گهٽو، ويلَ نه رهيا ويهي
مون پانيا ڏيهي، تان ماء مسافر سُپرين.

[۱۱۹]

★ اوٺـي اڏانگا گهٽو، دَمُ نه دَميائـون
مون کي ڇپائون، تـه ويلو ڪجَ مَ وچ ۾.

[۱۲۰]

* * سکن پنهو مُ سسئي، هليا وڃن هوءِ
پنهون کنان پوءِ، متان پٽوين مامري.

[۱۲۱]

ساٿ نہ ويندا سپرين، مون ڄاڻيو مون ساڻ
مادر هئا مهماڻ، مون ويسليءَ وڃائيا.

[۱۲۲]

ڏسي مون ڏک ٿيا، ويا ڦوڙائي
مادر هڻن متيّن ڏي، کيچ وينديس کاهي
اڄان سين آهي، سنگو انهيءَ ساٿ جو.

[۱۲۳]

ڏسنديئي ڏک ٿيا، ذات اٺانگي جيئن
پرڻياڻي پنهون کي، نيئي نباهي نيڻهن
ڏوهہ منهنجي ڏينهن، کي پلئي کانہ مُٺيءَ سين.

[۱۲۴]

ڏسنديئي ڏور ٿيا، سڄاڻي نہ سڙي
اهڙا صاحب سپرين، گڏبا کيئن کري
* * * ✓ نہ کي منڌ مري، جيئن جنهن وڃائيو.

[۱۲۵]

کنهن پر ملي سسئي، آرياڻي اڄهوءِ
آٿ نہ اوٺي گڏ ٿيا، وڃن ورٿ ورجهيوءِ
✓ اهڙو ساٿ سڄهيوءِ، تہ سُتئين کوهہ سُک ٿي.

[۱۲۶]

* * ✓ موٽڻ ٿيس ميٺو، اڄهو کي آئي
سسئي واجهائي، وڏي ٻاجهہ پروچ کي.

۱۲۷]

★ ✓ [کيچي کهڙا کينکين، مري ٿيءَ معذور
ڏسڻ [illegible] ڏُور، نہ تہ ساڻ آهينئي سپرين.]

مکرر

Scanned with CamScanner

[١٢٨]

* * پاڻ نه ڏورين سپرين، مون سين ڪن مذڪُور
سرتين ٽيئڙا سور، جي سڄاتائون سپرين.

[١٢٩]

* * پاڻ پوڄاريون جيڏيون، پريان ڪن نه پَرُوڙ
جتن لاه ضرور، ڪَنٿِ آيم ڏينهڙا.

[١٣٠]

ساهيڙين کي سُورَ جي، سُڌِ چوندو ڪير
✓ پَري ڪٽن نه پير، واڳيون آهن ور سان.

[١٣١]

سُڌِ منهنجي سُورَ جي، اديون ڪان آنءُ ڪي؟
✓ قائم ٿي ڪيچي ويا، ماريائون مانءُ ڪي
چپڙ! تون چيا ڪي، ڏکوئيين ڏکيون.

[١٣٢]

✓ ڪيچ اٿيئي ڪونه ڪو، ڇڏي وڃ ڇپَرُ
✓ ~~صنعتَ~~ صفت پانءِ مَ سپرين، اِي ڏيڏي آهه تڪَرُ
انهُون پري پرُ، سيڻن ڏانهن، "صديق" چئي.

[١٣٣]

★ پَري پَسَتِ پرينءِ جو، اوڏو ڦوڙائو
ڏک وسائِي ڏيل ۾، سرتيون سڄائو
اديون اجائو، وِهَنِ مون وِهُه ٽيو.

[١٣۴]

پهچان تان نه پند ڪري، وِهَڻِ مُون نه وس
ڏوريم گهٽي ڏُکَ سان، تان ڏونگر ڏِئي نه ڏسُ
مانَ چُونم جَسَ، مٿي پڇاڙان سپرين.

[١٣۵]

چڙهي ڏاڍين ڏونگرين، اچان ڏينديس جهوت
مانَ چُونم هوت، ته مٿِي انهيءَ مامري.

Scanned with CamScanner

[۱۳۶]

★ پار اور نہ پنڌ کي، جُڪُس منڌ آچاڻ
"صادق" سڏڻ ساڻ، سسئي ساهہ وڃائيو.

[۱۳۷]

★ * پار اهو ٿي پرينءَ جو، ويٺي نہ ڏوڙي
ڏونگر تي ڏوري، سسئي ساهہ وڃائيو.

[۱۳۸]

** پاڻ وڃايو پنڌ ۾، روئي رتَ نارين
ڏاڍا ڏونگر ڏيهہ ۾، پنهون جي پارين
اديون اوٺارين، هيڻين سان هاڃو ڪيو.

[۱۳۹]

** پاڻ وڃائي پنڌ ۾، هاڻي ڪا هٿلي
"صادق" اِنَ سسئي کي، ويا سُورَ سٿلي
پيٺر پٽاڳ پلي، مانَ ملان اوٺيين.

[۱۴۰]

✓ پاڻ وڃايم پنڌَ ۾، تان ڇپَرَ ڇيهہُ نہ ڪوءِ
پارانيو پنهونءَ کي، ڪو ڇُڪيءَ جو ڇوءِ
تہ رڻَ آپي روءِ، آري! لاءِ اٺن جي.

[۱۴۱]

✓ پاڻ وڃايم پنڌ ۾، ٿيس سُورن ساڻ
پنهون اچي پاڻ، ڏوري ڏِسُ ڏکيون.

[۱۴۲]

مون مُٺي مٿي سپرين، موٽج تون پروڄ
لُڇڻ ۾ لوچ، وِرهہُ وپچاريءَ نہ لهي.

[۱۴۳]

✓ جيڏري جُدا ڪئين ڪئين، مُٺي بہ تنهين ساڻ
پنهون ٿيس پاڻ، ڏوريان نہ لهان.

[۱۴۴]

جيڪري جُدا ڪيئنڪين، مَنئي بہ تنهين گڏ
سُپِتني ۾، ”صديق“ چئي، سُتي ڪري سڏ
✓ اوڏي ڪريو اڏ، پاسي ڪريو نہ پرينئان.

[۱۴۵]

** ڏکي ڏورج ڏونگرين، وڃي واجهائيج
سِيسي ساهہ سَجيج، هَٿ ڪري هوت ڪي.

[۱۴۶]

✓ آءُ تِني پڇان ڏوٿيا! آهين ڪِ ناهين،
مون ڪي تا لاهين، پَٽَ ۾ پُورَ پرين جا.

[۱۴۷]

✓ ڏوٿين چيئس ڏيهہ، خبر ڪا ڪَري
سسيئا تو سري، مرندي منڊ واٽ ۾.

[۱۴۸]

✓ جڏهن ويا تي سنبهِي، ويئي توهِي وَٽِ
ڪا توهِي ۾ گهٽ، جيئن مُنئيين نہ اِنهيءَ ماڳ تي.

[۱۴۹]

✓ نالو ڪٿي سسئِي، لڄائِٺي سيڻ
ورِ رهڻ ڪرين ويڻ، ماڳ نہ مري ان ڪي.

[۱۵۰]

اندر منهنجو ان ڪي، اڃهامو پري
✓ پسان، تان نہ پري، اوڏا آهن سُپرين.

[۱۵۱]

✓ پاروچاڻي ذات جا، سَنَم جي سُورَ
مادر! سي مذڪُورَ، آءُ ڪيئن اوريان عام سان.

[۱۵۲]

** جا هتڪَلَ ڪَنِمَ هوت ڪي، چاڙهيڪن چڙهي
تنهن لَڪَ سيپٺي لهسيا، ويو سات سڙي
واڪو نـاهيہ وَڏي، پاروچاڻي ذات جو.

Scanned with CamScanner

[١٥٣]

چوٽيون چاڙهيڪن جون، روڏن هٽيون راتِ
ٿيي پاهڻ وجهان واتِ، آءٌ پيادي پٽيين.

[١٥٤]

چاڙهيڪن چُور ڪيي، پنڌن آءٌ نه پُنيي
رندن منجهه رُني، سسئي سُورَ آپٽيا.

[١٥٥]

* * پيچان ڏونگر چوٽيون، جهڪڙَ ڪريان ڇيڻهن
پر هوت چوندم هينئن، ته پٽر وڏيي پرينئون.

[١٥٦]

ڏيئي مَران ڏونگرين، اچان هوند آلير
پر ڇُڳن ڇنم پيرَ، رهيم واڪ وڃڻ جي.

[١٥٧]

جيئري آنَ جتن سين، هُيَس جي آئون
ته ڏيئي ڏورائون، هوند سات ورايم سرتيون.

[١٥٨]

مارڪَ مئي سسئي، چوٽين تي چڙهي
توري تان نه پڙي، جو اصل رکيو اوٺئين.

[١٥٩]

مُنڌَ مَري ڏونگرين، وڍيي ويچاري
تن اندر تاري، هُيَس هوت پنهونءَ جي.

[١٦٠]

جي مُنڌ مئي ڏونگرين، لکيي سان لٽڪن
ته سونهي هوندَ ڪٽڪن، پٽر پاروچن جي.

[١٦١]

* * — پاٺان وڃي نه ڪيو، سسئي سياڪو
تيلانهن اولاڪو، آيس ڪيچ ڌڻين جو.

[١٦٢]

سيئي سُورَ سارينديون، ڏنو جن هيڪار
آنهين جي تنوار، ڏکوئي ڏونگرين.

[١٦٣]

مُئين مٿي مامرا، تو جيئن ڪونہ ڪري
آرِي آڪنديئن تي، آهُ تون پيرَ پري
پُنهيان جن پري، گهڻو پڇجي انهن کي.

[١٦٤]

سندا ڏُکَ ڏکين، جي پنهون ڏسين پاڻ
تہ سسئي نيهين ساڻ، هوند نہ ڇڏيين ڇپرين.

[١٦٥]

هڪ ڦوڙائو سڄڻين، ٻيو تتي ڏونگرُ
آڏو آريچن کي، ٻاري تيهي ٻَرُ
ڪيچين لاءِ ڪَرُ، آپاڙيو آهون ڪري.

[١٦٦]

ڏيرن جا ڏِيلَ ۾ سنهان پُون سُراتَ
ڪَنُ ڏيان ڪيچين کي، تان وينا گهڙين گهاتَ
پورا لڳُم پاتَ، تہ پنهون نيندا پاڻ سين.

[١٦٧]

سيڻن هٿ ساڻيي، وڃائي وِهَي
ڪري پرڏيهي، ڏيهين ڏکوئي گهڻو.

[١٦٨]

ڪُڙڪي
مُنڊ ڪُرڪي پيئي، ڏيرن ڏکوئي
رَتائين روئي، پهڻ مٽيئي پٻَ جا.

[١٦٩]

سُکن ياپائيون سرتيون، حال ياپائي ناهي
ڪنڌي تن مَ ڏي، سپريان جي ڳالهڙي.

[۱۷۰]

سُلهين سُورَ پرين جا، اِيءَ پڻ ڪَچائي
توکي ٽيلاهي، ڏيندا ڏيرَ ڏکن سين.

[۱۷۱]

* * * سَهنجيون سپرين سين ڪر، جي آهنجيون ڪن اوءَ
متان "صادق" پوءِ، رکن حرف حساب جو.

[۱۷۲]

ڪَرهه قطاري هليا، وطن تِي واري
آوءَ نه اوتاري، تازا پيرَ پٽنهين.

[۱۷۳]

نه سي وڳِ وَٽِ مَ، آٺَ نه اوٺاري
هينئڙو بيڪاري، جيجان تن جتن لئي.

[۱۷۴]

تهڙا نه سڃاتم سپرين، جهڙا هوت هئا
ٽيلان مون پيا، روئي سَرَ اکين مَ.

[۱۷۵]

* * ڏونگر ڏکويس ڪينڪين، پنهون ڏکويس پاڻ
پهرين گڏي ساڻ، پوءِ ڇڏائي ويم ڇپرين.

[۱۷۶]

پاجهائي پانهيءَ ٿي، پرين موٽيا نه پوءِ
سورن گڏي روءِ، ٿي آهون اوٺين لاءِ ڪري.

[۱۷۷]

سَڃيون راتيون سسئي، جيلان نه جاڳي
ٽيلان نياڳي، ڪري ڪيچي هليا.

[۱۷۸]

ڇاٺي ڇڏي هليا، هيس ڇڏ نه سڃاڳ
ٽيلان ٿيو نياڳ، هن منهنجي حال تي.

[١٧٩]

مون وهٽي ٿِي ويا، سُتيءَ پانيو هوت
هيس نه پنهونءَ پوت، ڏيئن نه جهليا جيڏيون.

[١٨٠]

اوٺيِ آبهارا ٿيا، ڪا پروڙي مامَ
ڪَرهَن هٿيِ ڪامَ، مون جاڳائي هليا.

[١٨١]

سسئيِ سياڪو، ڪج مَ ڪيچين سانُ
لڪائيندا پانُ، تو ڇُلائيندا ڇپرين.

[١٨٢]

ساڙينِ آسُونهين ڪي، جتن جا جَولانَ
ايءُ، گوليِ! ڇڏ گُمانَ، جي پائين ميٽ منهنجا.

[١٨٣]

پيون سڀ سڪياڻيون سرتيون، مون ڏنائون ڏُک
سي سيڻيي پانئي مُک، مُون مٿي تي مڃيا.

[١٨۴]

پيون ڇنيون روئن سرتيون، آءٌ ڳنيدجو روئان ماءُ! * * *
ڪهڙ لَهي ڪاءِ، سُڌِ انهي سور جي.

[١٨٥]

ٿورا ڪري ٽڪيون، ڏونگر جيئن ڏاڍو
تيئن وڏي مون ڪاڍو، جيئن ڇني پير ڇپن سين.

[١٨٦]

ڪِران ڏونگر چوٽيين، مران جي جهُران
پيئر ڏان نه پيران، جي ڇُوتا ٿيان ڇپرين.

[١٨٧]

پُريين، پٽاڙا ڪريين، توٺهي ڏيين آليرَ * *
نه ڪوهه چاڙان ڪن جيي، تون ڪمهٽيي ڪير
آن پرانهان پيرَ، تون اوري ٿيي آهون ڪريين.

Scanned with CamScanner

[۱۸۸]

جيتِ سسئي سڌاريو، تت ڏوٿي ڏس نه ڏين
اَتِ نيهن نماڻي کي نين، پارانيا پنهونءَ جا.

[۱۸۹]

مٺي جيتِ معذور، آتِ ڏوٿين کهڙو ڏسُ
ڀهريائين وڃائي وسُ، پوءِ ٿي ڏوري ڏونگرين.

[۱۹۰]

جو ڏِٺُ ڏوٿين ڏوريو، آتِ پيرِي نه پيرَ
ڏِٺي ڏينهن نه رات ڪا، نڪا پٺي ميرَ
هنئين آتهين هيرَ، لائي پاروچن سين.

[۱۹۱]

ڇڏي هليم ڇپرين، هڪ آڳهين آسُونهين
تيئن دل اندر دونهين، پريم پاروچن جي.

[۱۹۲]

هڪ جبل گهڻو جهاجهڻو، ٻيو اُچا ڏونگر لڪَ
ٽيو مٿان شڪَ، ته پانيم اوٺي اهيڙي.

[۱۹۳]

هوند نه ڀيس مامري، جي آمڙ نه چاڏي
جيئن تو ساماڻي، آءُ چِلي ڀيس ڇپرين.

[۱۹۴]

ڏوريان گهڻو ڏونگرين، جيڪر ڪريان وسُ
پر امڙ منهنجا گسَ، جهوري واءُ جهونا ڪيا.

[۱۹۵]

هڪ جبل جاڏا آيرا، ٻيو جهنگل پوءِ جهڪَ
اچن اڻ سونهين ڪي، شيرڪ گهڻا ڏي شڪَ
سي لنگهائيين لڪ، ڪنهن سبب سان ”صديق“ چئي.

Scanned with CamScanner

[١٩٦]

✓ اکيون اوجاڳا، وڃي وهائي آئيون
ڏسي نه ڍائيون، منجهان پسڻ پرين جي.

[١٩٧]

اکيون نه پسن پرين کي، سي اوڏائي ڏور
پريون پٽن سور، متعذوريون ملڪ ۾.

[١٩٨]

✓ پٽني ۾ پروان ٿي، پنوهه ڪٿو پار
جني وڇڙيا يار، روئنديون سي رت ڦڙا.

صدا

روئي لائو مون، روئي لائو مون، اي جان ڏک نه ڏونگرين
١- اڄان پاهڻ پري ٿيا، تان ڏاڍڙي لڳيس پئون
٢- هنجهن ڪٽي هري ڪئي، الا ڪيچان اوري پيون
٣- ڪميٽي ڪيچين ڪي، الا رب ميڙيندا مون
٤- سندو جيئڻ آسرو، الا متان لائو مون.

صدا

✓ پُڇ سائي ٻنڌ سندرو، ڪنڌي جان ڪهون، اي پيچ سائي ٻنڌ سندرو
١- ڏونگر ڏينه ڏجهارا، جتي پاپ پڇهون
٢- ڪوڙيين مُيون ڪيتريون، الا واڪي آتر وهون.

صدا

✓ ادا هئي ڏونگر مون سين ڪتر ۾ هيئن،
مون سين ڪتر ۾ هيئن، آءٌ جا نماڻي ڪيي نينهن
١- لڪيون لڳن ڪوسيون، ڏاڍا تپن ڏينهن
٢- پير نه ڇڏيان پرينءَ جو، آءٌ ساهه ورندي سيئن.

صدا

مون سين موٽڻ جي ۾ چور، اي آهل
١- هلان هاڙهي سامهون، ويهان تان نه ٻنيور
٢- اي آهل سگر لڳيي آءٌ تاٿي رسان توڙ.

Scanned with CamScanner

صدا

تون جو وڃي ڪيچ ڪنهي، هو ادا ڏيج پارانيو پرينءَ ڪي
١- آءٌ ڦوڙائي ماري، بر سگهان ڪين سنهي
٢- ڪرڳر ڪيچيءَ تنند جيئن، سگهي ڪين سنهي
٣- چڪيءَ مٿان ڪيترا ويٺڙا ڪانگ لئي.

صدا

ڏوريندي آءٌ مانُ ملان، آيل ٻاروچن ڪي
١- ٻاٽي ڪٺان نه ٻاڻ سين، مون ڪي سمر سور گهڻا
٢- سُورن ٻڌيو سندرو، آءٌ مٿي راهه رڙهان.

صدا

ادا پنوهار، پرين منهنجا، اي ڪي گڏيئي ڪوهيارا ٻاروچا
١- گهٽو اچڻ چڏيا مون ٻتهر پنيوران.

صدا

مون ڪي آيل آڀل مر موتاءِ، آءٌ ماءُ ته ماڪُنهين مران، اي آءٌ پرين پڇاڻا
١- هينئڙي م هوتن جي ڳالهه ورتي ڪاءِ
٢- آءٌ تي ڏونگر ڏوريان، سپيريان جي ساءِ
٣- سپيريان جي سُور جا چڪيا چاڪ متنجهاءِ
٤- آيل اهڙي اکرين نيٺين ننڊ ڪياءِ.

صدا

مون ڪي آيل پاءِ م جهتلُ، آءٌ هلي ملان هوت ڪي
١- پرينءَ جي پسڻ جي هينئڙي هلو هلُ
٢- ڏونگريا ڏيهه ويا، سُورن ڏيئي سٽلُ.

صدا

مون ڪي و روُنهُ ويروتار ويروتار، او هينئڙي منجهه هوتن جي
١- جهڙي صورت سيجُ ڪي، منهنجي پرينءَ تهڙا پار
٢- جهڙي سيڪُ سڄڻ جي، او تهڙي تانُ ترار.

صدا

پوري آمڙَ ماءَ منهنجي مون جيئن، ڏک نہ ڪيٺِي ڪيٺِي
لڳهہ لابو نيٺن نيئي، آءٌ جا ويندڙي سنئين سنئين
۱- هينئڙو واريءَ مُٺ، جيئن ڪر ڪِريو ڪيئن ڪيئن
۲- هينئڙو ڏاڙهون گُل جيئن روئي رَتم ڪيئن ڪيئن.

صدا

ٽڪَرَ ماءَ پيرَ ٽرِٽيا، سا منڊ ڪنگُوءَ ڪور
۱- ڇپَرُ ڪتوري ٽيو، ڪر تازڙي ٿُلن ٿور
۲- اڇن پرهہ پٽنگيا، ڪريا منهڙا ۾ مور.

صدا

ڪر نہ هٿڙا هوتَ، ماءَ منهنجي نِجهري
ڪُنڙي پاروچن، هاءِ هاءِ هاڇو ڪيو هوتن
۱- ماءَ منهنجي من سڄين، مون ڪي سمهڻ سور نہ ڏين
۲- مون وٿان هاڻ ويو، ڪاٿي تان ڪُٽن.

صدا

مون ڪي جڏڙي پانڌي ذات، آيل آيل ڇڏي ويا پنهور ۾
۱- ڪُهي ڪمهٽي هليا، ڏيئي ڪرنگهہ ڪات.

صدا

چنڪن تا چانگا، ڏيهہ ڏورائي وو ڏيهہ تي
ڏونگر گهٽا ڏيهہ ۾، او آهن اڙانگا
۱- ڏونگر ۾ معنيٰ ۾، ڇڏ صورت جا سانگا
** ۲- منجهيج پنڊ ڪسي، لاهي سڀ لانگها پراهين
✓ ۳- ڏور پر ڪنج اوڏهين، او ڪين جيئن ڪانگا.
✓ ۴- اڪيون

صدا

ڪو ڏوٿيا! ڏَسُ ڏهو، هو ادا! مون پرانهين وو پنڌ جو
١- آهه اسونهين آهيان، وو سُٺي سات ويو
٢- پاندي ڪٺان نه پنڌ سين، او مون سين سُور سيهو
٣- اجان پُرند يَس پٺيين، او وَٺي نينهَ نيهو
٤- ”صادق“ سُونهان آڳت ۾، او مون سين پَٻَ پٽهو.

صدا

پوري آمَڙَ مادي، مون سين مَ ڪر ويهڻ وائي
پاٺان پٽلي پري ڪان، کهڙي ڪريين سڳائي
١- مون ته نماڻيءَ سان تو ڪيجڻ ڪپت لائي
٢- ڏيلُ جنهن جو ڏکيو، رهيا سُورَ سمائي
٣- هٿي سيڪ سڄڻ جي، رَندَن رلائي
٤- ”صادق“ طعني تن جي، هاري هلائي.

صدا

اجان اي ڏس ڏيندا، جيڏيون منهنجي درد جو!
١- ڏونگر هين ڏکيءَ سين، ڏکن پائي ٽيندا،
٢- ڪنيو پار پنهونءَ جا، مون سين رندن ۾ روئيندا،
٣- مون مٺي مٺي سُپرين، آريچا ايندا،
٤- اڳ نه چڏيائون ڪنهن ڪي، مون ڪي ڪيئن چڏيندا،
٥- منجهان ميهرَ مريض ڪي، ”صادق“ سي سڏيندا.

صدا

ڪرهل ڪيمَ ڪَڏايو، هو ڏيرَ! ڪرهل ڪيم ڪَڏايو
١- آهه پيادي، پنڌ کهٽو، مون ڏي واڳ ورايو
٢- ڏکي چڏيو مَ ڏونگرين، نيئي مُحِبَ ملايو
٣- نماڻيا نينهَ گاڏ ڻان، پُنهل ڪي پهچايو
٤- چُڪي چاڙهيڪن ۾، رندن ڪيم رُلايو
٥- آهيو ”صادق“ سُپرين، هي مانَ لڪ لنگهايو.

صدا

او ڏونگر ڏِنئِي ڏک، ڏنئي ڏکڙ، او اسان آسونهين کي
١- گونگَنِ گس وڇايئي، ٻـي اکايئي لُکڙ
٢- جبَلَ جاڏايون تنهنجون، سيئي پـانيم سُکڙ
** ٣- جيئن تون پير تر هڻين، تيئن تان وَڏي وِکڙ
** ٤- "صادق" سڪان سڄڻين، ٻي ساريان آءُ نه ٻُکڙ.

صدا

** ٻانهي ٻـاروچن جي آهيان، اهڙي منهنجي ذات
١- هلان هٿان ان جي، آهـي آهـن سات
٢- نـه هٿڙ نه هنجَ کيي، نـه مـون هٿو هات
٣- ڇُونـم تيئن ڇڏئان، اي پـڻ آن جي بات
٤- جي اڳهون عدَمُ آهيان، نـاهـم وادي وات
٥- پورهئي ڪـمي نـه پٽان، ڏينه سڄو ٿي رات
✓ ٦- "صادق" رهن سپرين، جي مري تيين مات.

صدا

اوٺي آڳاهان ويا، ڏونگر چڙهي ڏير
١- سُورن پـريـو جندڙو، تـازا ٻيئي پير
٢- اڇنم جـوش جـتـن جـا، پتو پٽين پير
٣- ڏکن گڏي آهيان، سونهان تـيـا نه سير
٤- الٿهي اونـداهـو ٿيو، آيـل ٿيي آوير
٥- "صادق" سهسين سيڪي ويا، تون نمائي ڪير.

صدا

** اوٺي آهين اوڏڙا، ڏونگر پانءِ مَ ڏُور
١- ماڻيي ڏينهه سـڏڙا، منجهيي تـيءُ م ملُور
٢- "اِنّ مع العسر يسرا" متان مـوتين مُور
٣- دانهون جان کي درد جون، "صادق" رهه صبُور.

صدا

ڪيچي ڪين ڳنڍين، سڱ سياڪا سينڌيون

١- آهين اباڄها آڳهين، سي نماڻيون نه نين
٢- مون اٿين پانئيو، مون کي ڌان نه ڇڏين
* * ٣- "صادق" سدائين ساهه سين، ويٺيون ور رهته ونڊين.

صدا

ربّ صاحب سائين آهي، متان ڪا سينو ساهي

١- حڪم حاڪم هٿ ۾، ڪام ونيو تو ڪاهي
٢- موت موراهين نه ٽري، ڪي ڊٺا ڪي ڊاهي
٣- "لا حَوْلَ وَلاَ قُوَّةَ" ڏس ڏنو اي ڏاهي
* ٤- "صادق" سي سيکنهين، "لا" سين وڌائين لاهي.

سر سارنگ

صدا

پکو پرينءَ ساڻ، اي ماءُ! سونهي ساوڻ ڏينهن
١- آهيم عجيبن سين راتو ڏينهن رهاڻ
٢- گهوري هيس جن جي، سي پرايم پاڻ
٣- آئي ڪنديس ان سين، ريلن منجهه رهاڻ.

بيت

[١]

سارنگ سنباهي آئيو، ڪوڪ لائي ڪُڙڪو
سونهن سنگهاريون ٿيون، پٽيسي ڦُڙيءَ ڦڙڪو
جو پرين جو پُڙڪو، سو واءُ وِڄڙين ڪان وِترو.

[٢]

سارنگ سنبهي آئيو، جهڙ لائي جهاتي
لفظ سين ”لا“ جي، ڪفر ڇڏيائين ڪاتي
جا باهه برهه جي آتي، سا واءُ وڄڙين ڪان وِتري.

[٣]

اڄ پڻ اتر پار ڏي، سڄڻ سونهاري ٻارَ
متَن ڪي مون جيارِيو، تاڙي جِيي تنوار
توراڪ توهئون ڌار، آءٌ ڪانڌ ڪنديس ڪن سين.

[٤]

اڄ پڻ اتر پار ڏي، سڄڻ سونهاري سيٽ
اڳ مَ وچ وَلها، مُحِب منهنجا ميٽ
اڳڻ راڳي چيٽ، آءٌ ڪانڌ ڪنديس ڪن سين.

[٥]

اڄ پڻ اتر پار ڏي، سڄڻ سونهاري جوڙ
اڳ ۾ وچ ولٽها، مُحِبَ منهنجا موڙ
ڍنگهر ڍاري ڍور، آءٌ ڪانڌ ڪنديس ڪن سين.

[٦]

اڄ پڻ اتر پار ڏي، وِڄُن جو وارو
آءُ نه پرين تو ڏيان، اکيين اوتارو
ساجهر سوارو، هوند ڍول ورائي ڍَڪيين.

[٧]

اڄ پڻ اتر پار ڏي، وِڄُن جيي وائي
اکيون ري وَلهي، چمن جا چاهي
جن ري جُڏا ٿيي، سي تون الله آڻي ميڙئين.

[٨]

اڄ پڻ اتر پار ڏي، وِڄُن ڏنا وَرَ
وريتيون وانڍُن جي، اچيو لٿن ڪترَ
اڏيون اوهان جا گهترَ، ڪي نِگٿه آهن نجهرا.

[٩]

اڄ پڻ اتر پار ڏي، اکيون ڪَنَ ڪرين
هٿي هٿي حبيبن جا، سور سنيهڙا ڏين
جوري جهنُ جهپين، سي مانَ ملنم سپرين.

[١٠]

اڄ پڻ اتر پار ڏي، هينئڙي لاهو هيج
سارنگ ري سرتيون اندر ٿيو آريج
وچان پيو ويڌ، سِڪن ڪي سڄڻين.

[١١]

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪر ڪارونئير سونهن
لڳو ڦٽُ فراق جو، دل ۾ دُکي دُونهن
تو رِيءَ ور ورُونهن، ڪانڌ ڪرينديس ڪن سين.

[۱۲]

آتران تي آئيون، پَسي پاٻوهي پَٽَ
كي ٻهكيون ٻيلي تي، كي ڊيريون مٿي ڊَٽَ
موليي "ميران پور" تي، ساري ڏنائون سَٽَ
واهيين ويٺا وَٽَ، جي ملك سڀ معمور ٿيو.

[۱۳]

جهانءُ جهانءُ كري جهِميون، اوهيرن اچي
اكين آگمَ لائيا، پرين لاءِ پڇي
جن ڏي هُيَم سِك سچي، سي آئي ويا آكري.

[۱۴]

جهان جهان كري جهميون، اوهيرن آيون
اكين آكرَ لائيا، كنهن ڏُك ڏسايون
جن ٿي قربَ كوڏايون، سي آئي ويا آكري.

[۱۵]

وُٺو مينهن وڏڦڙو، جهان جهان كري جهكور
سوچاري ملير ۾، مينهون تيلن مور
هادي لاٿا هور، ولهارن وَسَ تي.

[۱٦]

نئين ٻر آڌِ مَ نيجهرو، ڇِنِ ڇڏي وِچ ڇَنَ
كاندا! سويري نه كرين، كا پَٽكي جي ٻرن
مون جهڙ ڏٺو آپ ۾، ٿيون وِڄون كن وَرَنَ
سانوڻ جيئن سمن، كيئن ڊولَ ڊِلو ٿئي؟

[۱۷]

گهڻا گهاريا ڏينهڙا، آوسر اسان ساڻ
دوستن دلاسو كيو، پرين اچي پاڻ
ريلن، منجهه رهاڻ، آئي كنديس ان سين.

Scanned with CamScanner

[١٨]

گهٽا گهاريا ڏينهڙا، اوسرَ اسان لوهه
پڪو پُراڻو ٿيو، ڪو پريان کي چوهه
وِرهه منهنجو ووهه، مانَ آتي آڳاهون ٿئي.

[١٩]

سڄڻ سانگي آڪِري، نِگهه ويا نتهي
آتان ڪونه آئيو، پڇان ڪير پٿهي
رهيو سُور سَتهي، هينئڙو اَنَ پرينءَ کي.

[٢٠]

سڄڻ جنهن وڇوڙيا، تنهن اوسر پُنا ڏينهن
پرين پٺي آئيا، مُندن وُٺا مينهن
ڏولائي جا ڏينهن، واحدَ سڀ وساريا.

[٢١]

پسيو مينهن، "محمود" چئي، ساريو ڪري سَڏ
آٽو اوهرا ڪري، لڙهو مٿان لَڏَ
پالِ پُراڻي پَٽڪڙين، ڇاتَ نه سهي ڇَڏَ
جو هوم هيڪاندئي گڏ، سو واحدَ ور ورائيين.

[٢٢]

پسيو مينهن، "محمود" چئي، ساريو سَڏَ ڪري
پال پراڻي پڪڙين، وجهي هٿ وَري
اڱڻ مٿان اوانديو، ويٺي پاڻ پري
لائِم جو ڳري، سو واحد وَرُ ورائيين.

[٢٣]

هٿي هٿَ ٻُندي م، اکيون منجهه، وَري
تارا "تماچي" چئي، مُنڌ پيريو آب پيري
جهيمو جهُڙ ڪري، چئي اَچُ، پراڻو پڪڙو.

[٢٤]
گهرُ جهونو، جهڙ گهڻو، اُترَ ڏئي اوتَ
ڇنيءَ ڇارئي پوتَ، مون ريڙهيندي رات ڪٽي.
[٢٥]
گهر جهونو، جهڙ گهڻو، اتر اوت ڏئي
ور سارينديون سي، نيڪهه جن جو نيجهرو.
[٢٦]
گهر جهونو، جهڙ گهڻو، اتر ڪيو آڪس
اچي ڪامل پس، نماڻي جو نيجهرو.
[٢٧]
گهر جهونو، جهڙ گهڻو، پڪو نه پرتم
دوست پڇاڻان دم، شال نه جيان جيڏيون.
[٢٨]
گهر جهونو، جهڙ گهڻو، جهُوپو سَهي نه سيءُ
سڻائج سور سڄڻ کي، حال منهنجو هيءُ
اگڻ آيو ٿيءُ، ته ڍوليا ڪنهن ڍنگ ٿيان.
[٢٩]
گهر جهونو، جهڙ گهڻو، توڙي قوت نه ڪاند
پال پراڻو پڪڙو، ڪري واءُ وڻاند
پرين ڏيئي پاند، ڍوليا مون کي ڍَڪيين.
[٣٠]
ڍَٽَ ڍَري پَٽَ پيون، وِڇڻ ڪيا ويس
اتي اچي ڪکرين، نت پريائون نيش ليس
جي هيٺڙي منجهه هميش، سي سائين سڄڻ ميڙيين.
[٣١]
وهاڻي واهون ڪرين، وسين ساري رات
مون جيئن مينهن پرين جي، جي ٽن ۾ هڻئي تات
ته وهاڻي پرڀات، هوند بادل! ڪيئن بس ڪرين.

[٣٢]

وسڻ اکڙين کان، تون جي سگهين مينه
ته هوند راتو ڏينه، بس بوندن کان نه ڪرين.

[٣٣]

اندر جهڙ جهور وَهي، ٻاهر بوند برسي ٻامَ
سڏاتورا سپرين، مُحِبَّ ملنم مانَ
مٿي جن سلامَ، سي اوڪائين نه اکيون.

[٣٤]

اندر جهڙ جهور وهي، ٻاهر بوند برسي ٻِٽَّ
سڏاتورا سپرين، محب منهنجا مِٽَّ
لالن جني وٽ، سي اوڪائين نه اکيون.

[٣٥]

اندر جهڙ جهور وَهي، ٻاهر ڪڪر نه ڪوهه
ساريو سپرين کي، رُوح ريجهايو روهه
لالن جني لوهه، سي اوڪائين نه اکيون.

[٣٦]

اڇي وڇي ڪڪري، تي وڄَ چمڪي جيئن
مون کي پرين تيئن، سيلا پائي ساريو.

[٣٧]

وڄُون ٻارَڻَ وٽ تي، ٿيون ڪُوڪَ ڏينهائي ڪَن
مٿنهن مٿاهي ٽڪرين، جوپ نه آڏيا جن
پسو سندا تن، نئين نهوڙيا نيجهرا.

[٣٨]

سڄڻ اڳيئي سُهڻا، پيو ڪَجَلَ ٻنهُن نيڻ
تيئن رهيا رُوحَ ۾، جيئن ماکي اندر ميڻ
جي اهڙا سُوڏا سيڻ، سي مٿر اوڏا هُون اکين.

[۳۹]

سڄڻ اڳيئي سهڻا، ٻيو اکين لائي انگ
تن جون اکيون وه وراڏيون، پرون پير پتونگ
جن جو روپ ترنگ، سي مر اوڏا هُون اکين کي.

[۴۰]

سڄڻ اڳيئي سهڻا، ٻيو ويتر ڪيائون ويسَ
منهن ڳوري چنڊ جيئن، ڪارا پرينءَ ڪيسَ
جي هينئڙي منجهه هميش، سي مر اوڏا هون اکين کي.

[۴۱]

سڄڻ اڳيئي سهڻا، ٻيو ڀريائون پٽَ
نماڻا نيڻ ڪٽي، گهائي چڙهيم گهٽَ
جن جو مُلهه نه مَٽَ، سي مَتر اوڏا هُون اکين کي.

[۴۲]

سارنگ سِکي وڄ کي، وڄ وري منجهه پاڻ
اوهيرا اکين ۾، تِنَ اهائي تاڻ
وري اِنَ وتاڻ، مانَ ملنم سپرين.

[۴۳]

سارنگ سِکي وڄَ کي، وڄ وري منجهه، واءِ
ڏونگر مٿي ڏڪڙا، ان پر موريا ماءِ
هُو جي ڦوڙائي ويا، سي مانَ مِلينم سپرين.

[۴۴]

سارنگ سِکي وڄَ کي، وڄ وري منجهه کينَ
پرين پاڻ لڪائيو، تا سِکَ سنيهڙا ڏين
نيڻن سر ٽيون نين، ڏکوئيون ڏکن کي.

[۴۵]

سارنگ سِکي وڄ کي، وڄ وري منجهه، ذاته
مارُو هليا ملڪ تي، اڄ ڇڏيائون آته
دل اندر جا دانه، سا ڪُوکَ سڻايان ڪن کي.

Scanned with CamScanner

[٤٦]

سارنگ سِڪي وِڄَ کي، وِڄَ وسي وَڏراهه
سَنهَ ساريو سُورَ ڇَڙان، سڪان اندر ساهه
ماروئڙن مَٿاءِ، مانَ اوسر اوسيڙو لَٿي.

[٤٧]

سارنگ سڪي وِڄ کي، وِڄ وراڪي پَٽَ
"صادق" سونهن سڄڻ جي، تنهن جو ملهه نه مَٽَ
آءُ پرين! مون وٽ، اوسر اوسيڙو لَٿي.

[٤٨]

سحرِي سنبَهي آئيون، سارنگ ڪيو سامان
وڄ ڪڙڪو آيَ ۾ ڪاري لڳي ڪان
وسڻ ڪيو ويران، سو پسڻ ڪنان پَٽري ٿيو.

[٤٩]

سحرِيءَ سنبَهِي آئيون، جتي راتِ نه ڏينهن
منجهيئِي وسن مينهڙا، ٻاهر ٻچائي ڪيئن
وَرَ ري وُٺا جيئن، سي مون اورڻ آئيا.

[٥٠]

سي مون اورڻ آئيون، سحريون سپ چمار
ڪريو ڪارونيار، وسن ويل سيڪنهين.

[٥١]

مُدائتي مِينهَ کي، سحريون سَڏَ ڪَرين
آڻيو اوڏا ڏين، سنيهڙا سيڻن جا.

[٥٢]

سحريون سونهن سڄڻ جي، اي نه ڪڪر آيَ
آتر واوَ اڏ ڪيا، هي پريان جي حُبَ
سانه لڳو سپ، تڏهن ڪوٽ ڀڳائين ڪنگرا.

[٥٣]

سِڄريءَ چڙهيون ساهُون، پرينءَ جي پارا
آئِي مُنڌِ مِينهن جي، وِڄن ڪيا وارا
ڏيان اکين اوتارا، جي ”صادق“ ملن سُپرين.

[٥٤]

اکين آگمَ لائيا، رَتُ جئن رنائون
لوڪان لڪي ڪيتريون دل ڪيون دانهون
لتجائِي آئون، جڏهن پڏر وڏائون پريتمو.

[٥٥]

اکين آگم لائيا، سڄڻ ڏٺيون جي
ڪڏهن ڇينپيائون ڪينڪي، تنَ منهنجي تي
سيڻ منهنجا سي، جي مون ري مون کي سامهان.

[٥٦]

اکين آگمَ لائيا، ڪَڪَرَ وُٺا ڪيڻ
مارو جي هُن ملڪ ۾، سي منهنجا سيڻ
آءٌ انهن کي ڀيڻ، ڦوڙائي گڏ ٿيان.

[٥٧]

جهڙن جهمن اکيون، ڪڪر هيت ڪِيان،
ڏورايا نه ڏيان، جيئن مَ هوه جي جيڏيون.

[٥٨]

راتيان وسن وَڏَڦڙا، ڏينهان ڏکڻ ڏور
سارنگ جيئن سرتيون، تَنَ ۾ وَهي تور
جهُڙ ڦڙ ڪري جهور، مون کي مينهن ماريو.

[٥٩]

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪڪر تو ڪري
وسيو ولهارن تي خالق ڪند ڀري
پينگهارئون پري، شال مَ وڃن سپرين.

[٦٠]

اڄ بہ اتر پار ڏي، ڪَڪَرَ ڪي چوٽِي
مندائُتن مينهن جي، ڪنوڻ ناه ڪوٽي
اچين جي موٽي، تہ گڏ گذاريون ڏينهڙا.

[٦١]

اڄ بہ اتر پار ڏي، تاڙي ڪي تنوار
هارين هَرَ سنباهيا، سَرَها ٿيا سنگهار
اڄ بہ منهنجي يار، وسڻ جا ويسَ ڪيا.

[٦٢]

سَڄو صاف نہ آيري، سراسي وچان سيجَ
مُنهن چڙهيو ماڙهئين تي ڏئي واڏايون وِجَ
هينئڙا ڪَپُ مَ ڪِيجُ، سگها ملندئي سپرين.

[٦٣]

اڄ بہ اتر پار ڏي، ٻوندون ٻَرسيو پُون،
جهڙ نيڻان ڏِي نہ لهي، ڪڪر هُون نہ هون،
سي مَتَر رويو رُون، جن سدا مسافر سپرين.

[٦٤]

گهر ڪيچي، اڱڻَ ڪنديون، تا پَڪا پَٽَ سُونهن
سُرهي سيج، پاسي پرين، مر جان مينهن وسن
آلا ان ڏينهن، ويٺي سانوڻ ساريان.

[٦٥]

جيئن ڪامڻ گهُري ڪانڌ کي، تيئن مينهون گهُرن مينهن
عاشق کي اللہ اڪبر، هينئن راتو ڏينهن
تيئن سيڻن سندو نينهن، مون جهليو پليو نہ رهي.

Scanned with CamScanner

[٦٦]

ساهيڙين سين سپرين، ڪيم قول قرار
ڪامڻ ڪُوڙي نہ ٿئي، تنھنجي جا تڪرار
پرين اچي پار، تہ منهن مٿاهون مان ٿئي.

[٦٧]

ور واٽهڙو سپرين، هيڪر ٻيرو آءُ
مينهَن ماندڙا ڪيا، ٿي وڻ ساريان واءُ
آٿيئي مانَ الله، ڪانڌ منهنجي ڪنڪڙين.

[٦٨]

جانِي آيو جوھ ۾، چيٽو ڪن چٽيو
لوءِ لوءِ منجهہ ليو، هينڙو ان پرينءَ کي.

[٦٩]

ساريان سنگهارن کي، وڇڙيا ناهنيئن
هئي هئي ان ڏينهئن، هئا هيڪاندا سپرين.

[٧٠]

ساريان سنگهارن کي، ويٺي وٽائين
پيهر هن پاٽڙين، آئي آيندا آڪري.

[٧١]

وٻا وَسَ آڪري، پرديس ۾ پٽيي
اوتارا پٽي، وائيم وانديارن جا.

[٧٢]

وس ڪري وريا، چِلَ نہ چنائون
[اديون اڄ آئون،] مانَ سجاڻان سپرين.

[٧٣]

اکيون ڏُکَ ڏکوئيون، وسن کِين وسا
سيڪاھائون سِڪَ کي، ڏيئي تَنَ تنسا
ڏورين ڪنهن ڏسا، هو جو پارا سڄڻين.

[٧١٤]

*** وسن ڪين وسان، اکيون منجهه خمار
در در دائم ٿٺي، ٽاڙي جيئن ٽنوار
مانَ ملن يار، ”صادق“ سڪندين ڪي.

صدا

آهي اِيءُ اسرار، اي ماء! پسڻ مون پرين جو
١- هتجي رَهه حيرتَ ۾، ڪريين جيئن نه قرار
٢- ”نَفَختُ فِيهِ مِن رُوحِي“ آيو اِيءُ اقرار
*** ٣- تو منجهه ساهه سڄڻ جو، سُتا لَهِجُ سار
٤- وڄون ويلَ سيڪهين چمڪن ٽيون چوڏار
٥- اندر جهڙ جهور وهي، ٽاڙي جيءَ تنوار
٦- هُئڻ ناهي هن جو، هُو نه هِنتهُون ڏار
٧- ”صادق“ اِنهي سُور ۾، نيڻين ٽِمن نار.

صدا

*** ڏسڻ ۾ ٿي ڏينهن، اي ميان! هي وڻ هيڙي جا
١- سدا نه هوندا ساهه سان، ميڙائي جا مينهن
٢- ريلن ۾ رڙ پئي، ٿي هَڪَلَ سڄي شينهن
٣- آٿي اور الله سان، سُتو آهين ڪيئن
٤- ”صادق“ آهين ساعت ڪا، نيٺي نباهج نينهن.

سر سورٺ

صدا

اِيءَ پَرِ ڪَڙِي نه ڪوه، ادا تو جيئن مڱڻا
سڄ سورٺ شيخ چڙهي ڪوهه، ڪا چوهه جوهه ادا تو جيئن مڱڻا

١- وَڏي وَڏي وَهي وَڏاڻ ۾، ميان ٻوليي ٻيي نه هوهه
٢- رانئو وَهي راڏيڻ ۾، ميان رت سيڪا روهه
٣- ’وَجهتَه‘ مال نه چلي، ميان وڏو ڏيي ڏِنوهه
٤- ساڪ سنڀايو هو، ميان ’وا‘ سين وڏيندوهه.

بيت

[١]

الله جي آس ڪري، هليو هيائين
چارڻ هڏا چنگ کي جهوڙا ۽ جهائين
ڏوليي راءِ ڏياچ جي، ڏوران ڏنائين
وينتيون واحد کي تنهن دم ڪيائين
سڀاجها سائين، راءِ ريجهائيين راڳ تي.

[٢]

هلي در حبيب جي، چڙهي چورج چنگ
جهڻڪيج تيئن جهانءِ ڪري، جيئن سارنگي سنگ
راڳ تنهاري رنگ، معلوم ٿئي ملوڪ کي.

[٣]

مٿحلَ آيو منگتو، جاجڪ جنتر ڪٽي
تنبيري تنوار سين، ڪيو ڪوٽ ڪٽي
هئي هئي تند هڻيي، هاچو ڪري هليو.

[٤]

محل آيو مڱڻو، تنبيرو تاڻي
ڪري راڳ رباب سين، وڄائين ڇاڻي
وِرِهه ويو واڻي، راڻين کي راهه ڏياچ جو.

[٥]

محل آيو منگتو، اچان هلي هير
چوري ساز سُر ڪري، ڪڍي تندَ تنبير
وڇوڙي جي ويرَ، وجهنديئي واٽ ٿيو.

[٦]

* * *

محل آيو مڱڻو، ساز ڪڍي سُرندو
سِرَ جي سدا سُر ۾، گهور ڪري گهرندو
مٿهين ريءَ مٿلوڪَ جي، چارڻ نا چرندو
جهوناگڙهه جهرندو، پوندي جهانءِ جهروڪَ ۾.

[٧]

محل آيو مڱڻو، چڙهي ۾ چوڏولَ
توکي گهوٽَ گهرائيو، راجا منجهه رتولَ
پيچل توسين پول، وهائيءِ وڻَ جو.

[٨]

هاچو ڪري هليو، هئي هئي تند هڻيي
ريڏو راهه رتولَ ۾، ڏوراڻن ڏڏي
مٿهين جن مٿيي، سي ڏسيا ڏيهه ڏياچ جي.

[۹]

محل هيٺ مٿلوڪَ جي، اچي ڳاڙهي ڳالهاڙو
هنيائين سُرُ سرودُ جو، هَڻي حيرت هاڙو
داٻون، ٻاٻون، ٻانهيون، ٽمون روئن راماڻو
جنهن هيءَ سُر سيباڻو، سو مٿو ڏيندو مڱڻي.

[۱۰]

محل هيٺ مٿلوڪَ جي، ڪٺي ڳيري ڳت
سُڪو ساهم سين جو، پسي پاندپ پت
هيي جو آيو هت، سو ڪندو ڪرڳل ڪوٽ ۾.

[۱۱]

محل هيٺ مٿلوڪَ جي، اچي وائي ڪٺي وِيرَ
راس هنيائين راهه وٽ، ٽنڊن جيي تدبيرَ
سا سيباڻي سلطان ڪِي، سُرتَ منجهه سريرَ
وڍي سِرُ سڌيرَ، وڏو ٻلتهه ڀاٽ جي.

[۱۲]

پرديسان پند ڪري، سڻي آئس سوپَ
ٽِلهيا تون ٿانءُ ڪرين، ٽڪن ڏيئي ٽوپَ
ڏارت ۾ ڏوپ، سيرَ ري سنتوڪ ناهه ڪو.

[۱۳]

پرديسان پند ڪري، جهاڳي آئس جُوءِ
سا سڀ پروڙيئي خواهش هماري خُوءِ
رُخ جيهاڙي روءِ، ڏانُ تون ٿي ڏيج مون.

[۱۴]

پرديسان پند ڪري، سڻي آئس شان
سائين سڀ پروڙيئي، جا اندر منجهه انسان
منگان کهڙي مت سين، آءٌ نسورو ٿيي نادان
"شهاب الدين" چئي، سور ٽيا، غير سڀ گمانَ
سو ڏياريهون ڏان، جو طمع کي ترڪ ڪري.

[۱۵]

راجا رنگ محل ۾، جاجڪ سر زمين
هنيائين جا هٿن سان، سا سٽي بالا منجھ ٻين
تازِي ڍِھوس ٽڪڙا، جتنوهرَ پائي زِين
** پيو متنگيئي ڪين، سِرُ ڪيو سڌَ ڪري.

[۱۶]

تنَ جو سِرُ آبٽيو، ڪِين جو تندون ڇُون
تن دايون پايُون پانهيون، رَتَ سپيئي رُون
امر جو الله جو، تنهن جا پَٽهَه اچيو پُوَن
سي ڪيئن هيٺ هئُون، جن کي هٿن جو سڌُ ٿيو.

[۱۷]

چارڻ تنهنجي چنگ جو، عَجَبُ آهي اِيءَ
هٿين ٿو هٿن سين، جيئرو رَکي جيءُ
رات همارو رِيءُ، ڪاٿيو تو ڪماچَ سين.

[۱۸]

چارڻ چنگ پُرائيو، حقيقت حالا
تندوُن تنهن تنبير ۾ ٿيون وڄن وصالا
جوهرَ جمالا، ڪاملُ ڪنيا ڪيترا.

[۱۹]

چارڻَ چنگ ٻنگ هٿئي، وڄائيو وَڏاڻ
سِرَ جو هڏ احسان، پر مڱڻهار مٿي ويو.

[۲۰]

چارڻ وارڻ مڱڻو، مون کي ٿئي شرمُ
وَتُ ماڻڪَ، ٻَڌُ موڙيُون، پائيي! رُڪ پيرم
هيءَ هڏُ ۽ چرمُ، تنهن سِرُ ۾ سچن نانه ڪين؟.

[٢١]

"وَحدَهٗ لاَ شَرِيڪَ لَهٗ" اِيُ تندُن جو تانُ
ڪينهِين پيو ڪماچَ ۾، سَڀوئي "سُبحانُ"
تنهن پٽاندر ڏانُ، سِرُ ڪُڇاڙو سَچِيان.

[٢٢]

وَحدت جو وڏاڻَ ۾، تندُون چور تنبيرَ!
وِهُسي وازِيءِ قُل جيئن، هنيون منهنجو هير
واهه اچوڪِيءِ وِيرَ، جي متو لٿيوه مڱڻا.

[٢٣]

مٿي ڪارڻ مڱڻو، آيو در دَرِي
ساز ڪيائين سَوارو، پوڙِين رات پَرِي
راجا رات گهُرائيو وِهاڻيءِ وري
ڪڙڪو ڪوٺ ڪري، جهوناڳڙه جهُري پيو.

[٢٤]

ڪِنجهي، ڪيرت، ڪينرو، واڄو وِلاتِي
ڏِسندي ڏاتار کي ظاهر ٿيو ذاتِي
ڪيڏي تنهن ڪاتِي، وِڏو ڪرت ڪپارَ ۾.

[٢٥]

ڪِنجهي، ڪيرت، ڪينرو، وِلاتِي وائِي
هِتي تند حضورَ ۾، تنهن وَحدَت وڄائِي
ڏنائين ڏاتار کي ڪنهن طرح تِسلائِي
اِيءَ ڳُجهه ڳالهائِي، تي متو آندو مڱڻي.

[٢٦]

ڪِنجهي، ڪيرت، ڪينرو، جاجڪ نيو نه جُوهه
سِرُ سڀايو سُلطانَ کي سدائين صُبوحُ
هنيُون ڳنڍي منجهه هُوهه، وِڏو ڪرت ڪپار ۾.

[۲۷]

انا ٻانهي آئيُون، جاجڪَ توکي جيءَ
ڏمرج ڪهِر ڏياچ ڇٽي، الله لڳ آيئي
مٿو آهي هيءَ، سو ويهه ٻيرا مَٿر وڍيان.

[۲۸]

انا ٻانئي آئيُون، تنبيرو تون ڪالهه
ڪَٽر ڪٽهيو وچين، مٿي ڳڙهه ڳالهه
مامَ پرُوڙي آهيءَ، مون تُمهاري مَٿا.

[۲۹]

ميهين ۾ مڱڻي ڪا جا ڳالهه ڳُجهي
سا، ڏايون ٻايون ٻانهيون سوجهي ڪنهن نه سُجهي
وِيهون ٻيون وِماسَ ۾ عاقِل ويا اُجهي
هِڪ ٻيجلَ تهي ٻُجهي، ٻيي خبر هئي ڪنگهار ڪي.

[۳۰]

*** ٽهيئي ٻرتا پاڻ ۾، تتندُ، ڪٿارو ۽ ڪند
تنهن مُلهه ڏيي ناهه ڪو، جو تو ڪيو پند
'شڪرُ الحمدُ'، جو مٿو گهريئي مڱڻا.

[۳۱]

** مٿو مٿان ٿي گهوريان، مٿو تو مٿان
هيءِ هڏوئي هٿ ڪر، جاجڪَ وهلو جا
آنهيزاء اڳيا، مٿان واڇا ۾ ولهو رهين.

[۳۲]

تتندَ برابر توريان، جان مينهي سونَ ٻائي
تان آتلَ اوڏانهين وَهي، جيڏانهن ٻيجل ٻُرائي
آهو جنهن لائهي، تنهن سيرَ ۾ سنجهي ناهه ڪين.

[٣٣]

چڙهي سر چاڪرين، جان آئين منجهه مَحلَ
تان ڌُهي ڌڙ ڌار ٿيو، ڏنو سر سائل
هٿي هٿي ڪيو هارِيين ڳوڙها مٿي ڳلَ
اوتي آب اَچلَ، جهوناڳڙه جهُرِي پيو.

[٣٤]

چڙهي سر چاڪرين، آئين منجهه مڪان
تان ڌُهي ڌڙ ڌار ٿيو، ڏنو سِرُ سلطان
هٿي هٿي وَهي حيران، جهوناڳڙه جهُري پيو.

[٣٥]

چڙهي سِرُ چاڪرين، جان پَڙي آئين پيرَ
تان ڌهي ڌڙ ڌار ٿيو، سيسي ڏِني شيرَ
مارڻ ايَ نه ويرَ، مون کي مُنهوء مڱڻا.

[٣٦]

رڻ ٿيو، راڄ ڪيو، پِٽَڻ پيئي پِٽَ
اَجهاميي عالم جي سيٽ ويٺي سِيٽَ
پيئي دهشت درواڻن تي، پکا محبت مٽ
اهڙا چلايو چِٽ، ڪِ وڃي جاجُڪ جنبيو.

[٣٧]

رڻ ٿيو، راڄ ڪيو، پِٽَڻ ٿيون پِٽين
سهسين سورٺ سامهيون، آيو اوسارين
ناريون ناڏ ڪرين، ڇٿي 'راجا رات رَم ڪيو'.

[٣٨]

رڻ ٿيو، راڄ ڪيو، سورٺ ڇڏي سار
اڳيان رتُ رهلا ڪري، وڪرُ پاڻو وار
هيڪر پير پتار، وهلو واليمَ آه وري.

[٣٩]
رڻ ٿيو، راڄ ڪيو، راڙو منجهه رتولَ
دايون، ٻايون، ٻانهيون، پيشي ڪوڪ ڪتڙولَ
ڏَکُ همارو ڍول، تنهن ساڄن اڄ سِڏاريو.

[٤٠]
رڻ ٿيو، راڄ ڪيو، پنيو سيرُ پڻار
نماڻا ٿي نِگيا، موتيا مڱڻهار
سهسين صورت سيڪڙو، جي ڦريا ڦيريدار
هيُئَس جنهن آڌار، سو راجا رات رَمَ ڪيو.

[٤١]
رڻ ٿيو، راڄ ڪيو، ويٺي سونهن سين
آيون هٿن هٿڙا، گهوٽيون منجهه گهرن
ڀيون ڏيو ٻن، وڃي جاجڪ جُنبيو.

[٤٢]
سورٺ مُئي، سک ٿيو، خيما ڪنيا ڪنگهار
تنهان پوءِ مڱڻهار، ٿي سِر ڏنو ڏاتار کي.

[٤٣]
سو مالڪ، سو مڱڻو، سو راجا سو راءِ
سوئِي ڪنجهِي، سو ڪينرو، سو واڄٽ، سو واءِ
سو ئي رِجهي، سو ئي ٻُوجهي، سو ئي ساڻ صلاح
اِنَّ پتر ٻتاڻ الله، وڃيو ٿي وجُود ۾.

[٤٤]
ڪڏي تندون تيڪ مان، ٻيجل ٻُرايون
سودا چڙهي سور کي، تو وڻ ڪري وايُون
روئن ٿيون راهه ڏياچ کي ٻانهُون ۽ ٻايُون
جي مٿي ڪِڙهه ڪيايُون، تن سين جاجڪ ٻاڻ
جٽلي ويو.

[۴۵]

مَٽي چڙهي مڱڻهي، ڏِني اکين سين آچ
پيو تنواريائين تان نه، مارِي ويو مامَ سِئين.

[۴۶]

ڪنهين سڻيان ڪينرو، مَٽ موڙهيم ماءَ
پسڻ ڪنان پرِي ٿيا، سڻڻ منجهه ساءَ
نَڪي مڱي مڱڻو، نه واچڻ نه واءَ
اِيئين آهه الله، تندُن تانُ هيڪڙو.

[۴۷]

ڏسندي ڏياچ کي، مري پيو مڱڻو
*ونندو سِرُ، ”صديق“ چئي، پنهي پنڻو
ڪندو ويو پينڻو، چارڻ اِنهي چنگ سان.

[۴۸]

وَڃي تندَ وصال جي، ڪا جا تند ڪناس
*’مان مان‘ منجهه مئاس، آوازُ ’اَنَاالحق‘ جو.

[۴۹]

’بِين‘ وڄائي ’ڪينرَ‘، تندَ تنواري جا
سالِڪ سمجهه تنهن کي، جا ڪهڙي تو ڪل ڪا
سِيسيءَ گهورَ نه سا، هُو تان مڱي کي پِيو.

[۵۰]

چِتلُ نه چارڻ تو ڏيان، پره پٽولو ايڪ
آهين وڏو نيڪ، مينٿ مَڃُ تون مڱڻا.

[۵۱]

✓ چِتلُ نه چارڻ تو ڏيان، پره پٽولو ڏيڍ
آهين وڏو ڏيڍ، جي منٿ نه مڃئي مڱڻا.

[۵۲]

چل تہ چارڻ تو ڏيان، پرھ پٽولا ٽي
تازي طنبيلن مان، جي ڪپنئي سي ني
مُحِبَّ منھنجي ڪي، مٿو گھورَ مَ مڱڻا.

[۵۳]

چل تہ چارڻ تو ڏيان، پرھ پٽولا چار
وٽ ماڙيڪَ ٻنڌ مُوڙيون، تون پٽتَ اڱين جي پار
راڻيون ڪيمَ رُئار، منٿ مچي آتُ مڱڻا.

[۵۴]

چل تہ چارڻ تو ڏيان، پرھ پٽولا پنج
تازي طويلن ۾، ٻيا سونا مٿن سنجَ
ھيي جو منھنجي ھنج، تنھن کي مٿو گھورَ مَ مڱڻا.

[۵۵]

سورَٺَ مڱڻھار کي، جالَ پري جانھا
اسين ٻوجل آھيون، تنھنجا ٿيي پانھا
** ڇڏ طمع جا طعنا، نہ تہ مريو پوان ٿيي مڱڻا.

[۵۶]

ڏنو سِرُ ڏِڪَ تي، تنھن راجا رُوءِ راءِ
حال حُسيني آئيو، تنھن مانجھيءَ مرد متاءِ
شھر شھادت رسيو، پيڙھيين پاتشاھ
مھائيين مُلاءِ،** ڏِنئين سر صدقو ڪري.

[۵۷]

** ڏنو سِرُ ڏِڪَ تي، تنھن صوفين جي سردار
ڳائي ڳالھائيو ٿيو، ڏريائون سِرُ ڏار
تنھن جيي ڪير ڪري ڪُوار، جو ڪلمي
سان ڪاٽيو.

[۵۸]

پوئين رات پرڀات جو، جا چارڻ ڪئي چانگار
ڏائي دروازي ڪوٽ جي، چوري تند تنوار
مڱي نه مڱڻهار، وَئي نه سِرُ، ”صديق“ چئي.

[۵۹]

پوئين رات پرڀات جو، ڪڙڪو پيو منجهه ڪوٽ
چارڻ تندون چوريون، چڙهي مٿي چوٽ
گهايا گهڻا گهوٽ، سٿندي سِر، ”صديق“ چئي.

[٦۰]

ڪنجهيون نه ڪينرا، اهي هاتفي هُل
مٿا ڪن ٿا مُل، صوفين جا ”صديق“ چئي.

[٦۱]

ڪنجهيُون نه ڪينرا، هي هنگاما هُوءِ
اچي ٿيو روبروءِ، صبوح جو، ”صديق“ چئي.

صدا

هيجان تن هٿي، اي ووه ووءِ جو پٽهه چارڻ چوريو
۱- ريڏو راءِ رتول م، ميان ڏوراٺن ڏٺي
۲- مٿو مڱڻهار کي، ميان ڏنو خاص کٿي
۳- ڏِکِي ڏاتارن کي، ميان مٿاهي جن مٿي.

صدا

آهيان راءِ ڏياچ جي، اي مون الله، اي مون الله،
ٻئي کي سِرُ نه نائيان.

صدا

اي هو ڳُڙهه سين ڪريان نه ڳالهه، وهان ڪيئن ولتها
آءٌ جا هڙي حال، اي چارڻ چانگاري چانگاري
۱- مون تنهنجو اڳهين ڪيو هي سِرُ سينگاري سينگاري
جي تون ٻولي ٻي نه ٻولين ته ٻوي سِرُ قبول....

صدا

اي هو عجب ٽيڪيي تار، ٽيڪيي تار

۱- ڪوڙيين ڪٺڙي ڪيترا، سهسين سورهه دار سورهه دار
۲- وليءَ ۾ واصل گهڻو، جي عاقل عقلدار، عاقل عقلدار
۳- ’انّاالحق‘ آنهيئي ڪٿهين، تون تون ڪئي تنوار ڪئي تنوار
۴- جيئن بازيگر بازيءَ ۾ پڌرا ڪري پار ڪري پار
۵- ڪُهي جهاري پنهنجو، جي هوئيس ٻالڪ ٻار ٻالڪ ٻار
۶- تيئن عاشق، اهوئي اڳيون، تو ڪُسي وارو وار وارو وار
۷- سڀ تي، ”صادق“ هيڪڙو، تو ڪُٺو ڪهٺار ڪهٺار.

سُر ڪيڏارو

صدا

متان موٽين ڪانڌ، ڪو پاھون پير ڏيئي
١- سڏا سدا سائڻين، واه واه جھولي جھمين پانڌ
٢- جيئڻ ٿورا ڏينھڙا، واه واه ڪجن وڏا پانڌ.

بيت

[١]

چڙھيا شاه حسينَ سين، مرد متارا ميرَ
واڳيا سي ويرڻين، تڪيو ھڻن تيرَ
ڦِريا تان نه فقيرَ، آمر منجھه آئي ويا.

[٢]

حسنَ مير حسينَ جي، جنگ ٻڌي جڳ جالَ
ڪٽيبرَ ڪانَ ڪٽارا، تيغ ترارين تالَ
سانگين ساذوڻ مينھن جيئن، مٿن ڪيا مثالَ
قتل ڪڙڪو ڪربلا ۾، لائي آيا لالَ
ڪوڏيا ساڻ ڪمالَ، شير شھادتَ رسيا.

[٣]

حسن مير حسين جي، جنگ سٺي سين
چوڏس رُڪ چمڪيو، مٿي متلوڪن
وڙنڪا ويرين سامھان، ھاڪاريو ھڻن
مانجھي ڏان نه مڙن، جان جان رڻ نه رڱيو.

[٤]

حسن مير حسين جي، سڀئي جنگ جتهان،
آتا اوهيرا ڪري، ڪارين پڪين ڪان،
بندوقون نه، بان، مانجهين جهليا منهن تي.

[٥]

مانجهي منهن نه موڙيو، پٽسي پڪڙيون
رڻ رتائين رُڪ سين، موڙي مُڇڙيون
تنهن وير وکڙيون، ڪانڌ وڌندي پاتيون.

[٦]

ڪانڌ ڪلورين ڪپرين، ور وناهيو آهه
جت سيلهن جي سڙهه وهي، تيت پير وڌندو پاهه
تان تان پيو م لاهه، جان جان ڏونڌين نه چڙهين.

[٧]

امچريا مُنهه مانهين، پچريا پاونگ
فوجن فيل سنباهيا، تازين ڪنديين تنگ
هٿن پڙ پيڙن ڪي، بڙڇا ڪوڙيو پينگ
ڪلها، ڪنڌ، ڪرنگ، جهرن جهونجهارن جا.

[٨]

جهونجهارڪي ذات جو، جان پير پروڙيو مون
ته اچن عراقين تي، پڙ پيريندا پيون
ور م ويسر تون، متان اٿيارن جٿن اڙ پوهه.

[٩]

ڪو ڪنهن جا نه سٺي، سانگين وچان سڏ
رڻ ۾ رتولن جا، پيا هارجي هڏ
جتي مڙن مڏ، آتهي جنگن جيئڻ جو ڪو ٿهي.

[١٠]

جيئڻ تورا ڏينهڙا، گهوڙن ۾ گهوٽن
ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن واهي رڻ جا.

[١١]

ڏاڙهي ڏاڙهونءَ گُلَ جيئن، منجهان رَتَ رتياس
سونهين چوڏهينءَ چنڊ جيئن، پِرِڙَ ۾ پاڳيڙياس
پِرِڙَ ۾ پار ڪٽيو، مَر مرڪي ماڻيڙياس
نيڙا نند ٿياس، گهوڙن گهوٽ وَناهيو.

[١٢]

** تڪر مٿي نيريين، آيا اجاريين
سانگيئون سائون هٿ ۾، ڪلهئون نه لاهيين
آيائي آهين، مانجهين مرڻ مَتَن ۾.

[١٣]

ڪُٽانءِ هيٺ نه ڪوڙيا، پاڪ جنين جا پيرَ
سي تفنگ ترارين تکيا، ڇٽيو پٽون ڇڪيرَ
ديوند ٽنڊي جا ڏيرَ، ڳجهڙين ڳيري لائيا.

[١٤]

ويٺي ڳجهن ڳاڙيا، ڏنجها ڏک گهٽا
ٽنگي لٽين ٽوُڻ جي، جو سورهه ساماٽا
ڪندا راماٽا، ڪؤنر ڪيلهي جا ڪوڏيا.

[١٥]

ڪؤنرَ ڪيلهي جا ڪوڏيا، تون جاڻڪين تو جهڙين
اڙين مٿاهي آسري، تون رُڪَ پيالو پيئين
ڳاهه ڳجهين جو ٿيين، ويٺي جن وَرِهه ٿيا.

[١٦]

تارا تاڻ مَ ڳجهڙي، جيئُون ڪڍي مَ ڪاهَ
رڻ ۾ رُڪَ رهائيا، رهگذرا راهَ
ملوڪن مٿاءِ، پاڻان ڪِهه نه ڇنڊيين.

[١٧]

تيئن ڪِجھڙيءَ رڻُ چانئيو، جيئن چِتِرَ
منجھ پَٽَھُون
وَڻڪا ويڙين سامُھان، ٻوڙيو ڏين ٻھون
جھونجھارن وَھون، نيرُ مھانگو ڪنديون.

[١٨]

جھوليون جھونجھارن جون، جھمنديون اچن
پائيو پُڪَ پُھارَ جا، آن جون وھون واڪا ڪنَ
پٽيو پار ڪين، چئي رڻُ متو، راڙھو ٿيو.

[١٩]

رڻ متو، راڙھو ٿيو، رٿي نہ ڏسجي سيجُ
مرد مرندا آجُ، جوڀن پاند جھرڪيو.

[٢٠]

پاڪَ ڦڙڪو جو ھٿي، ڪٽاريءَ جھُوڙو
تنھن وَرَ ڏيان پانھنڙي، مر رَچي چُوڙو
سائُو سو پورو، پکن منجھان جو پَري.

[٢١]

مَرَ مَرين، آءٌ روئين، تون موٽيي ڪاندَ مَ آءُ
اکيي ھٿي چانوَ تنھنجي، آسُ قبولي مان
آءٌ پڻ پين سان، پورھيو ڪري پَرنديي.

[٢٢]

پاڪَ ڦڙڪو جو ھٿي، ٻڌي ٻہ پاڳون
اکين جون آڳون، ڪاندَ ڪَرَھي لاٿيون.

[٢٣]

مر مَرين، آءٌ روئين، تون موٽيي آجُ مَ ڪاندَ
ڪڄن وڏا پاند، جيئن ٿورا ڏينھڙا.

Scanned with CamScanner

[۲۴]

ماءُ هماري ڪنت جي، اڙين سر اوطاق
تنهن کي مُنهن ۾ مصرين جا، سدا چڪن چاڪ
جيئڻ جن فراق، مرڻ تن مشاهدو.

[۲۵]

سُورهن ڇهو سڄ کي، آٿهي ڪر مَ اوٽر
سُڄهنديئي سائوٽن جا، پيڙ ۾ ڏسون پير
ڇتڙين جت ڇڳير، آت ڪانئر ايو ڪڪ ڇتري.

[۲۶]

دُلدُل آيو سڪڻو، ڏوران ڏٺائون
بيبيءَ کي بيبانَ ۾ اچي خبر ڏنائون
چئي: شمر شهادت رسيا پيڙ اتهي لاٿون
مڃي رضائون، داخل ٿيا دين ۾.

[۲۷]

رَسيو رُڪائين ۾، جهڙ جهُوڙو جهم جهيرَ
ڪڪيُون ڪَپارن ۾ چمڪيو پاڻ چيرَ
ماءُ هماري مير، مانجهيءَ مشاهدا ڪيا.

[۲۸]

رسيو رڪائين ۾، جهڙ جهوڙو جهم جهٽڪ"
ڪڪيون ڪپارن ۾، چمڪيو پائين چڪ"
ماءُ هماري حق"، مانجهيءَ مشاهدا ڪيا.

[۲۹]

رسيو رڪائين ۾، جهڙ جهُوڙو جهم جهور
ڪڪيون ڪپارن ۾، ڪيرائين ڪنگور
ماءُ هماري مور، مانجهيءَ مشاهدا ڪيا.

Scanned with CamScanner

[۳۰]

رتيو رڪائڻن ۾، ڪرن جت ڪنگور
گهاء جهاڳيندي گهٽَ ۾، مرڪن مانجهي مور
اٿيارا اتور، هاڪيو هڻن هاٿين.

[۳۱]

ڪلهي وير ڪتڪ ۾، ڀاڪر جو ڀائي
تنهن کي جيئڻ سندو آسرو آهي
مٽر سورهيه سو چائي، جو رُڳوئي رڻَ گهيڙي.

[۳۲]

* ڪلي وير ڪتڪ ۾، متلهي جي نه مٽرَن
سي ڪنڌَ، ڪتارا، ڪاتيون، ڪيرا ڪوهه ڪٽن
سونپيا تا سٿهن، سندا مانجهين مهٽا.

[۳۳]

هٿُ ڏائي، هٿُ جيٺي، هٿ، هٿندن سوپ
جتڙي چڏيو لوپ، رڻ تني جو ڪوڏيو.
لاکيه

[۳۴]

هٿُ ڏائي، هٿ جيڏڙي، هٿ، هٿندن حال
مار مهنديان، پٽل پوئيان، وڙهج وڏُ وصال
ڪنجهين پوندي ڳالهه، صباح سورهيه تنهنجي.

[۳۵]

نائي جو نفسَ کي، سورهيه آهي سو
ڪلي وير نه ڪاهڻو، چمي آو نه چوهه
مانجهي ماري توه، تحمّل جي تيغ سان.

[۳۶]

* * * ساڻو مرين سوپ کي، ته آڏي ڏال مَ ڏار
وڙهه ڀالين، ڀڃو ڀاڪرين، ترس مَ ڀتسي تارَ
مٿي تيغ ترار، مار ته متارو ٿيين.

[۳۷]

ساهُو مَرِين سوپَ ڪي، تہ جنگ جيءَ سين جوڙ
** آرڻ تيغ عشق جي، تون مرڻ ڪاڻ مَ موڙ
خواب خيال خطرا، وڃاءِ سڀ واڍوڙ
ناجي نفس نهوڙ، تہ راز پروڙين رڻ جو.

[۳۸]

** ساهو مريِن سوپ ڪي، تہ جنگ جيءَ سين لاءِ
آرڻ تيغ عشق جي، واڳون تي وَهاءِ
اِن پر تنهنجو آهہ، پيڙُ پنجاهين وچ ۾.

[۳۹]

** ساهو مرين سوپَ ڪي، تہ ڀاڱون رَڪَ مَ ڀير
مَتَنَ مدّعي منجهيان، واڳون پايو وير
اڇي اَبتهہ آرڻ ۾، ٻَري ٻاليِن ٻير
اِن پر نفس نبير، جا تو ڪترَهہ ڪپار ۾.

[۴۰]

وڙهيا، وڳيا، واپريا، سي صوفي شهرَ
واڳون وڏي آئيا، مانجهي مَتلّ مَتيرَ
مسافر ميدان ۾ چڙهيا گهٽا چڱيرَ
پيڙَ ۾ ڪوڙي پيرَ، سِرَ ڏناءُون صدقا.

[۴۱]

ڪٽڪَ وڍ ڪلي ۾، هتي جي حسن هو
تہ ٻيڙو ٻيٽرو ٻاءِ تان، هوند ٻتمگن جيئن ٻيو
ڪندو ڪهر ٻيو، حملو مهر حُسين سين.

[۴۲]

مون جهڙيندي ڇڏيا، ڪاري ڪَڪَر هيٺ
ڪارا ڪنڌَ هٿن ۾، ٻيا آنند وچيرا هيٺ
مون ڪا ٿيڏي ڏيٺ، ساهُن جي سردار سين.

[۱۹۳]

مُحرم موٽيي آئيو، آئيا تان نہ اِمامَ
مديني جا چامَ، ڏاتر مون ڏيکارئين.

[۱۹۴]

مُحرم موٽيي آئيو، آيا تان نہ امير
مديني جا مير، ڏاتر مون ڏيکارئين.

[۱۴۵]

ماءُ چيو پُٽَ کي، آءٌ نہ تنهنجي ماءُ
جيت سيلهن سيڙهہ وهي، اَتِ وِکَ وڌندي ڀاءُ
آءٌ بہ ٻين گهاءُ، پورهيو ڪندس پاڻ لئي.

[۱۴٦]

گهائي گهوڙو گهوٽَ جو، رَتَ ۾ رَتائون
آئي آلَ رَسُولَ جا رڻ ۾ ڪُٺائون
مُفت مُٺائون، ٻيبيءَ کي ٻچيانَ ۾.

[۱۴۷]

خالي گهوڙو گهوٽ جو، هليو ڏانهن حرمن
جهنبا جهُليي آئيا، مٿي سير مردن
شاهہ ويرين ويڙهيو، پالا ٿا پڙڪن
ڪٽا ٿا ڪُهنَ، حَملو مير حُسين جو.

[۱۴۸]

اولاد عَليي شير جو، ڪوفين ڪوٺايو
دغا رکي دل ۾، تہي رڻَ ۾ ولايو
جهيڙو جهونجهارن تي اوچتو آيو
ڏين ڏهي دنيا تي وليهن وڃايو
ڪُٺن کهايو، حملو مير حُسين جو.

[٤٩]

ڪاهيائون ڪربلا ڏي، گهڙيا منجهه گهمسان
آيا اوهيرا ڪري، ڦهڙي وُتا ڪانَ
گوڙيون گُرزن ڪيون، نيمه ڪوڙيائون نيشان
ڏاڍو امرُ الله جو، ڪنهن جي ٽلي ڪان
آئي سامهان تيا سلطان، سر ڏنائون صدقو.

[٥٠]

ڪاهيائون ڪربلا ڏي، گهڙيا منجهيئي گهوٽَ
اچي ويرين ويڙهيا، ڪوفين ڀڳا ڪوٽَ
ڀالن پڙڪارا ڪيا، چڙهيا نيزن چوٽَ
هئا امتَ جي اوٽ، شير شهادت رسيا.

[٥١]

وڙهيا، وڪيا، واپريا، آتلَ آئيارا
اچي آڱبارن تي ويرين ڪيا وارا
تيلهان وها نڪري، جيلهان هئا ٻه پارا
انهيءَ پر آنارا، ڪيا پرڏيهين پڙَ ۾.

[٥٢]

وڙهيا، وڪيا، واپريا، جهيڙي جهوڪَ ڏٿي
امرُ ساڻ الله جي، اونچي ڪيائون آٿي
رضا جا رحمان جي، سڌا واحد ڪي وٿي
ڪاهوڙي ڪٿي، وها گذاري ڏينهڙا.

[٥٣]

ٻيجي تي ٻيجانَ ۾، آيي ٻاڪاري
گهوٽَ گهڙيا گهمسان ۾، سي ڏاترُ ڏيکاري
لڳي جنگ، يتيم ٿئي، هنيائون هاڪاري
مير ٻه سينگاري، مانجهي گهڙيا منجَ ۾.

[٥٤]

مانجهي گهڙيا مَچَّ ۾، سي ڪوڏيا موٽن ڪين
ڏسيو آلِ اولاد جي، هٿن راتو ڏينهن
سي ڪيلو پڇن ڪين، جي ڪاهي آيا ڪربلا ۾.

[٥٥]

آڻي ڪربلا ۾، خيمان ڪوڙيائون
ڏسي رضا ربَّ جي، مُنهن نه موڙيائون
لالَ لٿي لائون، ٿيا مسافر ميدان ۾.

[٥٦]

مسافر ميدان ۾، واڪو وهي ووء
نه تخت هٽ تاراج ٿيو، آئي بيبي روء
ميرَ مديني جا ڏٺي، لڏي هليا لوء
آهون عالم ٿي ڪيون، رَتُ سيڪو روء
تنهان ٿيو پوء، ماتم سڀ مُلڪَ ۾.

صدا

* هلي ڏسي ڪو رنگ، ڏسي رنگ مردن جو ميدان ۾
١- جهُڙ ۾ جهونجهارن جا، واه واه پيرن رتا پُنگ
٢- هٿي ڪَنڌَ ٻڇيون، واه واه لال رتائون لُنگ
**٣- مانجهي مرڻ من ۾، واه واه آيا گهُرَن رُنگ.

صدا

ڪانڌڙي ڪي ڪوڏ منجهان ڪوڏ منجهان،
هلي هار ٻڌائون هيج منجهان
١- مٿان پوئيم رات وچان، هو اچي اچي ڪانڌ ڪڪوريو.

صدا

مور نه سُڪڙيون، سدا آليون اکيون
١- پترَ ۾ پسن پرينءَ کي، او لوڪان لِڪڙيون
٢- اُوسيڙي اوجاڳيون او سڄڻَ سيڪڙيون
٣- ڏين طهورا تڙ تان، او تڪيو تڪڙيون
٤- تان پڇن نه ڏِن جون او هتڏهين هڪڙيون
٥- ”صادق“ وَهَن سُور ڪان او هي نينه نِڪڙيون.

صدا

پُنا جوڀن ڏينهن، چڏ آسانيا اکيان،
اي واه واه طعنا جهل مَ تيئن، چڏ آسانيا اکيان
١- هردم ڪاهه قلعي ڏي، واه واه هلي مرج هيئن
٢- روُنشو رڪ وَهي رڻ ۾، واه واه جيري جيءَ جيئن
٣- مانجهي ميڙيا مَچَ تي، واه واه ڪانئر اڇن ڪيئن
٤- مرڻان اڳي مَرُ تون، واه واه آيو آچ مَ ايئن
٥- ”صادق“ سوريءَ سامهان، واه واه چڙهيا نيزي نينهن.

صدا

جو تو ڪُٺو ڪَلهه، آءٌ اهوئي آهيان
١- مون کي ڪُهيو ڪانئين، واه واه منهنجي لاهئين کَلَ
٢- مون کي چاڙهيو سوريءَ تي، واه واه سامهان ڪيئي سَلَ
٣- ڪَڏهن ڪَرتُ ڪپار ۾، واه واه ڪڏهن جيئري جَلَ
٤- ڳچهو ڪانئي منهن ۾، واه واه پڌري ڪيئي پَتَلَ
٥- ميرَ وڏائيئي ”صادقين“، واه واه هُو جي مانجهي مَتَلَ.

Scanned with CamScanner

سُر سويڙو

بيت

[١]

ڪڙڪو ڪربلا جو، ڪيي جو ڪَنن پيون،
تيئن مرڻ انهيءَ ماڳ تي پلڪان پلڪ ٿيون،
جيئڻ جال ٿيون، جي شهودا شهيد ٿيا.

[٢]

ڪڙڪو ڪربلا ۾، چوئين پٽهر پيو
سُورِهيه سچيءَ رات ۾ قتل تي ڪيو
آيرِي سڄُ ويو، سائُوئن تان شهود جو.

[٣]

ڪربلا ۾ ڪُوڪَ ٿي، هٽو ۾ هٽو
اڇي اڪبرَ جنگ ۾، مَنجهئين منجهه مَٽو
”صادق“ ٻڌو سنڌرو، آمُر منجهه اڙو
واڪيا ٿي وٺو، سائُوئن جي سردار کي.

[٤]

ڪانڌ ڪَڪورئين ڪُپرِهين، وَرُ وناهيو روهه
پرين ڪنان پوهه، متان ڏِڪ نه چڙهين کهوڙيا.

[٥]

سورِهيه جاوَن ڦِر آوَن، هينهين نه هونديام
سيسي ڀَتَ پونديام، نُونڌ نچندِي ڪنڌهين. * *

●

سر شينه ڪيڏارو

صدا

ويندي وندر سينءَ وندر سونءَ، او آهيم وَوَڙَ وَرَنَ جي
۱- ڏنم ڳتيسَ مَتِيَنِ جا، او ماءُ موتان آءٌ ڪيئن موٽان ڪيئن
۲- پنهنجي ساٿ نه ڇڏيان، او آءٌ رڙهان راتو ڏينهن راتو ڏينهن.

بيت

[۱]

تَتَري چوٽيءَ ڦَرِي موٽيءَ، ڪيهر موٽو پاڻ ✓
ڳتجي نه گينور هٿي، پيا مرون سڀ آساڻ
پَٽس پاپُوهي پيڙَ ۾، آيو ڪنهن اهڃاڻ
ڪنيسر ڪره ڪپار ۾، پير نه موڙي پاڻ
هاٿي هِمتَ ساڻ، تو پچاڙهو پُرزا ڪري.

[۲]

هٿي هٿ هاٿيءَ ڪي، اِي ڪيسر جو ڪم ✓
سهسين واگهوئين ويڙهيو، ته به ڌهليو ڪنهن نه دم
ڪيهي وير قدَم، ڪوڙي پر ڪٿهي نهين.

[۳]

هٿي هٿ هاٿيءَ ڪي، اي ڪيسر جي ڪار ✓
سهسين واگهوئين ويڙهيو، نانجهو تان مَ نهار
ڪيهي وير قرار، ان ڪلي ڪانڌرو.

[۴]

جُڻه هاٿيءَ جو هڏُ ڳهرين، ته ڪيسر ڪوڙيءَ لڳ ✓
پيسي وڏو وَڳ، جُنبيو جم جُهارئين.

[۵]

سهسين مڙيو سيارڙا، جانڪي جنبيو جاڳر ڪن
ڪيسر ڪن نه اُڏڪي، ڏاءُ نه ڏچي تن.

[٦]

ٻيڳا واگهه، ٻٽو ٽيو، ٽيٽا ڏني ڏاڙَهه
ڪيسر ڪنڌُ اُپاڙيو ته مروڙن ڪا مُهاڙَ.

[٧]

گُرڙ مري غذا ڪي، ماريو هاٿي گهاءَ
سمرٿ ڇهنج سمنڊ ۾، ٻي ڪيٿهين نه جاءِ
جِت پڪال پاءِ، آني مجالَ ناهِه مِرُن جي.

[٨]

وَچوڙهو واگهه هٿي، ٻيڳا نه ٻاري
وس جي ويڙين ۾، مرون سي ماري
آيو ٻتَرَ ٻاري، ڪار پنهنجي ڪُڏ جي.

[٩]

وچوڙيو واگهه هٿي، ٻيڳا نه ٻيري
ڪيسر سهي ڪيري، جي گُهتر گينور گِرجيا.

[١٠]

ٻِٽو ٻاپان وِترو، ڪنڌُ ڪهتر جو ٻُس
ڪلي وبر نه ڪانڌهرو، ذات شينهان جيءُ جنس
جِت ٿهي دامن دس، آتِ آرڻ مٿي آڪرو.

[١١]

ڪيسريا! تم ڪيا جانو، جُهه ڪُڏ هماري ڪار
آدها ٽوٽا گِر ٻتيين مانهين، آدها گينور مار.

[١٢]

جي ڪيسر ڪاوڙيو، ته هاٿيءَ ٻتيي هڏ
آيو ڪري سڏ، ته ڪو آچي آرڻ آبتهي.

Scanned with CamScanner

[١٣]

آرڻ مٿي آڪرو، ٿو گجهي گوڙيون ڏي
ڊائو تہ ڪيريا ڪري، ٻڪيو ڀاڀوهي
سائي جُوءِ مڇي، جت سيلن جي سِرهَتَ وهي.

[١٤]

آئِيئي تہ آڪرو، جي ڪمي تہ ڪانڌ
هٽي ڪنيرَ هٿَ سين، رهي نہ راڳڻ راند
سامهون سيلن پاند، ڀاڀوهيو پيرَ ڪٽي.

[١٥]

ڳئُو ماريو ڳر چڙهي، ڳر چڙهيو ڳئُو ڪاءِ
ڪيهر پٽلاڙي جي سهي، تہ لونءِ لونءِ لک وڪاءِ.

[١٦]

ڪيهر قصد ڪباب سين، پَرَ ماريو نہ ڪاءِ
هيڻن تان هٿُ نہ هڻي، ٿو گهُڻديارا گهاءِ
آيو تڙ واجهاءِ، مانَ ڪو مون گهر ميڙيين.

[١٧]

لِڪي جهُڪي لئي ڪري، ٿو لڪي ڪارڻ لوپ
مينهان پُڇي سوپ، جيئن هٿ نہ هٽي هوريين.

صدا

ٿڪي ڪَترِ مَ ٿوپ، اي ڪَترِ مَ ٿوپ، اي اچا پرينءِ پيرَ پري ٿيا.
١- وِڇائي مَتِ تنهنجي او لاڳاپي ۽ لوپ ۽ لوپ
٢- وِڇائج وجود ڪي او گهٽي ڪري ڪوچ ڪري ڪوچ.

صدا

مون ڪي پاڏان ٿو سونهاءِ رَبُ سونهائي، سي واٽون جي وندر جون
١- ڇڏي ويٺم ڇپرين، هاڻي ڏونگر ڏورڻ ٿو جڳائي ٿو جڳائي
٢- ڇڪي پُران ڇپرين، آهٔ نيلان ٿو لائي ٿو لائي.

●

سر ڪاهوڙي

صدا

** پاڻ ڪنان پڇهي، عجب ۾ عجائب ٿيا
١- سُڪ نہ سُتا ساڻيه ۾، او ويٺا نہ ويهي
٢- نڪي اورين اورهان، نہ ڪي پتن پرئيي
٣- ڪاتب اِنَ ڪتاب ۾، او اکر آهوئي
٤- لکڻ واري لکيو، او پرک ڪنهن پيئي
٥- لکي لوڪ نہ سگهيا، او نِستنگ ويا نيهي
٦- ”صادق“ سمجهن ڳالهڙي، او هُو جي ڏيل جا ڏيهي۔

بيت

[١]

✓ ڇپرَ ۾ سنڌ ٿيو، ڪِ ڪي ڪاهوڙي؟
جتنهين جي سُئيي، ٿي هت اکهين ڳالهڙِي۔

[٢]

✓ ساجهُر ٻڌا سندرا، ڪاهوڙين ڪٺيي
لنگهيندي لڪنِ سين، ڪياءٌ پاڻ پٺيي
ڏکن رِڌيل هٺيي، وڃي ڇه ڇُٽائون ڇپرين۔

[٣]

** جان مون ڪاهوڙي پڇيا، تان گهٽرِ نہ گهارين
واحد لئي ولن سين، روبو رَتُ هارين
گوندر گذارين، تن ڏوٽين ڏک ڏي نہ لهي۔

[٤]

جان مون ڪاهوڙي پُڇيا، تان ويهي نه وسامن
ڏينهن تتي ڏونگر ۾، ڪارڻ قُوت ڪڙهن
✓ جهنگن ۾ جهڳڪن، ڏوٿي ڏُٿَ گڏ ٿيا.

[٥]

ڏينهاڻي منجهه ڏونگرين، ڏوٿيي ڪارڻ ڏُٿَ
✓ تن کي ڪهڙا سُکَ، جن پاريو مَچُ مَٿن تي.

[٦]

سُکا سَنڌَ ڪڇن ۾، ڪرڪڻان پيرين
ٿيمَندي نيهڻين، آن کي ويندا گڏيا؟

[٧]

سُکا سَنڌَ ڪڇن ۾، ڪُرن نه ڪرڪاڻ
پَنڌَ پراهين هليا، جُنبيا نه جاباڻ
✓ ڪاهوڙين اهڃاڻ، انگ نه سڃي اڳڙي.

[٨]

✓ انگ نه سڃي اڳڙي، لانگوٽِي نه لِنگ
ٻُوري مَٿي ٻينگ، پَرو پهڻُن پٽَ جو.

[٩]

✓ انگ نه سڃي اڳڙي، لانگوٽي نه لِڪَ
ڏُکَ گذارڻ ڏينهڙا، ڏوٿين آهي ڏِڪَ
چِتُر ڪري وِڪَ، او پاٿاٽي پراهان ويا.

[١٠]

** ڪاهوڙيڪي پَنڌَ ۾، راتو ڏينهان رَمَ
چيني سُکن سَنگَ، ڏُور ته پَسين پرينءَ کي.

[١١]

✓ ڪاهوڙيڪي پَنڌَ ۾، راتو ڏينهان ڏُکَ
ساٿيڻُن سُمَهي سُکَ، ڪيو نه ڪَٿر جيترو.

Scanned with CamScanner

[۱۲]

آڳَنِ ڪاهوڙين جي، تون وَنءُ ويهي آءُ
جوش ڏنائون جيءَ کي لڪائي لوڪاءُ
ڏوٿين ڪنهن ڏڪاءِ، سُمهي سُکُ نه ماڻيو.

[۱۳]

ڏونگر ڏورڻ ڏکڙو، جيڪو ڏُک ڪري
ڇپر ڪَنِ نه ڏئي، سڪڙين سُتين کي.

[۱۴]

مٿي ڏونگر چوٽيين، ڪاهوڙي ڪِنءُ ڪَنَ
ڪَمُل آهي تن، سپيرين جي ڳالهڙي.

[۱۵]

سپيريان جي ڳالهڙي، ڪَمتر ڪي پُجهن
عقُل اوچُون ٿيو، مُنجهيو مُنهن وڃن
تيائين قليلن، ٿي ڳالهه پروڙي ڳُجهه جي.

[۱٦]

سُپيريان جي ڳالهڙي، لکين ڏَليلين
لکيي لوڪُ نه سگهي پُڄي خليلين
تيانءُ ٿي قليلين، ٿي ڳالهه پروڙي ڳُجهه جي.

[۱۷]

ڪاهوڙي ڪيڙين سا، جا آڳاهين جُوءِ
تنهين منجهان آيري ڪا ڳُجهه ڳُجهان ٿي بُوءِ
پيٽا تنهين ڪوءِ، جِت پُهت پُروجهه ناهه ڪا. * *

[۱۸]

جا جُوءِ پُڌري نه سُڻي، ڏوٿيي سا ڏورين
پاسا مٿي پاهڻين ڪِلن ۴ ڪوڙين
وَڃيو تيتِ وَوڙين، جت نهايت ناهه ڪا. * *

[١٩]

✓ آهي آءُ ڪِي آڳري، ڪاهوڙيءَ ڪِي مامَ
تن ماڻهين سَتَ سَلامَ، جن پنڌ پراهون ڏيکيو.

[٢٠]

آنءُ ڪا ڏِٺي ڏوٽيا، ڪاهوڙي ڪِي ڪيرَ
تن جا چِڀُن چِنا پير، ته بہ چاڙَهيڪو چوٽِئين.

[٢١]

* جِنِين ڏونگَرَ ڏوريا، سانُوَرَ پَٽِي پيٽ
تن ڪاهوڙين ڪِهَ هيٺ، وِڃِي پاسا ڪوڙيا.

[٢٢]

✓ ڏُهيلو وڃڻ ڏوٽيان، جِت نہ پکِيئُن جاءِ
سپيريان جي ساءِ، چڙهيو وڃن چوٽيئن.

[٢٣]

✓ سُوڙِي خبر پکنئان، ڪاهوڙين ڪرا
وڃِي جن ڪيا، متي آگڻ آهرا.

[٢٤]

* تِتِ ٽِڪي باهڙِي، جِت نہ پکِيئُن پير
اُتِ پارينڊو ڪير، پيو ڪاهوڙين ريءَ.

[٢٥]

* جِنِي پِٽِي ڏوريا، ڏونگر ۾ هاڙهو
ڏينهاڙِي ڏارو، ڪن پرانهين پنڌَ جو.

[٢٦]

✓ پيريان سندي پارَ جِي، آڪَنڊَ جن آهي
چڙهيا ڏونگر چوٽيين، ڪاهوڙي ڪاهي
سِڪ نہ سِٽا ڪڍين، ڪرڪٽان لاهي
سِڄيون ساگاهي، جهريون جهاڳي آئيا.

Scanned with CamScanner

[۲۷]
✓ متن ڊوءِ ڊسڪڙا، چگهندا اچن
تن جون ڪُتڙِيُون ڪهُ ڀُڪليون، پگهر سير پيرن
ايءَ پر ڏوتيٽڙن، جيئن مون ڏلائيندي لنگهيا.

[۲۸]
* پيرَ اُگهاڙا پنڌ ۾، ٻيي لِڱَنَ لڳيُن ڪيه
ڪنهن جنهن سندا ڏيهَ، تئن تا ٻولي ڪن ٻاجهارئين.

[۲۹]
* * ڪتني پاتو پيرهين، انَ آپرِيءَ ۾ پيرُ
سيرَ مٿهي سوٿو سٿهيي، تيئن ڪو پائهي پيرُ
آنَ پيُونءِ سندو پيرُ، ڪوڙِيتن منجهان ڪو لٿهي.

[۳۰]
* جهنگل هليا نہ ٻيليا، راهہ هليا ڦُرجن
اوجهڙ سي نہ پتوَنِ، جن ٻئي واتون ڇڏيون.

[۳۱]
* پهيرين پُرائا ڪيترا، سُڪا مُنهن سندن
سا جُوهہ ڏوري آئيا، سونهان جتِ مُنجهَنَ
تنهان پتري ڪاهوڙين، وَرَ ڏيئي وَٺَ چونديا.

[۳۲]
* نہ ڪو پسڻ پرينءَ جو، نہ ڪيي اسين پاڻ،
اونهون پنڌ الله جو، متَ منجهہِ تي هاڻ،
ان پترِ اسان ساڻ، مقابل محبوبَ ٿيا.

[۳۳]
✓ جتي سڌ سبحان، آبتيي راهہ آهي
وچي ڪو ڪاهي، ان معنيٰ ۾ مُنجهن گهڻو.

[۳۴]
★ ڦيتو ڪَر فراقَ ڪيي، وچڻ ويو وصال،
پسڻ ڪي پرينءَ جي، ڪونهي ڪو ڪمال،
هتيي ويو حال، سيوڻي سُبحان ۾.

[٣٥]

ڪاھوڙي ڪٺي ويا، ڏيئي ڏيل ڏُکن
ڪڌھن ان نه قبوليو، سندو سانگ سُکن
چِتَرَ چيهه نه ڪن، پيا "صادق" سڙن سُور ۾.

[٣٦]

"صادق" تنهن سُڃ پئين، جنهن چپر ڪونهي چيهه،
آييان آييڻ نه ٿئي، وِھان چُونِ ۾ وِيهُ
هيءُ تنهنجي جو ڏيهُ، جي عشقَ ڪٺي آڌ ڪيا.

[٣٧]

ڪُجهان ٿي ڪُجهه ٿيا، پڌر ڏيئي پيرَ
هيءَ تنهنجي جو ڏيرُ، جي ويا جلائي جانِ کي.

[٣٨]

پُٺسي پريان ڪي، آسهيون اميدون
عاشقن ڪي عيدون، انگن مٿي انگڙا.

[٣٩]

نالو نمونو جن ڪيو، "آلف" اُتِ آئي
تنهان پوءِ تائي، پهتو ڪونه پند ڪري.

[٤٠]

"آلف" ڪمان اڳي ٿيا، پرين آهي پاڻ
عاشق ان اهڃاڻ، سُڃون سوجهي آئيا.

[٤١]

سُک ۾ ٿيڄا ساٿيا، ڏوٿيا ڏٽ ڪري
اڃان پند پَري، سُپيرِيان جي سوجهه جو.

[٤٢]

نه ڪي ڏورين ڏٽ کي، ڏٽُ به ڏوٿين ساڻ
پَٽر نه سارين پاڻ، توءِ روئندي رُڃ ويا.

Scanned with CamScanner

[۴۳]

✓ کھٽو ڏورين ڏُٺَ کي، ڏُٺَ ٻہ ڏوٿين ساڻ
ڇپر وڏائون پاڻ، پَسي پريان پيچرو.

[۴۴]

✓ ڇَپَرَ پير ڏِکا ڪري، ڪاھوڙي مَ ڪيڙ
اِن وَرَ گاڏئين وڙ، آت ڏوٿين ڏُک پرائيو.

[۴۵]

ڪاميو ٻاڦَ نہ نڪري، اڃان تو منجهان
ڏوٿي ڪنهن ڏکان، ڪِهَ ماٺي ڪِهَ ٿيا.

[۴۶]

✓ جتي سُڌِ نہ ٻُڌِ ڪا، ڏورين سوئي ڏيهُ
ڪاٺي ڏِٺيَمِ ڪيهَ، ويندي ڪاھوڙين جي.

[۴۷]

✓ جتي ڪاھوڙيءَ ڪنوُ، تِتي ڏسُ نہ وَسُ
تنهان پري ڪس، ڏوٿين گھٽو ڏوريو.

[۴۸]

* آڏري ڪونہ آٿهين، جِت نہ پکين پَرُ
تنهان مٿي وَرُ، ڏوٿين ڏنو ڏُٺ جو.

[۴۹]

پيرُ ڪٺنديئن پيريئن، سٽو جاڳيو شينهن
هڪ ٽٽَن ڏينهن، ٻيو موٽن ٿين مهيٺو.

[۵۰]

پير پريان جو جيڏيُون، ڪاھوڙين ڪنيو
✓ ڇِٽو تن ڇيو، نہ وڃي مَ ورجا ساٿيا.

[۵۱]

پير مٿاھون جو ڪيو، ڪَنٽي ڪاھوڙين
آنهين ٻاھوڙين، پهچي ڪو پنڌُ ڪري.

[٥٢]

ڏوٿِي ڏوراٿي ڏيهه جي، اُونهي ڪيڙين ڪهڙَ
انهن سندا پيرَ، پڪين ڪنهن نه پروڙيا!

[٥٣]

صورت ....
تنهان پٽَري چوءِ، ڪو پريان سندو پيچرو.

[٥٤]

ڇپر ۾ ڇُٽا ٿِيي، ڏونگر جن ڏوريو
آئي تان گهوريو، ماء منهنجو جندڙو.

[٥٥]

ڏونگر جنهين ڏوريو، ڇپَرَ پير پٽي
وُجودان وڃي، سونهائون سائيه ڪي.

[٥٦]

سا مون ڏٺي جمڏيون، جا ڪاهوڙيَ ڪي ڪهيرَ
پٽَرهان وڃي پيرَ، ڇپرُ ڪيائون چاڙڪي.

[٥٧]

جيت نه نالو سڃاڻين، آتِ ويندن ويو وُجود
تينهان پوءِ سجُود، پير ڪٽي ڪيو پيرئين.

[٥٨]

سالِڪَ سچو مَ وَڃُ تون، پيلي پيو مَ ڪٺيج
تينهان پوءِ نمج، سندو پريان پيچرو.

[٥٩] گنئيج

اوٺين ڏِٺي وِٽَري، اوڪارئون آڄَ
ڪاهوڙين سڄَ، پيتي لُڪ پٽن جي.

[٦٠]

ڪُهيري اوري ٿي، آپڏي پڏائون
اُتاهين آئون، اڃان ٿي آئيو.

Scanned with CamScanner

گنجي ڏونگر گامَ جي، پيٽي جن پترڪ
واري سپ وَرَقَ، لوچي لاهوتي ٿيا.

[٦٢]

گنجي ڏونگر گام جي، جنهين پيٽي پٽي
چڏي ننڊ گهٽي، لوچي لاهوتي ٿيا.

[٦٣]

گنجي ڏونگر گامَ جي، پيٽي جن ٿيٽَ
چڏي ڪرا ڪيٽ، لوچي لاهوتي ٿيا.

صدا

ويل نه وسريو، ڏک پريان جو ڏوٿيئن

١- راتيان جاڳڻ جُڙيون، آنِ ڏينهان سُور سَريو
٢- اڳي ويا اڳڻ چڙهي، جن جو سدا! چيت چٽريو
٣- تن ڪي هٿي هٿي هاهه وَهي، آنِ ٻارڻ اِيءُ ٻَريو
٤- هينئڙو آنهي "هو" ٿيو، اوڏاهين آسريو
٥- تن پاڌان پهه پري پيو، واهيري نه وريو
٦- "صادق" سار سنگ جي، ان جو نينهن نسريو.

صدا

ساٿيا پنڌ پري، هاڙهي چپر هلبو

١- ووڙَ جا وڏڪار ڪيي، چپرَ پير ٽري
٢- وڏو سفر ساٿيين، ويندا ڏک ڏري
٣- حَلُ ڪيائون حاليا، پٽي ين ڪري
٤- پهڻ متاهان پيچرا، ڏورياٺون ڏس پري
٥- "صادق" ساٿيهه اهڙو، وَچي ڪونه وري.
وقت

صدا

ساٿي الله ڪارڻ پير پري ڏج پارانڀو هوتن کي
هو دوستن کي ادا، ادا الله ڪارڻ پير پري
١- تون ڪِي چُنيج چڱيون، وڃي انهن کي
٢- ڪارڻ جن ولاڙي، سيڻ تہ گڏيس سي
٣- نوان نياپا نينهن جا، ڏيو ڏوٿين کي
٤- سا سا منڌ سا سا منڌ، نہ پُوري پرين کي
٥- چڙهيو ڏونگر چوٽيين، نايو نيڻ ڏَري
✓٦- ڪڏهن ايندا سپرين، مون مٿان ور ڪري
٧- ٻاڀي ٻاروچن جو، اچان پنڌ پري
٨- سيڻ تنهنجا ستسُٿي، پيان ٿيا پري
✓٩- جاڳي منڌ سنجهي، ڪوہ نہ وڃين پير پري۔

●

سر ٻلاول

صدا

* تون در ٻيلي لاهِ ڪو، ٻيلا الله ري
آهه پسان پسان نُورُ نبيءَ جو
۱- خالق خاص خلقيو، هھڙو ڪونه ٻيو
۲- هن دران ڇنڊا مُورهين ماڳ نه ٻيو
۳- ڀريا تَلَّ ترائيون، اچي ٻهيءَ ٻيو.

بيت

[۱]

گهر گنگاجر جڪرو، جُڻگ ساماڻو جيتِ
تاڻي "تماچي" چمي، ونءُ طاماءُو تيتِ
گهوريو گهارِ مَ هيتَ، اوسيڙي اڻ هوندَ جي.

[۲]

پيهي پن پاتار، جيتِ گهتر گنگاجتر
وجي سُمني موري، پاسي تنهن جي پٽر
جو ايندن کي آمن چوي، هُو ڪري نيڪ نظر
ڪري لتهندئي ڪر، وياءِ ويندئي مڱتا.

[۳]

پيهي پن پاتار، جت گهر گنگاجر راهه
ڇڏ حيلا هن هند جا، تون جڪري پاسي جاءِ
ايندئي سڱن ساءِ، ويلتهتر ويندئي مڱتا.

[۴]

لکين وهن واهڙا، جيئن آڏميو اوڙاهه
سمني سرو چڪاڙيو، تو پيئي شاه گدا
راهوءَ جيي رهاڻ ۾، نه کو ڏپ نه ڏاهه
هوتياڻيي هتاءِ، ورهه به اچن واڏيا.

[۵]

ڪوهه نه جهاريين جڪرو، جو ڪامل ڪوٽ ڏٺي ✓
آڪيرج آن پار ڏي، ڪري گهر گهٽيي
خزانا ڪٺيي، ميڙي آندا مڱٽين.

[٦]

ڪوهه نه جهاريين جڪرو، جو ڪامل ڏٺيي ڪوٽ ✓
لاکيٺيي لتهر سين، گهٺا رتائين گهوٽ
آتي ڪاڻهي موٽ، جي آيا سي اگهيا.

[۷]

ڪوهه نه جهاريين جڪرو، جنهن ڏيهه ڏيا ڏٺيي
انگ آگهاڙا جيي هٿا، سالن ۾ سيٺي
ويلهه تني ويٺيي، جن گنگا جر گڏيو.

[۸]

ڪوهه نه جهاريين جڪرو، جو نرمل نينهن ڪري ✓
پوڄ پياري پٿيڙا، منجهان سڪ ستري
تن کي سڏ ڪري، جي پيا ڏر ڏوندي آئيا.

[۹]

ڪوهه نه جهاريين جڪرو، جنهن پياريا پٿيي ✓
صورت سمي چام جي سنگهي ڪونه سٿيي
تن ويئي لٿڪ لٿهيي، جن گنگا جر گڏيو.

[١٠]

ڪوهُه نه جُهارين جڪرو، جو سمون سَٽرُ سٽين
دائم جنهن جي دَرَ تي، ڀيا آسائتو اچن
ڀيٽو طهورا تن، جن ڪنگاجر ڳڏيو.

[١١]

ڪوهه نه جهارين جڪرو، جو سمنٺون سلطان
آسائين "عيسو" چئي، ميرن لڌو مانُ
ڳڏيو تن گمان، جن ڪنگاجر ڳڏيو.

[١٢]

جن ڪنگاجر ڳڏيو، تن اکين ڀيو نينهن
سندو موتين مينهن، ان تان جال وسايو جڪري.

[١٣]

ڏنم ڏاتار ڏسن جا، جيُ تا نيٺين ڪن نهال
تو تري هيڪڙو، آئن اِيءُ احوال
اچي "ميران پور" ۾ مڱڻهي، حاصل ڪيو حال
کهڙي ڪريان ڳالهه، شاهه تنهنجي شانَ جي.

[١٤]

ڪامڻ چيو ڪنتَ ڪي، پيرو پيَجُ ۾َ يانَ
وَجُ "ميران پور" مڱڻا، جت ڪيرت پڇي ڪانه
ڪونيو ڪري ڪيترا، اڻ ڳڻيا احسان
ساماڻي سلطان، ڀڳي ڏُهرت ڏيهه تان.

[١٥]

ڪامڻ کهي ڪنت کي، هاڻي حيلا ڇڏ
"ميران پور" ۾ موجَ تي، وانءِ سلطاني سڏ
جيت ٿئي واصل سيڪو، توڻهي وڃا ڏَڏُ
ايءُ پر هڻهي نه هڏ، ڪامل ري ڪيٺهين.

[١٦]

پانڊپ سين نہ پاريان، سهسين پيا سردارَ
مثل آهي مينهن جيئن، سخيءَ تنهنجيءَ سارَ
حاتِم هفت هزار، جهڙ تنهنجي جهپيا.

[١٧]

جهڙَ تنهنجي جهپيا، هزارين حاتم
جي ڪوجهن جا ڪم، سي ڪامل ري ڪير ڪري.

[١٨]

جِهڙُس ڪونہ جهان ۾، سِنڌ، سُورت، هِند هوءِ
وڃي رَهِہ "رنگريز" چئي، لڌي تنهن ۾ لوه
جو گهنگهريو گهٽيءِ پرڏهن، چڱو سيکهين چوءِ
مُنهن پنهنجو منگتا، ٻئي در ڪهين نہ ڏوه
شفيع چام سندوءِ، مانَ پسيءِ حال هٿ ڏري.

[١٩]

جهڙس ڪونہ جهان ۾، سنڌ، سُورتَ، هند هاڻ
وڃي رهہ "رنگريز" چئي، تن پالڻُون ساڻ
در دانا مَنگ مگڻا، ٻئي جي سڌهہ مَ ڪاڻ
پاڏُوندرُ پاڻ، مانَ پسي حال هٿ ڏري.

[٢٠]

پاڻ ڏٺيءِ پيدا ڪيو، جڪرو جوڙي
ڪيهڙَ جيئن ڪنر ڪنيو، ٿو مٿلُ مُڇون موڙي
جڏهن گهوٽ چڙهيو گهوڙي، تڏهن عالم آسودو ٿيو.

[٢١]

جڪرو مڪرو، پيا سڀ آنيراء
جيئان جڙيو جڪرو، تيئان نہ پيا
ميٺيءِ اِنَ ماڳيا، اصل هٿيي ايتري.

Scanned with CamScanner

[٢٢]

جيان گهَٽِڙيو جڪرو، تنهن مِٽيءِ ڪونهي مُلهه
بادشاهه پيدا ٿيو اَصِلي آمُلهه
گهَرَ مُڙني گلُ، ڏني جنهن ڏُهرت لٿهي.

[٢٣]

سَمّون سوالين سين، هَڏَهين نه هيٺون
ونڊي ٿو وڙن سين، خالق خزينون
جي سُٿيءِ جا سيڪڙو، تن ڏُيو ڏي ڏِريٺون
ٽيلاهه نيٺنٺون، گهر ڪنگاجر جڪرو.

[٢٤]

سَمّون سخاوت جِي، آيو پاري پَٽَڙ
ڪوٺيو ڪنگالن کي، ڏئي دلاسا دَڙَ
مٿي وِلِهيَنِ وَڙ، ڏينهاڙي ڏاتار جا.

[٢٥]

صِفون سوالين جون، راءِ وٽ راتو ڏينهن
آئندو تيئن اوت ڪري، جيئن منڊائتو مينهن
قرض ڪڍِيين تون ڪيئن، داتا هوندي ديس ۾.

[٢٦]

صفون سوالين جون، راءِ وٽ رات ڏينهان
ٻَڌيو ماڻڪ موڙيون، ڏئي تو گهوٽ گهَران
مسڪينن تي مَوجَ ٿي، داتا جي دران
پِيا تن پران، جي ڏيئي تها ڏاتار سين.

[٢٧]

صفون سوالين جون، راءِ وٽ رِهائي
ٻَنسين جي ”ٻيرو“ ڇٽهي، هلي هوتياڻي
جو ڏيڪاري ڏڏن کي، خزاني ڪاڻي
ڏارَ ڏِيون ڏينهاڙي، تو پُڄاءِ گهوٽ گهڻن جون.

[٢٨]

آءٌ طاماعو تو در پنهان گهُريو پٽِ
توڙان طالبن کي، آڇين پَهُون ۽ پُوٽِ
ڏيئي مرتبو معنوي، جياريو جڳٽ
تون ڏاتارن ڇٽ، آجهو اهوجهن جو.

[٢٩]

* گنگاجرَ جي گام ۾، جي وڃي رات رهيا
مانڪ ميڙي مڱڻن خزانا کنيا
جي ويلي سر وهيا، تن کي جُکِي جان نا ٿيئي.

[٣٠]

* گنگاجر جي گام ۾، جي پهتا پري پيرَ
تن کي سندا گتوُرن گير، ٿي راهوء رات بخشيا.

[٣١]

گنگاجر جي گام ۾، وڃي ڇو نه وِهين
حقيقت پنهنجي حال جي، سمي ڇنج صحيح
پاجهائي پٽِي، مانَ اکيون کٿي آس جون.

[٣٢]

* گنگاجر جي گام ۾، وڃي گڏ گُذار
جي تو اوسيڙو اڻ هوند جو، ته گهوريو هٽ مَ گهار
آيو ”آمن“ چئي، ناکس کيم نهار
جادم جام جُهار، ته ويلڙهه وَڃئي وِسرِي.

[٣٣]

جادم نه جکروُ، نه گهر گنگاجر
تو سندي تر جيتري، کنهن نه پاري پر
آيا ”ميران پور“ مڱڻا، ساز کيائون سَر
تن کي تنهنجو در، اٺئي پهر اکين ۾.

صدا

سِڪُون سڄڻي پنيُون، او اڱڻ تو آئي
١- جان ڏٺائون پيرَ جان ڏٺائون پيرَ
مٿي اڱڻ آئيا، سونهن لڳا سيرَ
٢- يا ربَّ يا ربَّ توکي مڱان
توکي مڱي جي مٿان نينهن سيڪو تان
٣- ڪوسو واءُ نه واريين، آلا آلا ڪمڇَ وَٽن تان
اي آهُ سَڳر لڳڙي، اي سات جي سونهان.

سر پورب

صدا

سڄڻ مَتَنِ منجهان، مون کي آيل ويا نه وسري
او سيڻ ڪيئن وِڃَن وسري، آيل اکين جي ڏِٺا
١- جهڙا وڃن وسري تهڙا تان نه هئا
٢- ڳجهي ڳالهڙين سين منهنجو موهي مَن ويا
٣- سڄڻ ڳالهڙين جا ڳُجهاندر هئا
٤- درماندي دل جا منهنجا دارون دوست هئا
٥- هتَرو هنيارين ۾ تا آئين پلو مان پريا.

بيت

[١]

پورب پورب تب ڪران، جب هينئڙي آوَنِ پُورَ
سِڪندڙي کي سڄڻان، نِڪون وهايون نُورَ
مارِيتس تنهن مذڪُور، جيئن ساڄن سُڄي نه ملي.

[٢]

پوربيا پُوري ويا، آسڻ آڏيءَ رات
سُئيُون سناسين جون پچارون پرڀات
جوڳي ڪا جا ذات، مِٽ نه معذورين جا.

[٣]

جُوءِ جمڏانهين جوڳيين، منهنجا نِت تيڏانهين نيڻ
آيل آديسين جا وِرهه تيڙَم وڻ
ڪري سنياسي سيڻ، هينئڙي حال پرائيو.

[٤]

جُوءِ جيڏانهين جوڳيين، منهنجا نيڻ تيڏانهين نِتِ
آيل آديسين کي ڏي چاڙهيڪا چِتِ
سامين جو سنگت، ساريو ٿِي سُورَ چَران.

[٥]

تنئين مَڙهه نه اڏيا، جِتِ جوڳي جي هٽا
ويا هينئن ويا، راول رَتين ڪپڙن.

[٦]

جان مڙهيءَ ۾ مُنهن پائيان، تان جوڳي ويا جامير
ٻيا پوڇيندس ڪير، دُڏانهن دُوپ دَري.

ڌُوڏانهن [٧]

مَڙهه پوريا، ماٺ ٿي، تڪيتن ناهه تنوار
وٺي ڳٽيان آنِ جا، مَٿي اڳڻ پار
سامي سڀ ڇمار، ڏيئي ڏک وات ٿيا.

[٨]

اَلف جنهن جي اڳَ ۾، سا سِٽَ ساريائون
لَڙيا ڪين لِسان ڏي، قلبئون ڪيائون
”لامَقصُود فِي الدارَينِ اِلاّ اللهُ“ اِن پَر اوريائون
سِگهر سوريائون، ٿيا رَسيلا رَبّ سين.

[٩]

’الف‘ سَندي اڳ ۾، سُجهي ڪونه شَرِيڪُ
ڇوڏِس سڄڻ سامهون، اندر روح رفيق
تَنَ ۾ جو تحقيق، سو سڄاتائون سپرينِ.

[١٠]

”وَحدَهُ لاَ شَرِيكَ لَهُ“ تا نانگا نِهارين
”وَفِي اَنفُسِكُمْ اَفَلاَ تُبصِرُونَ“ اِها سِٽَ
سارين
ڪنهن ويلَ نه وسارين، تا پَسيو پَسَن پرينءَ کي.

[redacted]

"وَحدَهٗ لاَ شَرِيڪَ لهٗ" تا نانگا نهارين نِتِ
سِڱِيءَ جا سُورَ جِي، سا چوري رکيائون چِتِ
هَلِي ويا هُتِ، جِتِ نه هٿن جو نِجهُرو.

[١٢]

✓ نه هٿن جو نيجهرو، نانگن نِهاريو
آديسي لنگهي ويا اورئين آمارو
سامِيُن سوارو، سبق پڙهيو سُورَ جو.

[١٣]

✓ سائِي هيٺ، سائي بيٺ، سائي ڪَمرَ ڪسو
جوڳي جُنبي هليا، ڏيئي تَنَّ تسو
* راهَ آن جي رسو، جن ذات نمايو نانءُ سين؟

[١٤]

✓ سائِي هيٺ، سائي بيٺ، سائِي ڪن ڪَلهَن
ٻيون ڏنائون ٻين کي، اِيءُ وَهُه ويراڳين
* آتِ تا بيڪارِي ٻڪَن، جت ناهِ نهايت نينهن جِي.

[١٥]

✓ سامين سُور پرائيو، اچان رَتِيءَ رهه
پيئنديئي پُر تيا، وَتِي سندي وهه
مال نه موهيا ڪاپڙي، خاڪَ خزانو ڪيه
ڏوري ڏوري ڏيهه، وڃي نانگا ڳڌيا ناتَ کي.

[١٦]

ڪامِي ڪامي پرينءَ لئي، ڪُسي ٿيا ڪباب
تون ڪيئن پُڇين تن کي، سندو ذوق جواب
ڏيو دل کي داغ، وڃن "ڪيئن" ڪلهي ڪيو.

Scanned with CamScanner

[١٧]

سامي چاڙهين سڪ طلبين، سڪين نه سامي
اڃان اوڙهين پنڌ ۾، تان ويٺين وسامي
گوتن تون نه ڳڏيو، تو چاڙهين انعامي
سامي سُڌامي، پوتو رَهِجُ پرينءَ سان.

[١٨]

ڀِڄُ ڏِٻي، ڪر ٽُڪريون، ڪيدائون ڪانءِ چِتِ
جوڳي جُنب جابان ڏي، مڙهي مُور م آڏِ
وانءِ ٽنبي جي سنڌِ، جي نِڱيا ”نانڪ“
ڪلهي ڪري.

[١٩]

ڀِڄُ ڏِٻي، ڪَرِ ٽُڪريون، ڪيدائون نيڻي ڪانءِ
ڪر ٽنهن ۾ ٽڪيو، جيتِ نيسورياڻي نانڪ
پيهي منجهه پريان، فنا ڪج فڪر ڪي.

[٢٠]

چَڪَرَ، چوتا، چيلهه بند، پٽسُ آڏوتيي آسڻ
ڪوڙرا، چلم، ٽوپيون، تن جا بِرهه جا باسڻ
سُتا ڪين سڪ ٿي، سامي سنگهاسڻ
”تخلقون باخلاق الله“ اي لاهوتين لڇڻ
جن ڇڏيا ڇيتِ ڇڪڻ، سي نانگا نينهن نماز ۾.

[٢١]

ڇڪر، چوتا، چيلهه بند، پٽسُ بابو بيڪاري
سُورَ ڪمائون سامهان، ڏيئي ڏيکاري
”لقد خلقنا الانسان في ڪبد“ اي
آئين اوساري
تن سامين ڪي سنسار ۾، واري وو واري
جن ڪُڙه اندر ڪاري، سي نانگا نينهن نماز ۾.

[۲۲]

✓ چڪر، چوتا، چيلهه بند، تن هنيان لاهيا هٿ
✳ آيا پرين پار ڏي، سامهي ڏيئي سٿ
سُرڪيون سُورن گاڏيون، ويٺا وتين وٽ
جي اندر گهايا گهٽ، سي نانگا نينهن نماز ۾.

[۲۳]

چڪر، چوتا، چيلهه بند، پٽس ڪته ڪابولين
آٺو پهر اندر ۾ وهه وهه ويراڳين
سچر سُور سرير ۾، آهن سه سه سناسين
جي پي ڪاٺه پُڄهن، سي نانگا نينهن نماز ۾.

[۲۴]

* پنن جو پٽ ڪٺي، سو جي سچائن
ته بتر منجهه بيمک لهن، پٿر نه پنن ڪاپڙي.

[۲۵]

پيرن جي پرڏيهه ويا، ڪانگا سيئي ڪوٽ
جنين ري جهان ۾ اکڙين آروٽ
ميان لڳ "محمود"، چٽي ڪج ڪاراچون ڪوٽ
ڏمريا ڪنهن ڏوٽ، سي آڏامي آڻ پرين.

[۲۶]

ڪانگا ڪر ڳالهڙي، ڪنهن پر گڏيو پيءَ
آکنديو آهون ڪري، جانب ڪارڻ جيءَ
سليج سکو تيءَ، لڱون ڪين ايندا پرين؟

[۲۷]

ڪانگل قربن جا، اچي مون وٽ ويهه
تون جو ڏسي آئين، سندو سيڻن ڏيهه
سڪن منجهه ساڻيهه، ڪين سُکيا ڏٺئي سُپرين؟

[۲۸]

ڪانگل قريبن جا، آڏاڻءُ لڳ الله
آءُ جو ڏيانءِ سنيهڙو، سو سانڍج برابر ساهه
ڳجهه اندر جي ڳالهه، ڪنجُ مَ قريبن ري.

[۲۹]

ڪانگل قريبن جا، اچي واءُ وڻ
تو ۾ ٻوءِ "بلاول" چئي، مشڪَ ڪٿوري مڻ
اچن تو عجيبن جو اورانگهيو اڱڻ
توکي ڏسي تنُ، سُورنهُون صاف ٿيو.

[۳۰]

سُورَنهُون صاف ٿيو، تن پسي توکي
بيٺين چو "بلاول" چئي، ڇانئين ڀر چو ٿي
چڙهيو ڏيلُ ڏوکي، اچڻ سان عجيب جي.

[۳۱]

ڪونيو ڪُوڪيو ڪانگ کي، رويو رويو چوءِ
آءُ جو ڏيانءِ سنيهڙو، سڻ تون آڀي سو
ڪنهُ، مون چتيو جو، ڪيئن چوندين پرينءِ کي.

[۳۲]

پيو آهين پٽَ ۾، ڪانگا ڪوهه ٿيوءِ؟
اڳ آس ته ڪونه سهين، اڄ سارو ڏينهن سنٿوءِ
پسي حال سندوءِ، ڪانگن ڪانگيرو ڪيو.

[۳۳]

ڪنهن دَرَ ڏيان دانهڙي، پورب مارياس
متيون ڏيندي لوڪَ کي، چري پاڻ ٿياس
جنهين نه جهپياس، لڪون لڳي آنَ سين.

[۳۴]

✓ مٿي راهه رَوان ٿيا، پورب پُوريائون
ڪا جا اورَ عجيب لٿي، اندر اوريائون
پيا گهرَ گهوريائون، هڪ رامُ رکيائون روحَ ۾.

[۳۵]

* جوڳين سندي ذات ڪي، ويسُ نه وڏائي
جهجهي ڌوڙ لڱن ۾، ڇتن ۾ ڇائي
مٿائي وائي، سامي صبر سکيا.

[۳۶]

* جي پائين جوڳيي ٿيان، ته طمع ڇڏ تمام
گولا جي غلامن جا، تن جو ٿيءُ غلام
ته نانگا تنهنجو نام، لکجي لاهوتين سين.

[۳۷]

نانگا وڃن نڱيا، تون ويسلي مَ ويهه
ڇنو سڱ سناسيين، ڏيهه ڇڏيو ٿي ڏيهه
”صادق“ ويا ساڻيهه، سي ڪرمين ملندئي ڪاپڙي.

[۳۸]

آڄ نه اوطاقن تي، جاڳر جوڳين جو
ساري سناسين ڪي، جي رُوندهين ته رو
پس پاسيا تو، ڪر لاهو لڏي ويا.

[۳۹]

آڄُ نه اوطاقن ۾، سندي جوڳين جوڙ
آيل آديسين لٿي، ڪامي ٿيس ڪوڙ
من جٺيي جي موڙ، سي نانگا ويا نڪري.

[۴۰]

آڄ نه اوطاقن ۾ طالبَ تنوارين
ويا ويراڳي نڪري، مڙهيون مون مارين
جي جيءَ ڪي جهارين، سي نانگا ويا نڪري.

Scanned with CamScanner

[۱۴۱]

آڄ نه اوطاقن ۾ ونهيان ويراڳِي
ساري سناسين کي، جيجان آهه نه جاڳِي
وِرِهه جن جي واڳي، سي نانگا ويا نڪري.

[۱۴۲]

آڄ نه اوطاقن ۾، تازا پسجن ڪتڪّ
ويا ويراڳي نڪري، پيٺي آڏامي رَڪّ
تن جن جي تڪت، سي نانگا ويا نڪري.

[۱۴۳]

اوجل ڪوتا نڱيا، چڪڙي چنائون
سڱا، سيلهيون، سڱيون، نال نه نيائون
* اتي چيائون، ته آهي ٻُود نابُود ۾.

[۱۴۴]

ڪُهنا ڏنم ڪاپڙي، ڪُنڊا جن ڪپار
عمر سڀ چمار، اوريندي آئي وِيا.

صدا

ڪڏهن سي ايندا، آديسي آسڻ تي
۱- ويٺي نيتِ نهاريان، وو وو سامي مون نيندا
۲- جاڙا ڪنديس جوڳيين، وو وو آهه آيل اميدا.

صدا

مون کي تو منگهٽ ماري، جيجان جوڳيڙن جو
۱- ڪا جا وائي وات ويراڳين جي، سا نه سلائين ساري
۲- جٺاڏون جاڙن تي، آيل وار وڏاڏون واري.

صدا

سي ماءَ سامي مون، ويروتار نه وسرن
سي ماءَ جوڳي مون، ويروتار نه وسرن
١- رَميِي گـڏيـا رامُ کـي، ڏوري ڏاڍڙي ڀُون
٢- آلتڪَ آڪڙين ۾، اوءِ ٿـا ٻولين تون هي تون
٣- روح رتائون رام سين، ٿيئَن ٻاجهه ڀهون.

صدا

ٻلا ٻاروچـا، موٽـي منهنجي سار لهندا
١- اِي پر ٻاروچـن جـي، جٿن هـي ڪميٽي نيندا
٢- ڏکيءَ کـي ڏکـن ۾ مُور نـه ڇڏيـنـدا.

صدا

هنيُ ويٺين منجهه وِڙال، آن کي گڏيا هوت منهنجا
١- ماءُ منهنجي جـوڳيئين، ڪَنّهين ڪُنّرَ لال
٢- ڪکوريائون ڪپڙا، آهل رَتائون رومال
٣- ڪِڏي هنئين مان ڪاپڙي، اوءِ لَڏي هليا لال.

تار = ٻاڏ گيري، تانگهه
وير: وقت، مهل، ويل

Scanned with CamScanner

سر ڪاموڏ

صدا

يلا الله اي مولي هيٿن، من رتو چامَ تماچيءَ سين
اڏيءَ اوڏي نا ٿهي ڪچل را او وو نه ڇتائين
يلا الله سي مهي مورائين، من رتو چام تماچيءَ سين
١- ايڏي اوڪرَ آئيٺي مَتَچُ نه پيو مهي، هي جي آيا واسنگي
پورن پمن ڏي
جيءَ ڏنائين جيءَ سمي اريءَ تي، جيءَ ڏنائين جي سمي اريءَ تهي
يلا الله اي مرڪيي مهاٽـي، هيءَ جا سمهي چام سماٽـي
يلا الله مهي مورائين من رتو سمهي چام سين۔

بيت

[١]

اچي ساءُ سرودَ ۾، ڪيجڙي جو ڪاموڏ
مٿي ڪنورَ ڪڪوريا، هيٺ لهرين لوڏ
جيٿن سمي گهر گندرا، تيٿن لاڪي گهر اوڏ
تماچي تنبور، تـي رات وڄايا ريلَ ۾۔

[٢]

تـڙ تماچي آئيو، وري ٿي وراڻ
ڪينجهر ٻنهين ڪنڌئين، ٿي راتو ڏينهن رهاڻ
جيلان پرچي ويٺو پاڻ، تيون مرڪن مڇيءَ واريون۔

[٣]

تڙ تماچي آئيو، تماچي تڙ راءِ
تماچيءَ جي تڪيي، تون تماچي ڳهاءِ
تہ تماچي مُلا، تون تماچي تيين.

[٤]

مَٿرڪن ملاحن جا، مَٿي پاندين پار
ننڍيين وڏيين گندريين، پوئي پاتا هارَ
وڏي چامَ چمارَ، جنهن اچي انعامي ڪيا.

[٥]

مهي مهاڻي مڇيءَ هاڻي، ميري ملاحڪيي ڏيءَ
گاڏي چاڙهي گندري، نيئي نوازيئي جيئن
مون تان ڪج مَ نيئن، مڇڻ ڪوجهي چونم
ڪي پيون.

[٦]

مهي مُهاڻي مڇيءَ هاڻي، آءٌ ميري گهڻو مَلاحَ
مون تان پاڄهہ مَ لاهہ، مڇڻ ڪوجهي چُونم
ڪي پيون.

[٧]

مهي مهاڻي، مڇيءَ هاڻي، ويٺي وجهان واجهہ
مون تان لاهہ مَ پاڄهہ، مڇڻ ڪوجهي چُونم
ڪي پيون.

[٨]

جهنگ

مهي مهاڻي، مڇيءَ هاڻي، سندي جنگ جهبير
ري سُهاڳڻ تنهنجي، مون کي چاڙهي ڪير
مُونهان مُنهن مَ ڦير، مڇڻ ڪوجهي چُونم
ڪي پيون.

Scanned with CamScanner

[٩]

ٽون سمون، آءٌ ڳنڍري، مون ۾ عيبَ اپار
پسي ميڊڪا ڀار، متان مان گهر مٿيين.

[١٠]

ٽون سمون، آءٌ ڳنڍري، مون ۾ عيب ويهه
پسي ميڊڪي ڏيءِ، متان مان گهر مٿيين.

[١١]

ٽون سمون، آءٌ ڳنڍري، مون ۾ عيبَ لکّ
پسي ميڊڪا ڪکّ، متان مان گهر مٿيين.

[١٢]

متان ڪيي مَنُ لوڏيين، سڀ پاريندو ٻولَ
نندين وڏيين ڳنڍريين، هڏ نه ٿيندا هول
ڪينجهر جنهن ڪان جهول، ٿيو معافي ملاحن ڪي.

[١٣]

سمون سيڻئون اڳرو، سمي ڪونهين مُلُ
جنهن وڌو راهه رَمزَ سين، ڪَهُ لاهي ڪُلُ
پکهي پکهي ڳجريين، ٿيو هاڪامون ۾ هُلُ
جتن اندر آهُس آمُلُ، سي اڱڻ تماچي آئيا.

[١٤]

سمون سيڻئون اڳرو، سمي ڪونه جيهو
جنهن وڌو راهه رمز سين، آپڙ عشق اِهو
جنهن لڌو نينهن نيهو، سي اڱڻ تماچي آئيا.

[١٥]

سمون سيڻئون اڳرو، سمي ڪونهين ثاني
جنهن ڪيو جهنگ ۾ جلوس سين، آهُس عُرفاني
تڙ تڙ تماشو ٿيو، نيرمل نُوراني
جي فڪرَ منجهه فاني، سي اڱڻ تماچي آئيا. *

[١٦]

سَمُون سينڌُون اڳرو، سمون ساڻ سَيِن
جنهن ظاهر ڪيو ظهور ۾، سَچيو صورتن
اچي پيئي اڳري اِيَ محبّت ملاحن
جي وچان پاڻ وڃن، تن اڱڻ تماچي آئيو.

[١٧]

سَرَ ۾ سپ سهاڳڻيون، سيني ڳچيءَ هارَ
پَسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، سيني ڪيا سينگار
ڏولُ تني جي ڏار، هيٺاهيون هلن جي.

[١٨]

سَرَ ۾ سپ سهاڳڻيون، سيني ڳچيءَ هَسَ
پَسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، وڏائي ڪن وَسّ
ڏولُ تني جي گسّ، هيٺاهيون هلن جي.

[١٩]

سَرَ ۾ سپ سهاڳڻيون، سيني ڳچيءَ طوقّ
پَسڻ ڪارڻ پرين جي ڪن وڏائي ٿوڪَ
ڏولُ تني جي جهوڪ، هيٺاهيون هلن جي.

[٢٠]

سَرَ ۾ سپ سهاڳڻيون، سيني مُنهن جران
سيني ائين پانئيو ته اهندو مون گهران
پيٺو تن دران، جي پسي پاڻ لڄائيون.

[٢١]

سَرَ ۾ سپ سهاڳڻيون، تنهن نُوريءَ نينهن نيّون
جنهن کي ساهه سنهيون، تو تنَ ۾ تماچي تَراي.

[٢٢]

سَرَ ۾ سپ سهاڳڻيون، تنهن نوريءَ نينهن آپار
جنهن کي ويروتار، تو تنَ ۾ تماچي تَري.

[۲۳]

* ☆ سترَ ۾ سڀ سُهاڳڻيون، نوريءَ وڏو نام
وِڄائي وَجودَ کي، جانَ رکيائين جام
تماچيءَ تمام، نورَ نُراري ناهه کا.

[۲۴]

نَڙا، نَتَر، پيڙيون، جن جا سڻائون سُونا
تن کي لوئي چام هڻن سان چندن ۽ چُٺا
سي کينجهر پنهين کنڌئين ڏسن کين ڏُٺا
هُو جي ڏيندا ڏَنُ هُئا، سي اِن پر انعامي ٿيا.

[۲۵]

نَڙا، نتر، پيڙيون، جن جا تالڪ ترين پِيَنِ
تن کري ڳالهيون ڳجهيون، چامَ کوٺيو
منجهه کَنِ
جن ڏنا ٿي ڏَنُ، سي ان پر انعاميي ٿيا.

[۲۶]

وڏا طالع تن جا، نُوري جن چائِيي
لکين پانهين جاچُکين، منجهه ڳُجهن ڳائِيي
اڳيان اچي ان جي ڇڏي وجن وڏائِيي
سڀ جَڳَتَ ساراهِيي، جي جيڏس کونه جَهانَ ۾.

[۲۷]

وڏا طالع تن جا، نوري چائي جن
پلنگن پير ڏيو اچيو چام وِهن
متي ملاحن، ٿو تيرُ تماچي نه سهي.

[۲۸]

تخت، بخت، تڙ، تماچي، نُوريءَ کي نيمن
پِتَن پِنيون، کُمَ کُريون، متي جَرَ جهرکن
سهسين راڄ، ”سيد“ چئي، پاسي تنهن پِتَرَنِ
سي ملاحَ ٿي مرڪن، جن جو صاحب سلطان سان.

Scanned with CamScanner

[۲۹]

ڪٺيو ڪٿوري، هيءَ مهي مڇي ماري
مرڪ جنهن جي مائٽين، ڪاري ۽ ڇاري
سا تخت مٿان ٽوڙان ئي آٿهي آڏاري
ڪوڏان ڪرمشون ڪيان، هُو جي هزاري
جيلان عشق آچاري، تهي ڄارو ڄام هٿ ۾.

[۳۰]

عشق آچاري، تسي ڄار هٿ ۾ ڄامَ
سي ئي ٿيا انعام، ڪامِڻ جي قربائتا.

[۳۱]

ڪوه ستميون، ٻن سومريون، جي اچن اونچي ڳاٽَ
متر سي ڪينجهر ڄائيون، تماچيِ جي تات
راٿهي مٿلا رات، ماڻڪُ مهي پرائيو.

[۳۲]

نه وڏي، نه وِڪڻي، نه ماري، نه ڏاري
آهن ستهن ساهميون، ڏُريان نه ڏاري
ڪارو وِڏائيمن ڪُهيہ ۾ نيرتٿون نِهاري
سائِي پر پاري، جا ستمهي گهر سپجي.

[۳۳]

نه ڪنهن ڄائو ڄامَ ڪي، نه ڪو ڄام وياءُ
نندِيين وَڏِين گندريين، ٿيو سمون ڄام سياءُ
”لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ“ اي نزاڪت نِياءُ
جو ”ڪيمُره ڪيُرِيا“، سو تخت تماچي ڄام جو.

[٣٤]

* آهي ٻن اکين ۾، ڪو جو ڪامڻ مٿي
تنهن نيڙ پاتو ٿي، تن تماچيءَ ڄام جو.

[٣٥]

نوريءَ ڪٽي نوازيو، ٿيو تماچي ٿي
گاڏي چاڙهي گندري، ماڙهُو ڪيو مٿي
ڪينجهر چوندا ڪي، ته سچ سياڻي ڳالهڙي.

[٣٦]

گند جن جي گوڏ ۾، ڪلهن سر ڪُڙهيون
آڙا پرين جي آڇيون، مٿن تن مُوڙهيون
سي اچن سنيوڙيون، سمهي جي سلامَ ٿي.

[٣٧]

ڪيڪيءَ هاٿيون ڪاريون، چيچيءَ هاٺان چٽجً
پاند جن جي پاند سين، لڳو ٿئي لٽجً
سمون ڄام سهج، آيو ڪري آن سين.

[٣٨]

ڄامَ اڳيان جي ڄاڻيون، تن جي نرت نوريءَ
ڪي نانهن
سي ڪينَ نه ڪاچ ڪنه، وچڻ ڪنه نه وِهان
ڪينجهر ڪنڌيون ڪانهن، جن جو تماچيءَ
تڪيو.

[٣٩]

ڪوڏان ڪرمش جيتِ ڪيا، گتجيو گندرين
راءِ ريجهايو ربلَ ۾ مرڪيي مهاڏين
آتِ سچيي رات سمّين، آيي نيڻ نچوئيا.

[۱۴۰]

هٿريا پٽ هوند سڦرا، رِي لِٽائي لال
ڪِهَ م ڪُڏَن گندريون، طرح وِڄايو تالَ
سمُون ڪري سنڀال، اچي تخت ويٺو تن جي.

[۱۴۱]

چار وِجهندِي چام، ڏِني ڍُونڍِيءَ منجهئِي ڍيل
نيائين تَنُ تماچيءَ جو، رُوحُ وَٽِي منجهه ريل
اکيون اکيين لڳيون، ٽيون ڪن ڪنوٽين جا ڪيل
جڏهن متَنَ ڪيو ميل، تڏهن نورِي ٿي ناز ڪري.

[۱۴۲]

چام تماچِي آئيو، مٿي ٽَڙَ تناه
اچي ڀِس اوچتي تنهن نورِيءَ تي نِگاه
تنهن کي گندري چوڻ گناه، جنهن جي جهوليءَ
چنڊ جهلِيو.

[۱۴۳]

آوَّل نورِيءَ ناز سان، ڪيو عرشَ آهاء
"صادق" چنڊ نه سِجُ هو، اِهو صورت جو شعاع
مهائيءَ مُهانءَ، ٿي تماچيءَ تنواريو.

[۱۴۴]

ڪُڙهيون ڪتنُوَرن هٿ م، چام ڪلهِي تي چار
رائين جِي راه پٽيِي، ڪيو شاه شڪار
** جڏهن عشق ڏنو آڌار، تڏهن تور ٽُراري اڳرو.

[۱۴۵]

ماڻهو چُونتم مِهي، آءٌ آهيڙياڻي آهيان
ٽورِي جي ٽرن جا، مونهان پليرا سي
چامَ تماچيءَ جي، نامَ نوازي آهيان.

Scanned with CamScanner

صدا

الله ڀلا تي توڙان ٿيي، مون مڱيو توهه تنهنجو
۱- آهه آڳليئي آهيان، وو ميٿن سنڌي مهي
۲- سميون سينٺان اڳريون، پانيان ڀليون سي
۳- ڀاند لڳوئي ڀاند سان، تو لڳو لتيج ڪري
۴- پاڻ لڄائيس پاڻ ڪان، متر طعنا ڏينم تي
۵- توکان ٿيي توکي مڱان، پيو "صادق" ڏيجُ مَ ڏي.

سُر ڪارايل

صدا

سانڍو
جي چاڙان جيڻن وينڌو، ساٿي ادا اي سپرين جي سانگ
١- تو سينءَ ويلو نه ڪريان، هوند وڻ وِهايان رات.

بيت

[١]

هنجهڙا ما پريت ڪرو، جا جَرَ سَرَ ڪَتَوَلَ ڪرين
لکين لهرين لوڏيا، تون رنگ نه مٽائين
پِرِهه پاپوهين، وِڇين وَنڪَ وترا.

[٢]

جانِ ڪو جيئين ڏينهڙو، تان هنجهه مَ ميرو وَت
گهنگهر وِجهه مَ گهٽ، سيرُ تان سَرَ ڪيترا.

[٣]

جي گهڻو ڪري نهارئين، هنجهن سين هيڪار
ته ٻگهن سين ٻهار، هوند ٻيلهه نه ٻڌين ڪڏهين.

[٤]

هاجَ تنهنجي هنجهڙا، ڪنڌيءَ ۾ ڪيهڙي؟
ڀِڻيون لاهه پاتارَ ۾، وڃين نه ٻيهي
مانَ گڏجن ڏي ڏيهي، جي سوڌيون ڏيئي خبرون.

[٥]

چاروھيڻيون ڪارو ڪري، تون لُڙُ ڪان لاٿڪ ٿيءُ
آڏام اڇي سامهون، تون پاڪ نِهاري پيءُ
چيلُڙ ۾ چُهڻِجَ هَٽِيي، جو ڪي وِجهُه مَ جيءُ
اونهون جت آڇو وَهي، پاڪ نهارِي پيءُ
هنجهه حضورِي ٿيءُ، ته ماڻِين ڪنول ڪولاب جو.

[٦]

جيتهي ڪُنرا لوڙهُون، جو پٽَيي ڏارِي
سو ٿـيي سَرُ ساري، رُنو رات هنجهڙين.

[٧]

جيتي ڪُنرا لوڙهيون، پيهَنِ مَن متيون.
آکيرون ڪيون، تهي سَرَ مٿي هنجهڙي.

[٨]

مورَن ماندائا ڪيا، سَرَ تهي سانجهيءَ وار
سٿون ڏيهن سيهَن ڪي، ڪارايل ڪنڌار
ماري نانگ آپار، وِهه پيتائون وَتِيين.

[٩]

موران موتئي ميهٽو، نانگ نه نويُون ڪن
ڪارايلَ ڪارنِ ڪي ڳارائيو ڳِهن
هيون ڏيٺي هَتَنَ، وِهه پيتائون وَتِيين.

[١٠]

وَڻ چڙهيو واهون ڪري، ڪارايل مُياس
ڪي تو چوريٰاس، ڪبي مون سچو ساريا.

[١١]

سيجُ لهي سانجهي ٿي، وڻن هنئي وَنڪَ
ساجن تنهنجي سيڪَ، موڙيو ماڪ نهاريان.

[١٢]

سيجُ لهي سانجهي ٿي، پکي پُونِ وَڻين
ساجن پنڌ گهڙي، ڪٿيو نيڻ نهاريان.

[١٣]

ڪٿيو نيڻَ نِهاريان، اچڻ ويلِ ٿيانِ
سونَ ورنا سپرين، لاڪيٽي لوڏانِ
اچي جا سيڻانِ، سا ڪيه ڪٿوري پانئيان.

[١٤]

پکي پکين جهڙو، پکي پکيان جي ذات
ڪا جا لتنئي لات، تيئن لهن ڪٿ قُلوبَ تان.

[١٥]

پکي پکين جهڙو، پکي پکيان جي ذات
سيئي سوجها سترَ جا، سيئي وَحدَتَ وات
باهُوتاڻي باتِ، لتلّهي ري ڪير ڪري.

[١٦]

سيپُون سوجهي آئيو، سائُو سمنڊ منجهه
ڏوري وڏي ڏک سين، گوهر لڌائين گنج
پکيڙو پيهي ٿيو سنڌو مانئر مَنج
جان هڏ جا نکي هنج، تان لعلون لکيون
نه وَهيُن.

[١٧]

سترَ سُڪي سالَ ٿيا، هنجهه هَريوئي پيرُ
ڪننگ ويچارو ڪير، جو رَسي اِنهيءَ رمز کي.

[١٨]

هيءُ سترُ آهو ٿي اڳيون، ٿا پکي پتوَن پيا
جَن لتيو لاتيون ڏنيون، سي هلي حقّ ٿيا
پاتوندر پيا، وڃي ڪوثرَ ڪنڌين.

Scanned with CamScanner

[۱۹]

هينئڙي سِڄڻَ سارِيا، ڪِٿي هوندم هيرَ
”وَ فِي اَنفُسِڪُمۡ اَفَلاَ تُبۡصِرُونَ“ پَڪين
اهي پيرَ
آڪيرو = واهيري جيءَ ويرَ، پَسان چَوڪس چِتَ ۾.

[۲۰]

هينئڙي سِڄڻَ سارِيا، ڪٿي هوندَم هيرَ
واهيري جيءَ ويرَ، اڇيو چِڻڪن چِتَ ۾.

[۲۱]

پيتا انت عَميق ۾، هنجهه نهاري هوءِ
ماڳُ جنهِين ماڻڪين، ريهَ تنهن ۾ روءِ
چوريائون چاءِ پٽِيي، خاطر منجهان خُوءِ
آمِلَ آڻي آءِ، هاريائون هن حدّ ۾.

[۲۲]

آهي اَنتَ عَمِيقَ ۾، سندو هنجهن هندُ
جوهرين جي جوءِ تي، آهن راتو ڏينهان رَندَ
چوريائون چاءِ پٽيي، آمل جو آرَند
جو پڻُ ڪڻن ڪنڌ، تہ پڻ موتِيي آهين مُنهن ۾.

[۲۳]

پيتا انتَ عَميق ۾، نڪونج ساڻ نِرت
ماڳُ جي ئي ماڻڪين، تڪيا ڪيائون تِت
چورياڻون چاءِ پٽي، موتِيي ماڻڪ مِت
هينئڙو آهي هُت، ڪٿي هاريائون هِنَ هندَ ۾.

[۲۴]

ويٺو جيئن وماسيين، حيرت پٽي مَ هنجَ
اونهون جِت عميق وهي، تِيان ڏوئِيي لاهِج ڏج
ساجهر صبوح سنجهه، اورج ڏون عَمِيقَ سين.

Scanned with CamScanner

[٢٥]
ويٺو جيئن وَماسيين، حيرت پئي مَ هڏ
لاتيون جي لباس جون سي ڇپائي ڇڏ
تَنِ طالبن گڏ، ته ويجهو ٿئين وصال کي.

[٢٦]
ويٺو جيئن وِماسيين، حيرت پئي مَ هاڻ
آونهون جِت آڇو وَهي، ماڻڪَ تيان ماڻ
تن طالبن تاڻ، ته ويجهو ٿيين وصال کي.

[٢٧]
ويٺو جيئن وماسيين، حيرت پئي مَ هور
اونهون جِت آڇو وَهي، گهڙي تيان ٿي گهور
ڏنيون هڏ مَ ڏور، ڪا سوجها ڪنج سمونڊ جي.

[٢٨]
لتهي لٿهي لاهُوت ڏي، تو نِڪونج نهاري
سوجهو ٿيو سَرَ جو، پيٺو پاتاري
آڻيو آڇاري، موتِي جي مِهراڻ جا.

[٢٩]
سَرَ ۾ پَکِي هيڪڙو، پاريڙين پنجاهه
سنڌِي آسَ اللهَ، تو لَڏي لهرين وچ ۾.

[٣٠]
هَنجَ سدائين ڏُٻرا، پَکِي ٻيا مڇن،
ماريءِ سنڌو مامرو، وِرهه ويچارن،
ڪنبن ۾ چُڻن، پڻون جي پاتار جا.

[٣١]
وِتيُن هٿِي وڃائيو، ليڙ جو هيٺ لئي
تيئان پيتائين پيئيون جائُون منجهه جيءِ
ٻوڙون منجهه ٻَهي، تو ڪنگ ڪچاڙيان پائيهون.

[٣٢]

ته سيپن ۾ ڪي سپجي، ٻگها ڪوهه ٻجهن
ڪنگ ڪانيرا ڪانئرا، اوڏهان ڪين اچن
سنڌي ذات هنجهن، مُنهن ڪوڙيو موتي چُڻي.

[٣٣]

ٻڪي پيهي نڱيا، منجهان لتن لڪ
ڪنهين ماڻڪ ميڙيا، ڪنهين رتا ٻڪّ
ٻيءَ لائي لڪّ، وڃي ڳڏيو هنجُ حبيب کي.

[٣٤]

جو سرُ ٻگهه وِٽاريو، ڪلُوريو ڪنگن
ايندا لڄّ مرنِ، تنهن سرَ مٿي هنجهڙا.

[٣٥]

آءٌ اڏامي هنجهڙا، سرَ ۾ ساريندئي
مڇيون ماريندئي، پاريڙين پُٺ ڪيو.

[٣٦]

سو ٻڪي، سو ٻجرو، سو سرُ، سو ئي هنجُ
پيهي جان پروڙيو، مون پنهنجو منجهه
تان ڏيلُ جنهن جو ڏنجهه، سو ماري ٿو منجهه ڦري.

[٣٧]

هنجڙو هيڪڙو، چُڻي ۽ چينگاري
ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، ٿو سانبيٽڙا ساري
جيڪا رضا ربَ جي سو پکيڙو پاري
وٽئون ويچاري، وڳرَ سڀ وَهي ويا.

[٣٨]

هلق هارا هنج ٿيا، پٽڪ ٿا سنوارين
تان تان تنوارين، صبح سنبهي هليا.

[٣٩]

صبح سنڀهي هليو، سيڪو پاڻو واڻيي پاڻ
روئي ڪن رهاڻ، هنجَ هليا ئي ڏينهڙي.

[٤٠]

سترَ پٺي سُڪائون، تين سانجهيءِ ويرَ
گهر گهاريندي ڪير، هيڪلي ري سڄڻين.

صدا

سائينءَ! ادا هو نينهن مَ ڇنيجاءِ
رَهيي رات ڀنڀور ۾ آئينُ صبح هليجاه
١- ڪجهي آهيم ڳالهڙي، اوءِ ادا آن سين نه ڪا جي
٢- آن وٽي وات ٿئي هي مانَ منهنجو ساه جي
٣- هنجهه جن جو هيرئون سي وڳر ويا وهي.

صدا

هنج آهنجڙي هيج هيج، ڪير اوريندي ٻگهه سين.
١- ماڻڪ چوڻو جن جو، موتيي سندن ڏيج
٢- ستر ۾ پٺيي سُڪاريا، رهي ڪيائون ريج.

صدا

هادي الو سائين الو، مون مَ ڇڏيجا
ور وراڪا ويڙيين، مون ڪرم ڪريجا
١- هن نينهن نماڻي کي اوهين ڪنهن گت گڏيجا.

سر ٻروو

بيت

[۱]

دانھن دردمند جي، ٻڌي ڪونہ ٻيو
اهڙو حال ٿيو، اچي عاشقن جو۔

[۲]

آڏو ٿيئين سڄڻا، وڃي نہ واءُ
تن منهنجي تاءُ، هوند نہ ڪيو ايترو۔

[۳]

ثابت ٿيا سپرين، ڪو مون اچي چوه
اندر رتُ نہ روه، پڌر وجھان پريتڻو۔

[۴]

هنيون سڪو ڪاٺ جيئن، وڍي ٿو واڍو
ڏکن ڪيو ڏاڍو، وهي واريءَ مُٺِ جيئن۔

[۵]

نالو ڳنهين نينهن جو، لڄائي آئون
مُونهان متاهون، قدمُ قريبن جو۔

[٦]

ماءُ ڦوڙائو مون ٿئي، ڪڏهين ٿئي سيٺانِ
ڪڏهين منجهہ وڻانِ، ڪڏهين ڏِڪين پڌرو۔

[۷]

سيندا مون جي سپرين، ڦوڙائي ويا
اندر آهي ڪا، سندي سيڻن ڳالهڙِي۔

[٨]

پاڙهين ميڙائو ڪَنِ، ڪڏهين ڦوڙائو
ڪڏهين چاڙائو، ڪڏهن سِڪي سِيرُ جيئن.

[٩]

"صادق" سيندا نہ سپرين، من گھُنڊي منهن گھُور
پاڻان ڏِيهُون پُور، سڄو ڏينهن سُوريءَ تي.

[١٠]

"صادق" سيندا نہ سپرين، ڪڏهن ڏکن ڏَنجهہ
ڪڏهن هِينئين منجهہ، ڪڏهن چِڪي پاڻ ڏي.

[١١]

اڄِ پيئم پاڻ سين، مَتَ مُوڙهي مانُ
سا سڄيئِي سُور تي، هوءَ جا چِتَئِي آنُ
ڪڏهين سيڻن سان، ڪڏهين نيهون پاڻ ڏي.

[١٢]

نالو ڪيئَڙو سڄڻين، جو وساريان وِهو
تان چُٽڪي چِتَ پيو، مُونهان لڪن پاڻ ۾.

[١٣]

وَڃُ تون وِسرِي، مون ڪي چيائون
اِي پَتَهہ ڪيائون، پوءِ سامهان ٿيا سپرين.

[١٤]

ڏيو ڏِيلُ ڏکن ۾، وساريان ويٺِي
مون سين ڪري ڏيٺي، آڻي ڏنائون اکهين.

[١٥]

آني گڏيا سپرين، جيتِ وسرِي آئون
دل ڇڏيون دانهون، ويٺي ويچاري نڪرِي.

Scanned with CamScanner

[١٦]

مون منجهان پڌرا ٿيا، مون ڪي وڃائي
سرتيون اِنَ ساهي، رات منجهان ٿي ڏينهن ٿيو.

[١٧]

”آلانسانُ سِرّي و آناسرّهُ“ جيتي چيائون
اندر ٿـي آئون، پڌر ٿيا سپرين.

[١٨]

وساريان وسار سين، سڀئي ڪيو سينَ
ٿيا نهارا نين، مون ڏانهن معشوقن جا.